# شمشير الحيدريءَ جي شاعريءَ جي لغت

مرتب:

**مير محمد پيرزادو**

**سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو**

حيدرآباد، سنڌ

2021ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيارا داري جي آن لائين ايڊيشن جو ڪتاب نمبر (4)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# شمشيرالحيدريءَ جي شاعريءَ جي لغت

مرتب: مير محمد پيرزادو

آن لائين پهريون ڇاپو : 2021ع

ڪتابي صورت: محمد رمضان ترڪ

**Catalogue Reference**
Pirzado, Meer Muhammad
Dictionary of Shamsher-ul-Haidri
Sindhi Language
Sindhi Language Authority

DICTIONARY OF POETRY OF SHAMSHER-UL-HAIDRI
By: Meer Muhammad Pirzado
Online 1st Edition: 2021
Layout: Muhammad Ramzan Turk
Tel: 022-9240050-3
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk,sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org

# ناشر طرفان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڪتابن کي ويب سائيٽ تي آن لائين ڪرڻ واري رٿا جو هي چوٿون ڪتاب ’شمشير الحيدريءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ تيار ڪري، آن لائين ڪيو پيو وڃي. شمشيرالحيدري پنهنجي لهجي جو منفرد شاعر آهي ۽ هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري نج سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي. شمشير، جيڪا به صنف، جنهن به پسمنظر ۾ لکي آهي ته ان کي لهجو به ان ئي ماحول ۽ پسمنظر جو ڏنو آهي. جيئن سندس گيت: ’جبل مٿي جهڙ‘ پڙهي ڏسجي ته ان ۾ به اها ڳالهه نمايان ملندي.

ڪتابن کي آن لائين ڪرڻ سان دنيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ انهن ماڻهن لاءِ سهولت پيدا ڪئي وئي آهي، جيڪي سنڌي ٻولي پڙهي سگهن ٿا. هن کان اڳ آن لائين ڪتابن جي رٿا جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجي جو ڪتاب ’اسان جي صحت اسان جو ماحول‘، اياز پاتوليءَ جو ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڪتاب ’ڪراڙ جا ڪنول‘ ۽ ’آثم ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ به اداري جي ويب سائيٽ تي رکيا ويا آهن، جن کي گهڻو پسند ڪيو ويو آهي.

هيءَ لغت اصل ۾ ’جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغتن‘ واري رٿا جو حصو آهي. هن رٿا هيٺ سڀ کان اڳ ’نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت‘ ڇپائي پڌرو ڪئي وئي ۽ ان جي سافٽ ڪاپي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ويب سائيٽ تي پڻ مهيا ڪئي وئي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي مشهور شاعر ’آثم ناٿن شاهيءَ جي لغت‘ پڻ اداري جي ويب پورٽل تي آن لائين ڪئي وئي آهي. جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغتن جا ست کن ٻيا جُلد به آن لائين

رڳو هيٺ ويب سائيٽ تي تڪڙو ئي رکيا ويندا. هن رٿا مطابق مختلف لغتون ۽ ٻيا ڪتاب بہ اداري جي ويب سائيٽ تي آن لائين ڪيا ويندا، جيڪي پڙهندڙن لاءِ مفت ۾ دستياب هوندا. اهي ڪتاب بنا ڪنهن معاوضي ۽ اجازت جي ڊائون لوڊ ڪري ۽ استعمال ۾ آڻي سگهبا. هن ڳالهہ جي بہ پڌرائي ڪجي ٿي تہ انهن آن لائين ڇاپن مان پنهنجي تحقيق ۽ تحرير لاءِ جيڪڏهن ڪي حوالا ڪڍبا تہ انهن حوالن ۾ مرتب ۽ هن اداري جو ذڪر ڪرڻ ضروري هوندو.

هيءَ لغت سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر ۽ محقق مير محمد پيرزادي پاران تيار ڪيل آهي، جنهن شمشيرالحيدري جي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيل ڏکيا لفظ ۽ اصطلاح چونڊي هيءَ لغت تيار ڪري ڏني. شاعر انهن لفظن ۽ اصطلاحن جو جهڙي نموني استعمال ڪيو آهي، اهي شعر بہ هن لغت جو حصو آهن.

اسان کي اميد آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا هن رٿا مان ڀرپور لاڀ پرائيندا ۽ جيڪي سڄڻ آن لائين ڪتابن جي سلسلي ۾ ڪي پنهنجون صلاحون ڏيڻ چاهين تہ انهن کي ڀليڪار ڪيو ويندو.

15 نومبر، 2021ع
حيدرآباد، سنڌ

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**
چيئرمئن

## آبِ حيات

نظارن جي بيتاب خاموشين ۾
پگهرجي پيا نور جا آبگينا.

(لاٽ: 1، 43)

**آبگينا:** پاڻيءَ جي جمع ٿيڻ جي جڳهه، ماخذ، نيڻ

نظاري جي بيتاب خاموشين ۾،
پگهرجي پيا نور جا آبگينا!

(لاٽ: 1، 43)

**آب ورنگ:** آب تاب، ڏيک ويک، پاڻي ۽ رنگروپ، خوبصورتي، ڪيفيت

اهو زرتا پوشاڪ جو رنگ آب ورنگ،
اهو منهنجو حسنِ نظر ئي تہ آهي.

(لاٽ: 1، 13)

**آثار:** اهڃاڻ، نيشان، ڏانڌا

فضا ۾ خوف جا آثار سڀ هئا پيدا،
سڄي جهان جا انڌيرا اتي هئا باهم.

(لاٽ: 1، 1)

**آپبيتي:** آتم ڪهاڻي، پنهنجي زندگيءَ جو احوال.

ماجرا ساڳي هئي، دل جي ڪٿا ساڳي هئي،
آپ بيتي هن جي، منهنجي بر ملا ساڳي هئي.

(لاٽ: 2، 86)

**آڇڻ:** پيش ڪرڻ، ڏيڻ، صلاحڻ

ڪنهن کي آڇي فطرت هئي
سندس عظيم الشان جو تحفو!

(لاٽ: 2، 36)

**آخرش:** آخرڪار، نتيجي ۾، ما حاصل

آخرش پڙڪي اُٺي دوزخ جي آڳ،
يعني مرڪي پيئي جنت جي ڪنيز!

(لاٽ: 1، 16)

**آد:** انسان جي پيدائش کان وٺي، ڪائنات جي ابتدا کان

تون نہ ٿو ڄاڻي تہ مان وقت جو فرزند آهيان،
منهنجي لئہ آد کان هي راند جو ميدان آهي!

(لاٽ: 2، 56)

**آد ڄڳاد:** قديم زماني وارو، اصل زماني وارو.

جبلن پنهنجا آد ڄڳادي اڻ ڪٽ،
اڻ ملهہ برف ذخيرا ڳاري دريائن ۾ اڇلڻ شروع ڪيا.

(لاٽ: 2، 37)

**آدمزاد:** انساني پيدائش ۽ واڌ ويجهہ جو شروعاتي ايڪو آدم جي اولاد

زندگي تقدير جو تحفو سهي،
موت آدمزاد جو ورثو سهي!

(لاٽ: 2، 61)

**آڌي مانجهي:** رات جي تقريباً اڌ گذري وڃڻ وقت، جڏهن ڪڏهن.

آڌيءَ مانجهيءَ سنجهہ واري
رڙهندو هلجانءِ پير واڏاري.

(لاٽ: 1، 29)

**آرزوئن کي حسرت جو تاج پائڻ:** آرزوئن جي تڪميل جي فقط حسرت ئي وڃي رهي.

اي وڃڻ وارا ڏسي وڃ هي عروسِ زندگي،
آرزوئن کي حسرتن جو تاج پهرائي ٿي دل.

(لاٽ: 1، 57)

**آزمائش:** امتحانُ، پرک، چنڊڇاڻ.

هر گهڙي هڪ آزمائش، هر گهڙي هڪ امتحانُ،
ڪير ڪنهن جو ترجمانُ.

(لاٽ: 1، 16)

**آسان:** سهل، سولو، ڪري سگهڻ جهڙو.

هر مرض جو وقت ئي آهي علاج بهترين،
ڪارِ مشڪل جلد ئي آسان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 70)

**آسيسون ماڻڻ:** فتحون حاصل ڪرڻ، نَوَن نَوَن شين تخليق ڪرڻ ۾ ڪاميبيون ماڻڻ.

فطرت جي همراز انهيءَ انسان گهڻيون آسيسون ماڻيون،
ڏرتيءَ تي ڏاهپ جي مثالي تهذيبن جا جهنڊا کوڙيا.

(لاٽ: 2، 36)

**آشفتہ سر:** پاڳل، سودائي، ديوانو.

اجا هن ڪي آهي غرور جفا،
اجا ترس اي عشق آ شفتہ سدا.

(لاٽ: 1، 39)

**آغازِ محبت:** پيار جي شروعات، عشق لڳڻ.

آغازَ محبت ڪي اظهار تمنا ڇو؟
هي مُنهنجو قصور آهي، ڏي خواب سزا مون ڪي.

(لاٽ: 1، 69)

**آفاقي مرڪ:** خدا جي نمائنده مرڪ.

بيءَ گهڙيءَ ۾ هن جي مٽيادار چپن تي،
هڪ آفاقي مرڪ ڪنوڻ جيان تجلا ڏيندي ترندي آئي!

(لاٽ: 2، 38)

**آکڙ خانو:** اها حالت جنهن ۾ ماڻهو ڪنهن وڏيءَ دريافت ڪرڻ ڪري فخر ۾ پرجي وڃي، اجائي ٽرڙو.

ٺهڪ ڏنا شيطان انهيءَ دانائيءَ جي نادانيءَ تي،
عقل جي آکڙ خانيءَ تي!

(لاٽ: 2، 36)

**آگاهي:** خبرداري، ڄاڻ، اطلاع، احوال مڃائڻ.

اکين کي فطرت جي هي بہ آهي آگاهي،
سڄي جهان کان بهتر، ڪڇڻ جي اونداهي؟

(لاٽ: 2، 90)

**آگاهِ رخ فردا:** آئيندي جي ڄاڻ، اڳڪٿي.

واقفِ حالت و آگاهي رخِ فردا نہ آ!

(لاٽ: 2، 122)

**آمدِ فصلِ بهار:** بهار جي مند اچڻ جي خبر

ها ڏيو پڳرن کي خبر آمدِ فصلِ بهار،
سڀ ٿين حاضر گلستان ۾ قطار اندر قطار!

(لاٽ: 1، 71)

**آهہ:** دل مان نڪرندڙ دانهن، حالتن جي ماريل.

آهہ خالي ڪانہ ويندي هاڻ هن جي زنهار هئڻ جو خدا جي آڏو اظهار،
ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن رنگ لائيندي غريبن جي پوڪار.

(لاٽ: 1، 78)

**آهٽ:** قدمن چرڻ جو آواز، هلڻ جو آواز.

ماحول پيانڪ ٿو ڏسجي،
ڪٿ راهہ جا خطرا آهٽ تي جاڳي نہ پوِن.

(لاٽ: 1، 8)

**آهنگ:** دانهن ڪوڪ، رڙيون.

مزدور جي محنت نظرانداز نہ آهي،
جمهور جو آهنگ بي آواز نہ آهي.

(لاٽ: 1، 8)

**آهِ سرد:** ٿڌو ساهہ جيڪو دانهن طور خدا تعاليٰ کي سپرد ڪيو ويندو آهي.

ظلم اڄ جنهن تي ڪرين ٿو بيگناهو بيقصور،
تنهن جي آهِ سرد ٿوڙيندي سنڌءِ قصرِ غرور!

(لاٽ: 1، 78)

**آئيندو:** مستقبل، ايندڙ وقت.

آئينده دور حسين تولئہ مبارڪ اي غريب!
سرنگون خودَ شرم کان شيطان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 70)

**آيتون:** قرآن پاڪ ۾ ٿيل نصيحتن جا ٽڪرا، جيڪي وقت وقت تي نازل ٿيندا هئا.

اڄ وري ڪجهہ دلبريون حاصل ٿيون،
اڄ وري ڪجهہ آيتون نازل ٿيون.

(لاٽ: 1، 19)

**ابد:** قديم، هميشه رهڻ وارو، ڪڏهن ختم نہ ٿيڻ وارو زمانو.

اسان عشق وارن جا ارواح آزاد آهن،
ازل کان ابد تائين آهي اسان جي رسائي، وڏي ڳالهہ آهي.

(لاٽ: 1، 42)

**ابدي نغمو:** انساني آباديءَ جي شروعات کان ڳائجندڙ گيت.

اڻ لک ملڪوتي سازن جي انوکيءَ لئہ تي پراسرار آفاقي،
سرن ۾ ڳائي پيو ڪو ابدي نغمو!

(لاٽ: 2، 49)

**ابليس:** شيطانُ

ابليس کي چئي ڇڏيو سجدي جي تياري ڪر،
دنيا تي اناالحق جا اسرار ڪلن شايد.

(لاٽ: 1، 34)

**اتم:** اوچي مٿاهين.

اڄوڪي رات اتم، اوچ ۾ امر آهي،
صدين کان صبر جي تاريخ جو ثمر آهي.

(لاٽ: 2، 94)

**اٽل:** جيڪو بدلجڻ جوڳو نہ هجي.

اٽل آهي بس وقت جي رهگذر تي،
نظارن جي تبديلين جي روايت.

(لاٽ: 1، 5)

**اثر دردِ جدائي:** جدائيءَ جي ڏک جو اثر

ڇا ٻڌايان اثرِ دردِ جدائي جاني!
تون وئين، تنهنجي فقط ياد آئي جاني!

(لاٽ: 1، 62)

**اُپجن:** پيدا ٿين، وڌن.

لوپ مٿي ئي اپجن اسرن،
جڳ ۾ جانا نيڻ مڙوئي.

(لاٽ: 1، 32)

**اچانڪ:** اوچتو بناڪنهن توقع جي.

اڄ رات اچانڪ پئجي وئي ان دشتِ مصائب ۾ پهچي،
جو دشتِ مصائب ٻڌجي ٿو بي رحم دردندن جو مسڪن.

(لاٽ: 1، 8)

**احسن:** سٺن اخلاقن وارو

ڪڏهين احسن، اشرف انسانُ
ڪڏهين پستيءَ پيارا!

(لاٽ: 1، 52)

**احسن تقويم:** سموري خلقت ۾ مٿاهون درجو رکندڙ.

نور کي مٿيءَ جي بوٽي ۾ اچي اظهر ڏسي،
خلقِ اعظم، احسنِ تقويم جو مظهر ڏسي.

(لاٽ: 2، 16)

**احڪام:** حڪم جو جمع يعني چيو مڃائڻ.

عرش مٿي احڪام هلايان فرش مٿي فردوس بنايان.

(لاٽ: 2، 109)

**احمر:** ڳاڙهو رنگ.

هر گل وبرگ و ثمر کي بخشي آهي بهار،
زعفران و احمرو زردو ڪبو دو ڪو ڪنارِ.

(لاٽ: 1، 75)

**اڌما:** اوٻارا، جهٽڪا، جذبات جي شدت جو اظهار

انگ انگ ۾ اٿيا اڌما،
لونءَ لونءَ ۾ ورهہ وائي!

(لاٽ: 1، 49)

**ارڏا انگ آچار:** مستيءَ ڀريل نمونا، جهليءَ جهل نہ ڏيندڙ اهڃاڻ.

ڪڏهين شڪر شرافت
ڪڏهن ارڏا انگ آچار.

(لاٽ: 1، 50)

**ارڏايون:** سڪي لڏايون، گهڻي پيار ڪري اچي ويندڙ خود داري ۽ جا ارڏاين تي هن کي سيڪت ڏيندي آئي آهي،

تنهن کي آخر ترس اچي ويو!

(لاٽ: 2، 38)

**ارواح:** روح جو جمع اندر اشاعت وارن جا ارواحہ آزاد آهن.

ازل کان ابد تائين اسان جي رسائي

(لاٽ: 1، 42)

**آرِيءَ پَرِيءَ کي سجاڻڻ:** اڳئين پوئين يا ايرن غيرن کي ازل ۽ ابد تائين اسان جي رسائي وڏي ڳالھہ آهي

ڪير ڏيندا رهيا هر دفعي ڏيهہ کي ڇُو ڇڏي
۽ مان جڳ کان انهن جي اريءَ ۽ پريءَ کي سجاڻا
هو دهشت ۽ وحشت جا باني مُباني ۽ شيطان ثاني!

(لاٽ: 2، 88)

**ازدهائون:** وڏي قد ۽ وات وارا نانگ جيڪي جانورن کي بہ ڪائي ويندا آهن.

اوندا هن گهريا غارن ۾ هي ڪيئن لنديون،
ٽڪلا، ڳوراهون، هڻ ڪڻ، هزارين ازدهائون.

(لاٽ: 1، 9)

**ازغيبي:** نہ ڏسي سگهجندڙ اهي قوتون جن جو عقل رستي احاطو نہ ڪري سگهجي.

بارُودن بم گولن جي ازغيبي پڙلاوَنِ تي مو هت، مست
مگن تي، فطرت کان تخليق جي هرڪا گوءِ ڪڻڻ لئہ وس ڪيا.

(لاٽ: 2، 37)

**ازل:** هميشگي، اهو زمانو جنهن جي ابتدا نہ هجي.

اسان عشق وارن جا ارواح آزاد آهن،
ازل کان ابد تائين آهي اسان جي رسائي، وڏي ڳالھہ آهي!

(لاٽ: 1، 42)

**اڙ ٻنگهہ:** اپھرو اُچاترو بي پرواهہ عمل ڪرڻ ۾ بهادر.

پولارن ۾ پيهي هن زمان ۽ مڪان جا پيد پروڙيا،
اشرف مخلوقات انهيءَ اڙٻنگهہ وڙ وليا دنگ سمورا!

(لاٽ: 2، 36)

**استانُ:** آستان رهائش جي جڳهہ

جنهن جي پريان، ٿورائي قديم مندر جي،
سُندَرَ ديويءَ جو استان آهي.

(لاٽ: 1، 10)

**اسرار:** راز

ابليس کي چئي چڏيو سجدي جي تياري ڪر،
دنيا تي اناالحق جا اسرار کلن شايد.

(لاٽ: 1، 34)

**اُسِرن:** وڌن ويجهن

لوپ متي ئي اُپجن اسرن،
جڳ ۾ جانا نيڻ مڙوئي.

(لاٽ: 1، 32)

**اسير:** قيدي

اڄ وري جاڳيو زماني جو ضمير،
اڄ وري انصاف تي ڏمريو اسير.

(لاٽ: 1، 10)

**اشاري چڏڻ:** ميچ ڏئي چڏڻ، اشاري جي رستي سڏڻ

فقط اشاري چڏيو تہ وهہ واهہ،
مٺا جياري چڏيو تہ وهہ واهہ!

(لاٽ: 1، 40)

**اشرف:** شرافت وارو

ڪڏهين اشرف، احسن، انسانُ،
ڪڏهين پستيءَ پيار.....!

(لاٽ: 1، 52)

**اشرفيون:** ڳتيون يا ويڙهيون

رنگ ۽ آواز جون سونيون ۽ روپيون اشرفيون
مشڪ بوءِ وارن جو ريشم، رت ورنن چپن جون لالون.

(لاٽ: 2، 44)

**اشڪبار:** روئندڙ ڳوڙها وهائيندڙ غمگين.

چمن ۾ هي ڏسجي ٿو ڪنهن جو انتظار اڃا،
حياتِ لال و گل آهي اشڪبار اڃا.

(لاٽ: 1، 59)

**اظهارِ تمنا:** خواهش کي ظاهر ڪرڻ

آغازِ محبت ۾، هي اظهارِ تمنا ڇو؟
منهنجو قصور آهي ڏي خوب سزا مون کي.

(لاٽ: 1، 69)

**اظهر:** ظاهر ظهور، ڇٽو پٽو

نور کي مٽيءَ جي بوتي ۾ اڃي اظهر ڏسي،
خلقِ اعظم، احسنِ تقويم جو مظهر ڏسي.

(لاٽ: 2، 12)

**اعتبارِ ضبط:** قابو پائڻ تي يقين، ڪنٽرول ڪرڻ تي ڀروسو

بعد مدت اعتبار ضبط بدلائي ٿي دل،
اڄ وري هن شوخ جي محفل ۾ پهچائي ٿي دل.

(لاٽ: 1، 57)

**اعتڪاف:** ڪجهه وقت دنيوي معاملن کان ڪٽجي اڪيلو مسجد ۾ ويهي خدا کي ياد ڪرڻ. گوشي نشيني.

مون انهيءَ لاءِ اڄ تخليق جي هڪ نئينءَ نراليءَ پٽ تي فڪر جي هڪ
نئين درازا شهر وٽ اعتڪاف آهي ڪيو اختيار.

(لاٽ: 2، 52)

**اعليٰ اعظم شانُ:** وڏي شانَ ۽ مانَ وارو

جنهن جو ڪوئي ثاني ناهي، اعليٰ اعظم شانُ،
جيڪو جڳ جي اک جو آهي جلوو، جوت، جمال.

(لاٽ: 2، 15)

**افتاده:** هيٺ ڪريل، لاچار، بيوس، بيمار

دُورِ افتاده بلنديءَ جو مقام
جنهن تي قائم آهي هڪڙو خوشنما حيرت جو باغ.

(لاٽ: 2، 33)

**افق:** آسمان، سج اڀرڻ کان اڳ واري ڳاڙهاڻ

دور افق تي باک ڦٽي تي،
منزل موجن تي ڏسجي ٿي.

(لاٽ: 1، 25)

**اُڪري:** اورانگهي، لنگهي، پار پئجي

اوتارن کان اڳتي اُڪري
تنهنجي در تي پهچي ويا!

(لاٽ: 1، 52)

**اکپور:** اک کولي ۾ ٻوٽڻ واريءَ وٿيءَ وارو وقت.

اکپور ۾ الستي، اهڙي نہ ڪائي سَستي،
مستيءَ جو مٺ نہ هستي، هاري ڇڏيئون حجازي!

(لاٽ: 2، 101)

**اک ڏيکارڻ:** رعب ڪرڻ، ڪاوڙ جو اظهار

تنهن ڏينهن کو رستي ۾ بيهاري،
دل ڦُري ويو، اک ڏيکاري.

(لاٽ: 1، 30)

**الجهو:** چنبوتجي پئجو، اختلاف يا ٽڪراءَ يا جهيڙي ۾ وجڻ

نہ الجهو عاشقن سان نہ اُلهجو
لتاڙي ڇڏياسين ستارن جي دنيا!

(لاٽ: 1، 43)

**الزام:** تهمتون، ڏوهہ، قصور

مگر چند آثار الزام جي، دائري ۾ نہ آهن.

(لاٽ: 1، 4)

**الن:** باهہ جي پڙڪڻ سان ٽاندن جا تودا اڏامي نڪرن تہ اهي اُلا سڏبا.

ڇپين، الن، ٽاندن جي برسات وَسائي،

ڌرتيءَ پيداوار جي قوتَ پوٽي ڪئي.

(لاٽ: 2، 37)

**الوپ:** گم ٿيل، جذب ٿيل، حل ٿيل

جنهن جي ڪائي صورت ناهي، روپ نہ ڪو بهروپ،

سيني وانگر رهندو آهي اڪين منجهہ الوپ.

(لاٽ: 2، 15)

**امتياز:** فرق، تفاوت

ڪٿي امتياز بهار و خزان

چمن ۾ رهيو ڪونہ آهي ديده ور.

(لاٽ: 1، 39)

**امر:** سدائين زندهہ رهندڙ

اڄوڪي رات اتم، اوچ ۽ امر آهي،

صدين ڪان صبر جي تاريخ جو ثمر آهي.

(لاٽ: 2، 94)

**امير تَندوخو:** وڏائيءَ ۽ خوديءَ ۾ پريل دولتمند

اي غلامِ حال و دولت، اي اميرِ تُندوخو،

ڇڏ وانگيان چوٿو چوسين تون غريبن جو لهو.

(لاٽ: 1، 75)

**اناالحق:** آءٌ حق يعني خدا آهيان.

ابليس کي چئي چڏيو سجدي جي تياري ڪر،
دنيا تي اناالحق جا اسرار کلڻ شايد.

(لاٽ: 1، 34)

**انت اُجالن:** اهڙي روشني جنهن ڪان وڌيڪ ٽيڙ جي گنجائش نہ هجي.

گُهپُ انڌيرن، انت اجالن جي ظلم سان،
حسن ۽ حيرت جي سنگم تي سوين هزارين ڪاڪ محل تخليق ڪيا.

(لاٽ: 2، 36)

**انت بحر:** اهو پاڻي جنهن جي ڪابہ ڪنڌي ۽ ڪنارو نہ هجي.

انت بحر جي انت تري ۾،
سهسين سهڻا موتي سپجن!

(لاٽ: 2، 75)

**انت ترو:** تري جو اهو پاتال جنهن کان هيٺ ڪجهہ بہ نہ هجي.

انت بحر جي انت تري ۾،
سهسين سهڻا موتي سپجن!

(لاٽ: 2، 75)

**انتر منتر:** معجزانا عمل، جادوگري

اڪڙيون هن جون انترمنتر، جادوُ جنتر قَدُ
مُڙِي ڏنو جنهن پِندُ پهڻ ٿيو رستا، راهون رَدِ.

(لاٽ: 2، 80)

**انٽرنيشنل:** نيشنل معنيٰ قومي ۽ انٽرنيشنل معنيٰ بين الاقوامي.

اٿو نئين نظام کي سلام سڀ ڪيون هَلي،
نئون نياپو ’انٽرنيشنل‘ جو عام ٿئي پلي.

(لاٽ: 2، 18)

**انڌيرا:** ظلم، بي شعوريون، ڏاڍ، اونداهيون.

فضا ۾ خوف جا آثار سڀ هئا پيدا
سڄي جهان جا انڌيرا اُتي هئا ٻاهر.

(لاٽ: 1، 1)

**انڌ جو گهوڙو:** زوراوري ڪندڙ عمل، مغروريءَ وارو عمل

چڙڪ پري ٿو انڌ جو گهوڙو،
ڄاڻ جُهرِيا منهن ڀر هسوار.

(لاٽ: 1، 33)

**انگل:** فرمائشون، ماڻا، رَوَيا.

مان ڏسان پيو ۽ سهان پيو،
هن جا انگل ۽ مذاق.

(لاٽ: 2، 45)

**انوکي لئي:** منفرد ردم، نئين لب لهجي واري ڍار

اڻ لک ملڪوتي سازن جي انوکيءَ لئي تي،
پراسرار آ فاقي سرن ۾ ڳائي پيو ڪو ابدي نغمو!

(لاٽ: 2، 49)

**اڻ موٽ:** جيڪي ڪنهن به قيمت تي، وس هلائيندي نہ موٽن

اڄ وري احساس جي پالوٽ ٿي،
اڄ وري جذبات اٿيا اڻ موٽ ٿي.

(لاٽ: 1، 19)

**اوتارن:** مئخانن، مڪانن، موالين جي بيٺڪ وارين جڳهن

اوتارن ڪان اڳتي نڪري،
تنهنجي در تي پهچي ويا.

(لاٽ: 1، 52)

**اوتون:** وسڪارا، جام مهيا ٿيڻ، بنا ڪنهن تڪليف جي سڪون پائڻ.

پنڌ سارو هو گلن جي فرش تي، هر قدم سرهاڻ جون اوتون هيون،
هڪڙي ئي موسم بهاريءَ جي هئي، ڇانورا وڻڪار جا بادل هئا، بوندون هيون!

(لاٽ: 2، 84)

**اوج:** ترقي، واڌارو، پرپوريت، چاڙهه

فلڪ جو اوج انهن جا قدم اچي چمندو،
نرالي نور جا مشعل جلائيندا هردم.

(لاٽ: 1، 3)

**اوچ:** تمام وڏيءَ حيثيت ۽ معيار واري

اڄوڪي رات اتم، اوچ ۽ امر آهي،
صدين ڪان صبر جي تاريخ جو ثمر آهي.

(لاٽ: 2، 94)

**اوندهہ جو اگهور:** تيز ۽ شديد اوندهہ جي گهرائي

ٻارڙا سَوڙين منجها گهونگهٽ ڪڍيو اکين کي مڇڪائي پيا
گهورين اوندهہ جو اگهورا!

(لاٽ: 2، 53)

**اهتمامِ عيد:** عيد جي بندوبست ڪرڻ لاءِ

بهر استقبال غنچن پنهنجا منهن ٻاهر ڪڍيا
اهتمامِ عيد ڪان هر گلي ڍڪي رنگين قبا.

(لاٽ: 1، 72)

**اهلِ گلشن:** ملڪ جا ماڻهو، باغ جي سنڀال ڪندڙ

بلبلو خوش ٿيو ۽ خوش ٿي ڇيڙيو نغمۂ بهار،
بس بهار آئي ۽ آئي، اهلِ گلشن هوشيار.

(لاٽ: 1، 72)

**اهلِ نظر:** جن جي نظرن جا نيشانا صحيح ۽ تُزُ هوندا آهن.

راهبر ڀُلجي ويا، اهلِ نظر ڀلجي ويا،
شوقِ منزل ۾ سپيئي ڪارِ سفر ڀلجي ويا.

(لاٽ: 1، 36)

**ايامن ڪان:** ڳڻڻ ڪان گهڻن سالن پوئتي ڪان، ماضيءَ بعيد ڪان

ايامن ڪان ڌرتي، پنهنجي مُحَورَ تي،
هردم گردش ۾ آهي.

(لاٽ: 2، 35)

**ايڪو ايڪ اڪيلا:** تن تنها، واحد

ڪڏهن ايڪ وايڪ اڪيلا،
ڪڏهن ٻہ – ڏُون چار!

(لاٽ: 1، 50)

**اين ڪبرو نخوت تا ڪجا:** تہ پوءِ اهو تڪبر ۽ نفرت ڇاجي؟

تا ڪجا جوروستم، اين ڪبر ونخوت تاڪجا،
تا ڪجا اين ڪجڪلاهي، اين رعونت تا ڪجا!

(لاٽ: 1، 78)

**بادِنسيم:** صبح جي پُرسڪون ٿڌڙي هوا

اڄ ڪٽي بادِ نسيم آئي نويدِ جانفزا
هوشيار اي گلستان وارئو بهار آئي اڄها!

(لاٽ: 1، 71)

**بازي ڪٽي وڃڻ:** فتح حاصل ڪري وڃڻ، آڳ ڏئي وڃڻ

ملان ملي منائي، قاضيءَ جي ڪُٺُ ڪمائي،
چوڪي چَڪي ڪڙائي، ڪافر ڪٽي ويو بازي!

(لاٽ: 2، 101)

**باطل:** ناحق، فسق، ڪوڙ

جتي جتي ٻه جهڪيو حق جي اڳيان باطل
شفق ٿي چمڪي اتي انقلاب جي سرخي!

(لاٽ: 1، 31)

**باعث:** ڪارڻ، سبب، ماخذ

هُو سڀ ڪلندا، ٿوڪون هڻندا ڇو جو ڪار جو باعث
ڪين ڪهين کان پڇڻو پوندو!

(لاٽ: 2، 104)

**باغبانيءَ جو هنر:** باغ کي ڪيئن مزيدار بنائجي ۽ وڻن ٽڻن گلن ٻوٽن جي پرورش ڪيئن ڪجي.

هاءِ تن گلڙن جي محروميءَ تي ڪو روئي سگهي،
جن جا مالهي يا باغبانيءَ جو هنر ڀلجي ويا.

(لاٽ: 1، 36)

**باڪ:** سج نڪرڻ جو وقت، جڏهن سج اڃا ڳَنِڀ مس ڪڍندو آهي.

دور افق تي باڪ ڦٽي ٿي،
منزل موجن تي پَسجي ٿي.

(لاٽ: 1، 25)

**باهم:** گڏ، موجود، ڳنا

فضا ۾ خوف جا آثار هئا سڀ پيدا،
سڀي جهان جا انڌيرا هئا اتي باهم.

(لاٽ: 1، 1)

**بت رڦن ٿا:** سيءَ جون ڌُرڙيون ڀِيون ڀَوَن، لڳن جو ڏڪڻ

بُتَ رَڦَنِ پيا، جاڙِيُون ڪڙڪن پِيُون،
ڪير ٿو ويهي ڪچهريءَ ۾ کِلي ڳالهيون ڪري؟

(لاٽ: 2، 53)

**ٻپا:** لاڳو ٿيڻ، وجود ورتائين

اج ٻپا گلشن ۾ بزمِ سالگره هئي، مگر،
هن طرف هئي ڪين ڪنهن کي پنهنجي حالت جي خبر.

(لاٽ: 1، 74)

**بحر:** پاڻي

نئين لهر جي پناهہ آهي،
بحر بيماري چڙهي تہ واهہ واهہ.

(لاٽ: 1، 43)

**بَجُزْ ديد:** توهان جي نيڻن جي ڏسڻ کان سواءِ

عيد عاشق جي بجز ديد نہ آهي هرگز،
ٿي وڃي اج تہ ذرا جلوه نمائي جاني!

(لاٽ: 1، 63)

**بدگمان:** غلط تاثر وٺندڙ

دير هئي تنهنجي ئي بس چشمِ ڪرم جي شايد،
بدگمان بنجي وئي ساري خدائي جاني!

(لاٽ: 1، 63)

**براق:** اهو پرن سان گهوڙهو جيڪو حضور پاڪ ﷺ جن کي عرش تي خدا سان ملائڻ جو ذريعو هو.

مان ازل جي انتها۔ تون ابد جي ابتدا،
اي سندم اميد جا براق! صد مرحبا!

(لاٽ: 2، 32)

**بربطِ دل:** هڪ ساز جنهن جو نمونو بدڪ جي سيني جهڙو هوندو آهي.

بربطِ دل آهہ مدت کان خموش،
ڪيئن ٿئو سازِ جواني، ڪيم پچ!

(لاٽ: 1، 68)

**برسبيل تذڪره:** گهٽي ذڪر ٿيڻ تي، دوُرانِ ذڪر، ذڪر خاطر، ڳالهہ تان ڳالهہ نڪتي تہ ذڪر ڇڙي پيو.

منهنجي اڳيان گلن جي وفا جو نہ ڪر بيانُ
ها، برسبيلِ تذڪره خارن جي ڳالهہ ڪر.

(لاٽ: 1، 62)

**برگ و ثمر:** پن ۽ ميوا، وڻ جي ديڻ

گلستان ۾ جيئن بهاريءَ جي اچي پهتي خبر،
غرطِ انسبات ڪان جهومي ويا برگ و ثمر!

(لاٽ: 1، 72)

**برملا:** بلڪل، هوبهو

ماجرا ساڳي هئي، دل جي ڪٿا ساڳي هئي،
آ پبيتي هن جي، منهنجي برملا ساڳي هئي.

(لاٽ: 2، 86)

**برَهم:** تهس نهس، ڏانوانڊول، ڪاوڙيل

محبتن جا هي مرد پهلوان هوندا،
ڪندا هوا کي مسخر ۽ رات کي برهم.

(لاٽ: 1، 3)

**بزمِ طرب:** آوازن جي گونج واري محفل، راڳ رنگ جي محفل، خوشيءَ ۽ سرهائي.

بلبلو! نغمئِ بهاران سان چمن گونجي وڃي،
محفلِ خاموش اڄ بزمِ طرب بنجي وڃي.

(لاٽ: 1، 71)

**بزم جهان:** دنيا اندر، هن ڪائنات ۾

عيد آئي تہ سهي هن بزمِ جهان ۾ ليڪن،
پنهنجي دنيا ۾ فقط تيرگي ڇائي جاني!

(لاٽ: 1، 63)

**بزمِ عيد:** عيد جي خوشيءَ سما محفل، عيد جي ڏهاڙي ٿيندڙ محفل

نظمِ گلستان جي سراسر ٿي وڃي تجديد اڄ،
جيئن دلِ هر زره ۾ قائم ٿئي بزمِ عيد اڄ!

(لاٽ: 1، 72)

**بستي:** جڳهه، علائقو، ڪجهه ماڻهن جي رهڻ جو هنڌ

پري پري هئي خيال جي بستي،
قريب و دور فقط پنهنجو ئي تصور هو.

(لاٽ: 1، 1)

**بعد مدت:** گهڻي وقت گذري وڃڻ کان پوءِ

بعد مدت ٿي وڃي پيدا وري ذوق نمو
ٿي وڃي تازو چمن ۾ داستانِ آرزو.

(لاٽ: 1، 71)

**بعيد:** گذري ويل، پهچ کان ٻاهر، وس کان ٻاهر

شهيد ٿي، سعيد ٿي، سا موت کان بعيد ٿي!

(لاٽ: 2، 63)

**بقا:** بچاءُ، جياپو هئڻ

بعد از فنا، بقا جي سهارن کي ڇا ڪجي؟
طوفان ويو لنگهي تہ ڪنارن کي ڇا ڪجي؟

(لاٽ: 1، 59)

**بقدرِ ضرب و غم:** ڪجهه حد تائين غم جي چوٽ ڪري

سازِ فرقت تي بقدرِ ضرب غم ڳائي ٿي دل،
يعني يادِ عشرتِ ماضيءَ کي دهرائي ٿي دل!

(لاٽ: 1، 57)

**بندهہ پرور:** غريبن جو قدردان، انسانن تي سواءِ ڪنهن پيد جي پلايون ڪندڙ

مگر بنده پرور! هي تنهنجو ۽ منهنجو فسانو تہ آهي!

(لاٽ: 1، 13)

**بنده قارون:** قارون جو پيروڪار

اوستم ڪيش، سِيدَڪارو لعين و بي ضمير!
بنده قارون، پرستارِ زروسيم، اي امير!

(لات: 1، 76)

**بنواس:** دنيا کي تياڳي گهاٽن جهنگن ۾ زندگي گذارڻ

ساهه گوتم جو هليو بنواس هو جوتي ماڻ
ويو محمد حِرا حسنِ ازلي ماڻڻ خاطر!

(لات: 2، 50)

**بهارِ تازگي:** بهار جي مند ۾ هر شيءِ ۾ تازگي ۽ توانائي قدرتي طور تي پيدا ٿي ويندي آهي.

ڪين آئي ٿي ڪڏهن تن ڏانهن بهارِ تازگي،
مدتن کان جي رهيا نا آشنائۓ زندگي.

(لات: 1، 73)

**بهارِ جاودان:** دائمي خوشگوار موسم (بهار)، ابدي سڪون

انتظاري ختم ٿي ۽ ختم ٿيو دورِ خزان،
پوئواريءَ لئہ اچي پهتي بهارِ جاودان!

(لات: 1، 77)

**بهار جانفزا:** جان کي سڪون بخشيندڙ بهار جي موسم

چا بهارِ جانفزا عالم تي ويئي ڇانئجي
گلستان ۾ گويا بزمِ عيد قائم ٿي وئي.

(لات: 1، 72)

**بهاروخزان:** بهار جي موسم ۽ خزان جي مند ڦوٽهڙي ۽ پن ڇڻ جي موسم

ڪٿي امتيازِ بهارو خزان؟
چمن ۾ رهيو ناهه ڪو ديده ور!

(لات: 1، 39)

**بهارِ دلربا:** بهار جي دل کي وڻندڙ منظر نگاري

هرطرف گلهائي رنگين جي بهارِ دلربا،
جاد ۾ حسن و فسون ڪيف و ڪم، رنگين فضا!

(لاٽ: 1، 73)

**بهر استقبال:** آجيان ڪرڻ

بهرِ استقبال، غنچن پنهنجا منهن ٻاهر ڪيا
اهتمامِ عيد کان هرگل ڍڪي رنگين قبا.

(لاٽ: 1، 72)

**بوسيده ڪپڙا:** ميرا سيرا، ڦاٽل، نہ جچندڙ جهونا.

تہ اي مهربان! ڪڏهن منهنجي ميرن ۽ ڦاٽل
بوسيده ڪپڙن ۾ دامن جي چتين تي نفرت جون نظرون سيڄيندو نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 14)

**بي اختيار:** جنهن جو ڪوبہ وس نہ هلي، بي قابُو

ڪڏهن ڀالا، ڀاڪر ڪڏهين، بندو بي اختيار!

(لاٽ: 1، 51)

**بي بهره:** اڻ واقف، ڪورا

پنهنجون پٿر جهڙيون، شيشي جهڙيون اکيون
تن تي هو سڀ کلندا، ڦوڪون هڻندا، يادن کان بي بهره هوندا.

(لاٽ: 2، 104)

**بي پهچ:** جنهن جو وس هلي نہ سگهي

هي بيجان پٿرن جي مورن ۽ شيرن جي بي روح ۽
بي پهچ بتن جون سَوَ سَوَ قطارون.

(لاٽ: 1، 4)

**بي تاب:** پريشان بيوس، ڪجهہ ڪرڻ جي خواهش رکي پر ڪري نہ سگهي

سينئہ فطرت ۾ ڏس بيتاب جوش انتقام،
رستگاريءَ جو اجا سامان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 69)

**بي تابئِ دل:** آنڌ مانڌ ورتل من، بيوس، اضطراب

هي نزع جي عالم ۾ بيتاب بڻيل دل ڇاڪان
ڪنهن ياد ڪيو مون کي، ڪو ڏئي ٿو دعا مون کي.

(لاٽ: 1، 69)

**بيحد:** جنهن جي ڪابہ حد ۽ حساب نہ هجي، بي انت، تمام گھڻو

مسرت جي منزل جي تاريخ بيحد پراڻي پيدا ٿي
ازل کان ابد جي مسلسل ڪهاڻي!

(لاٽ: 1، 5)

**بي حرڪت:** چرڻ پرڻ کان بيوس

وقت بي حرڪت سراسر بي وجود
لازمانيءَ ۾ مڪانيت جو حسنِ اتفاق!

(لاٽ: 2، 74)

**بي چراغ:** اونداهو

ڪيترين دلين تي ٿيا تنهنجي ستمرانيءَ جا داغ،
ڪيترين ئي جهوپڙين کي تو بنايو بي چراغ!

(لاٽ: 1، 77)

**بيچينيون:** بي سڪونيون، پريشانيون

روشني چپ چاپ منهن موڙي وئي
روح کي بيچينيون گهيري ويون.

(لاٽ: 1، 15)

**بي روح:** جنهن ۾ ڪائي جانِ نہ هجي، بنا ڪنهن بہ جذبي ۽ احساسن جي

هي بيجان پٿرن جي مورن ۽ شيرن جي روح
۽ بي پهچ بتن جون سَوَ سَوَ قطارون!

(لاٽ: 1، 4)

**بيڪران:** ڪنارن کان مٿي، تارئون تارِ

درد جي درياهہ جون ڇُغيانيون
رفتي رفتي بيڪران بنجي ويون.

(لاٽ: 2، 55)

**بي ڪس:** مسڪين، غريب، بي يارومددگار

ٿي اڄي مون کي سندءِ گفتار مان وحشت جي بوءِ
بيڪسن جي خونِ ناحق سان تون آهين سرخرو.

(لاٽ: 1، 77)

**بيگانا:** اڻ واقف، نہ سڃاڻندڙ بي گهر، پريشان، خستہ

سيئي تنگستيءَ ۾ ٿي ويا بيگانا، جن جي
جن ۾ بزمِ هر لمحہ رهي خرم و شادان مون ڪان!

(لاٽ: 1، 66)

**بيگناهون بي قصور:** جنهن ڪوبہ گناهہ يا قصور نہ ڪيو هجي

ظلم جنهن تي اڄ ڪرين ٿو بي گناه و بيقصور
تنهن جي آهِ سردٿوڙيندي سندء قصرِ غرور.

(لاٽ: 1، 78)

**بيگانئہِ بهار:** بهار کان خالي، خزان رسيد

نہ آيو آهي خزان جو ئي اعتبار اڃا
چمن پلي رهي بيگانئہِ بهار اڃا.

(لاٽ: 2، 58)

**بيوس:** سنڌي نيو ڪلاسيڪل شاعريءَ جو باني ڪشنچند ”بيوس“.

ڪڏهن بيوس باغي آهيان،
جاڳرتا جي جوت جڳايان.

(لاٽ: 2، 110)

**بيمارِ غم:** غمن جي بيماريءَ ۾ مبتلا

بيمارِ غم ڏسي ٻ سر راھہ ويا ڇڏي
قسمت جو ڏوھہ، قافلي وارن کي ڇا ڪجي!

(لاٽ: 1، 60)

**بي وجود:** جسم کان آجو، ڏسي سگھڻ کان ڏور

وقت بي حرڪت سراسر بي وجود
لا زمانيءَ ۾ مڪانيت جو حسنِ اتفاق.

(لاٽ: 2، 74)

**ٻانهين:** عاج جون ٺلهيون چوڙيون جيڪي سڄيءَ ٻانهن ۾ پاتيون ويندڙيون آهن.

ڪنهن مومل جي گھڙين جي ساٿي
يا ڪنهن ٻانهياريءَ جي گورين ٻانهن کان وڇڙيل ٻانهين!

(لاٽ: 2، 41)

**ٻانهنياري:** اُها عورت جيڪا ٻانهن ۾ ٻانهين پائيندي هجي يعني عاج جون چوڙيون پائيندي هجي.

ڪنهن مومل جي گھڙين جي ساٿي
يا ڪنهن ٻانهياريءَ جي گورين ٻانهن کان وڇڙيل ٻانهين!

(لاٽ: 2، 41)

**ٻوڏي:** اندر جي سوجھہ ٻوجھہ، هن جي روشني، جوتي

مِلي گوتم جي ٻوڏي مون کي، سا تقدير ڪٿي،
مان ڏسان حسنِ ازلي، سو تہ ناممڪن.

(لاٽ: 2، 50)

**پڙڪي اٿڻ:** حملي جي نيت سان اٿڻ، ٽِپُ ڏيئي اٿڻ.

پڙڪي نہ اٿن تاريڪ فضائن جي گھرن غارن جي اندر
پوشيده نظر بگھڙن جي نگاهن جا شعلا!

(لاٽ: 1، 9)

**پوتار:** وڏيرا، صاحبِ حيثيت

ملان هاڻ تہ وِڦلين وينو
ٿورو پيئندو ڪر پوتارا!

(لاٽ: 1، 33)

**پوت پيوتي:** ڏوڙ ۾ ڀُڪايل جن سمان

ڪڏهين پوت پيوتي، ڪڏهين جهالر سان دستارا!

(لاٽ: 1، 50)

**ڀيانڪ:** ڊيڄاريندڙ خوفناڪ

ماحول ڀيانڪ ٿو ڏسجي، ڪٿ
راهہ جا خطرا آهٺ تي، جاڳي نہ پون!

(لاٽ: 11، 8)

**پيد پروڙڻ:** راز کي ڄاڻڻ، اصليت ۽ ماهت جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ

پولارن ۾ پيهي، هن زمان ۽ مڪانَ جا پيد پروڙيا!

(لاٽ: 2، 36)

**تاجور:** مٿاهين حيثيت رکندڙ معياري شخصيت

سموري جڳ ۾ نامِوَرُ، پنهنجي ترجو تاجِوَرَ
دردمند عوام جي ۽ امن جي پيامبر.

(لاٽ: 2، 63)

**تاريڪ:** ڪارو، اونداهو، ڏنڌلو.

تون وئين، دل وئي تاريڪ ٿيو سارو جهان،
هاءِ ڳوڙهن بہ نہ ڪئي راهہ نمائي، جاني!

(لاٽ: 1، 62)

**تاريڪ شام:** ڪاري رات

ٿيو غريبن لئہ قيامت تنهنجي دنيا جو نظام
صبح روشن کي بنائي تو ڇڏيو تاريڪ شام.

(لاٽ: 1، 76)

**تاريڪ فضائون:** اونداهو خوفناڪ، بي شعور ماحول

پڙڪي نہ اڻن تاريڪ فضائن جي گهرن غارن ۾،
پوشيده نظر بگهڙن جي نگاهن جا شعلا!

(لاٽ: 1، 9)

**تاڪجا:** تہ پوءِ هيءُ ڇا جي لاءِ؟!

تا ڪجا جو رو ستم، اين ڪبر ونخوت تاڪجا
تا ڪجا اين ڪج ڪلاهي، اين رعونت تاڪجا!

(لاٽ: 1، 78)

**تبسم:** مرڪ

۽ تنهنجو تبسم؟ خيالن جي تاريڪ ويرانين ۾،
تمنائن جي گمنامين جو پڙاڏو!

(لاٽ: 1، 13)

**تجديد:** نواڻ، جديد قسم جي يا انوکي تبديلي

نظمِ گلشن جي ٿي وجي سراسر تجديد اڄ
جيئن دلِ هر ذره ۾ قائم ٿئي بزمِ عيد اڄ.

(لاٽ: 1، 72)

**تحرڪ:** چرپر، جهد، ولولو

۽ صدين کان مان پنهنجي فڪر جي عمل سان
حياتيءَ جي هڏ کي تحرڪ جو رت روح ڏيندو رهان ٿو!

(لاٽ: 1، 18)

**تختئہِ دار:** ڦاسيءَ جو تختو

وري تختئہِ دار سينگارجي ٿو،
وري دؤرِ تجديد پيغام آيو.

(لاٽ: 1، 28)

**تڃُ:** گھٽ اهميت جوڳي، ڪين جهڙي

ڪيتري ئي تڃُ سهي، هان هيءَ ڇپُڙي احساسن جي
عنبر جي وٽي ڇڏ!

(لاٽ: 2، 48)

**تڇيندو رهڻ:** گھٽي تڪليف ڏيڻ، ڇلڻ، تراشڻ، اولارڻ

غريبن جي صورت ۾ حالت تي پنهنجي
تبسم جا طعنا تڇيندو نہ ڪر.

(لاٽ: 1، 14)

**تخليق:** نئين شيءِ ناهڻ، نئون خيال ڏيڻ

محبت جواني، محبت مقدر، محبت ئي تخليق جو روپ رنگ
محبت خدا!

(لاٽ: 1، 14)

**تدبير:** سعيو، ڇوٽڪاري لئہ جتن، اٽڪل سٽڪل

مشهور سندم نغمہ سرائي آهي،
هر خوف ۾ تدبير سمائي آهي.

(لاٽ: 1، 54)

**تدبير جي جادوگري:** تدبيري عمل جي ڪماليت

منهنجي هرهڪ حرف ۾ تدبير جي جادوگري
منهنجي هرهڪ لفظ ۾ تقدير جي صورتگري

(لاٽ: 2، 51)

**تَرِ:** مڪمل رَڇي ويل، رسجي ويل، پوسلوٽي ويل

علم جا مشعل، عمل جون دوربينو ۽
عقل جون شطرنجيون، سوچ جا سونگا
ان جي اندر خيالن جي عطر سان ترُيُڙا!

(لاٽ: 2، 45)

**ترجماني:** نمائندگي، تفصيل، پاران پوڻ

چشمِ نم جي ترجماني ڪيم پڇ
بي زبانن جي زباني ڪيم پڇ!

(لاٽ: 1، 67)

**ترسن ٽڪن:** ڪهڪاءُ، سِڪن، تڙپن، انتظار ڪن

تنهنجي درشن ڪارڻ ترسن،
منهنجا نيڻ اُداسي!

(لاٽ: 1، 28)

**ترس اچڻ:** ڪهڪاءُ ٿيڻ، احساس اچڻ

ءِ جا ارڏاين تي هن کي سيڪت ڏيندي آئي آهي،
تنهن کي آخر ترس اچي ويو!

(لاٽ: 2، 38)

**ترڪِ عشق:** محبت کان ڪناره ڪش ٿيڻ

ترڪِ عشق نہ غمِ دوست تي قدرت دل کي،
اهڙي مجبوري بہ شمشير تي آئي، جاني!

(لاٽ: 1، 63)

**ترِڪش:** سينگ، ڪمان

تنهنجي ترِڪش جا سيئي تير کُٽي ويا شايد
ڪو نئون وار ڪرين هان تہ مجان هان شايد.

(لاٽ: 2، 56)

**ترڪماني اُنَ جو ڪمبل:** اهو ڪمبل تُرڪيءَ ملڪ جي قيمتي اُنَ جو ٺهيل هوندو آهي.

ترڪماني ان جو هيءُ ڪشمشي ڪمبل ڪلهن تان،
لاهي، هن صندوق تي ليٽا ئي ڇڏ!

(لاٽ: 2، 42)

**تُرَهو:** ٻيڙي، سيڙهه، يا ڪو ٻيو سهارو

سي چا ٻڏندا جي توڪل جي ترهي تي چڙهيا
ڇا عجب، ٿيو مغلوب جي طوفان مون ڪا.

(لاٽ: 1، 66)

**تڙپائڻ:** ڦٿڪائڻ، پريشان ڪرڻ

هاءِ هي عنوان الفت، هڪ ڪري ۽ ٻيو پري
دل کي تڙپائي ٿو هو ۽ دل ٿي تڙپائي مون کي.

(لاٽ: 1، 57)

**تشنئہِ ديد:** نظرن جي اڃ، گهرج يا سڪ، خواهش

اي دوست منهنجي تشنئہ ديد کي تہ ڏس،
دامن ڪشي نگاهہ نگارن جي ڳالهہ ڪر!

(لاٽ: 1، 51)

**تصور:** خيالي مجسمو ذهن تي تري ايندڙ خيال

پري پري تمام پري هيءَ خيال جي بستي
قريب و دور فقط منهنجو ئي تصور هو!

(لاٽ: 1، 1)

**تصور جي تخليق:** خيالن رستي نوان نوان خيال يا نظارا گهڙڻ

نهايت ئي مشڪوڪ آهن نظارا
تصور جي تخليق جا ڪارناما!

(لاٽ: 1، 4)

**تعمير:** جوڙجڪ، بناوت.

شب و روز نئين دؤر جي تعمير ڪيون ٿا
ڄاڻي ٿو زمانو، اِهو راز نہ آهي.

(لاٽ: 1، 44)

**تڪبر:** وڏائي، فخر، پاڻ پڏو

اشرفِ مخلوقات جو اهڙو انت ڏسي،
خوشيءَ وچان شيطان هنبوچيون ٿو هڻي،
تعبير سان، اهڙا زهريلا ٽانڊڻ سان پريل ٿهڪ ڏنا

(لاٽ: 2، 38)

**تڪميل:** خاتمو پورائو مڪملتا، برثواب ٿيڻ

هڪ طرف خواهش سان گڏ تڪميل جو پڻ ساٿ آ،
ٻئي طرف هر رات سان گڏ ڪونہ ڪو فوٽ پاٿ آ!

(لاٽ: 1، 77)

**تماشو:** حالتِ زار، بدحالي، ٺٺول، ڪرتب

توکي معلوم بہ آ تہ اڳين جو ڇا ٿيو!
تون وري پنهنجو تماشو بہ ڏسڻ ٿو چاهين؟!

(لاٽ: 2، 56)

**تنگ و تازنظارا:** اُهي منظر نگاريون جيڪي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿيون.

شمشير! ڪنهن طرح نہ ميسر ٿيو سڪون،
دنيا جي تنگ و تاز نظارن کي ڇا ڪجي!

(لاٽ: 1، 60)

**تنگ دستي:** غريبي، مسڪين، هٿين خالي

سيئي تنگ دستيءَ ۾ ويا ٿي يگانا،
جن جي بزم هر لمحہ رهي خرم و شادان مون کان!

(لاٽ: 1، 65)

**تنهائيون:** اڪيلايون

عجيب قسم جي تنهائين جو هو ماحول،
وڏو وسيع هو ميدان ۽ رات جو عالم.

(لاٽ: 1، 1)

**توازن:** وزن جي هڪجهڙائي، ساهميءَ جو ڪانٽو پوري وچ تي.

اربن سالن کان هي سور جمنڊل آهي.
قائم پنهنجي هڪ توازن سان.

(لاٽ: 2، 35)

**توڪل:** ڀروسو

سي ڇا ٻُڏندا، جي توڪل جي ترهي تي چڙهيا،
ڇا عجب ٿيو مغلوب جي طوفان مون کان ڪين ٿيو.

(لاٽ: 1، 66)

**تڪ ترايون:** هيٺاهينءَ تي ٿيندڙ تيز وهڪرو

لهريون لوڏا، تڪ ترايون
ويندا ٿي وهلور، او ساٿي!

(لاٽ: 1، 25)

**تهذيب:** سڌارو، مهذب پڻو

اڄ وري تهذيب کي نوڪر لڳي
اڄ وري زخمي ٿيا دل جا ڏٽي.

(لاٽ: 1، 18)

**تيرگي:** گدلائي، مايوسي، خاموشي، بي مزگي

ڪير آئي تہ تنهنجي بزمِ جهان ۾ ليڪن،
منهنجي دنيا ۾ فقط تيرگي ڇائي جاني!

(لاٽ: 1، 63)

**ٽاپولين:** گهوڙن جي تيز رفتاريءَ سان هلڻ جو آواز

اڻ ڪٿ هسوارن جي گهوڙن جي ٽاپولين جا پڳ ۾ پيرا
فتحمندين جا دڳ ۾ ديرا.

(لاٽ: 2، 40)

**ٽاري چڏڻ:** گهرج پوري ڪرڻ جو آسرو ڏئي نٽائي وڃڻ

اسان جي حسرت، اوهان جي مرضي،
ائين ئي ٽاري چڏيو تہ وهہ واهہ!

(لاٽ: 1، 40)

**ٽانڊا:** ڪاتيون ٻاري ٻاهہ ڪبي تہ ٽيندڙ اڱريون جي ٻاهہ ۾ ڳاڙها هوندا آهن تہ انهن کي ٽانڊا چئبو آهي.

ٽانڊن ۾ چا گل ٽڙيا ها،
گلن اندر ڪيئن ٽانڊا ٽڙڪي ٽلي رهيا ها

(لاٽ: 2، 92)

**ٽاٽي:** وقت تي

مان تہ وينو هوس هاٽي واپسيءَ جي لئہ تيار بس سو
اتي جو ڪيم پئي انتظار ڪنهن بہ ٽاٽي آهي اچڻو
آسماني هڪڙو گهوڙو، جيڪو ڪنهن مهلت بنا ٽيندو فرار!

(لاٽ: 2، 43)

**ٽڙڪي:** ٻاهہ ۾ پچڻ وقت ان مان بچڻ خاطر ٻُلَ ڏيندڙ ڪاٺين لاءِ چئبو تہ ٽڙڪي رهيون آهن.

ٽانڊن ۾ چا گل ٽڙيا ها، گلن اندر ڪيئي،
ٽانڊا ٽڙڪي ٽِلي رهيا ها.

(لاٽ: 2)

**ٽِڪُلا:** نانگ جو قِسمُ

اونداهين گهرن غارن ۾ ڪيئن لُنڍِيُون، ٽِڪُلا،
ڳوراهون، هڻ ڪڻ ۽ هزارين ازدهائون!

(لوات: 1، 9)

**ٽلي:** فخريہ انداز ۾ پُرسڪون آهستگيءَ سان هلڻ

ٽانڊن ۾ چا گل ٽڙيا ها، گلن اندر ڪيئن ٽانڊا
ٽڙِڪي ٽِلي رهيا هئا.

(لاٽ: 2، 96)

**ثاني:** ٻيون، ٻيو، سلسلي مان ايندڙ گذريل جي نانءَ وارو

اول آهيان، ثاني آهيان،
ساڳيو ساڳيو سچ سُٺايان.

(لاٽ: 2، 110)

**پاسداري:** طرفداري، چاهيندڙ، پنيرائي ڪندڙ

خيال دنيا جو آهي نه خوف رسوائي،
دل آهي حسنِ تمنا جي پاسدار اڃا.

(لاٽ: 1، 58)

**پاڪبازيءَ:** پاڪ رهڻ، پليتائيءَ کان پاسو ڪرڻ

پاڪبازيءَ تي عبث ٿو رهي نادان مغرور
مان ٻڌايان، ڪو ٻُڌي شيخ جو ايمان مون کان

(لاٽ: 1، 66)

**پالوٽ:** وسڪارو، ٿوري وقت ۾ گهڻو مهيا ٿيڻ

اڄ وري پرواز جي پالوٽ ٿي،
اڄ وري جذبا اٿيا اڻ موٽ ٿي

(لاٽ: 1، 19)

**پامال ٿيڻ:** نيست ونابود ٿيڻ، لتاڙجڻ، چيپاٽجڻ

انهن تي تعجب ڪريو يا نه ڪريو: اهي سڀ ائين ئي اتي ئي
زماني جي پرزور پيرن ۾ پامال ٿيندا!

(لاٽ: 1، 9)

**پامالِ آرزو:** خواهشين جو خاتمو.

اڄ زندگي سهارو بني آهي موت جو،
پامالِ آرزو ڪجي، سهارن کي چاڪجي!

(لاٽ: 1، 60)

**پائيو:** حيثيت، معيار

سونهن جي سيني وڙن ۾ تون تہ مالامال آهين،
جو ڏنم تن ۾ نہ هئي ڪا تنهنجي پائي جي اميرا!

(لاٽ: 2، 47)

**پائي ٿي دل:** حاصل ڪري ٿي دل

ديد ۽ خاموش ڪان طرزِ ادا پائي ٿي دل
خلوتِ تخيل کي محفل ۾ بدلائي ٿي دل.

(لاٽ: 1، 57)

**پڊ:** غير آباد زمين، پوٺو، ڦٽل ڳوٺ يا شهر واري زمين، جُوءِ، ماڳ

اڃا پڊ ريجيا نہ برسات آهن،
انهن جي تياري ڪري ٿا چڏيون.

(لاٽ: 2، 10)

**پُرسانِ حال:** سارسنڀال لهندڙ، حال احوال وٺندڙ

جنهن جي محنت سان ٿيو قائم هي تنهنجو جاه و جلال،
حيف آهي تنهن جو تون بنجين نہ ٿو پرسانِ حال.

(لاٽ: 1، 78)

**پرستار:** پوڄاري، پوئلڳ

اوستم ڪيش و سيد ڪارو، لعين وجبي ضمير،
بندهء قارون، پرستارِ زر وسيم، اي اميرا!

(لاٽ: 1، 75)

**پُرسڪون:** اها جڳهہ يا ماحول جتي سڪونُ ئي سُڪون هجي.

جنهن تي قائم آهي هڪڙو خوشنما حيرت جو باغ،
پُرسُڪون ۽ پرفضا تنهائين خاموشين جي سرزمين!

(لاٽ: 2، 33)

**پرفضا:** اها جڳهہ يا ماحول جتان جي فضا وڻندڙ هجي.

جنهن تي قائم آهي هڪڙو خشنما حيرت جو باغ،
پُرسُڪون ۽ پُرفضا تنهائين خاموشين جي سرزمين.

(لاٽ: 2، 33)

**پرڪاش:** ڪائنات، دنيا

پلڪ پلڪ تي بجلي چمڪي ڦهلائي پرڪاش
جڳمڳ جڳمڳ چمڪي ڀڙڪي آڪاش.

(لاٽ: 2، 89)

**پرواز جي طاقت ملڻ:** خيال جي پري پري تائين اُڏام

اج وري پرواز جي پالوٽ تي،
اج وري جذبا اٿيا اڻ موٽ تي.

(لاٽ: 1، 19)

**پروسرن ٿا:** ساڙ ڪرڻ، حسد ڪن ٿا، نہ ٿا چاهن.

هي تهذيب دشمن، هي تهذيب دشمن، هي تهذيب دشمن ئي
مهين جي زماني کان سنڌوءَ ڪنارن جي تهذيب تي جي سڙن پوسرن ٿا.

(لاٽ: 2، 88)

**پرهول:** سَنِسَني خيزي ڦهلائيندڙ ديونما، خوف پيدا ڪندڙ.

هن جهنگل جي پرهول وڻن جي پاڇولن ۾ ڀُوتَ آهن!

(لاٽ: 1، 9)

**پريم دواري:** محبت ڪرڻ جا ماخذ

ليڪن آس نہ لاهج پيارا، ايندس پريم دواري،
مون کي اڃڻو آهي ايندس پيار جو واعدو پاري.

(لاٽ: 1، 23)

**پزمرده ٿيا:** مري ويلن جهڙا ٿيا، مُرجهايل، غمگين، ويڳاڻو

ڪي هوا گل جي جوانيءَ ۾ ئي پزمرده ٿيا،
۽ ڪي غنچا مسڪرائيندي ئي جي رهجي ويا.

(لاٽ: 1، 79)

**پژمردگي:** مري ويلن جهڙيءَ ڪيفيت کي پهچڻ.

هرطرف ڇانيل اداسي ۽ فضا خاموش هئي، مونجهاري وارو عالم
گل تہ هئا موجود پر غالب هئي پژمردگي.

(لاٽ: 1، 74)

**پَستِي:** پوئتي موٽ، زوال، تنزل پذيري ترقيءَ جي ابتڙ، هيٺ ڪرڻ.

ڪڏهين احسن، اشرف، انساني،
ڪڏهين پستيءَ پيا!

(لاٽ: 1، 52)

**پشتئہ هِستي:** هستيءَ جي پويان هئڻ ڪري، پاڻ کي پائڻ سببان، ياڳ يا نصيب ۾

پشتئِ هستيءَ تي نمايان آهي نقشئِ انقلاب،
سمجھہ اي شمشير آهي سخت قدرت جو ڪتاب.

(لاٽ: 1، 70)

**پٻگ ۽ پيرا:** رستا ۽ انهن تي هلندڙن جا پيرا

اڄ ڪٿ هسوارن جي گهوڙن جي ٽاپولين جا پٻگ ۽ پيرا
فتح مَنديءَ جا دڳ ۽ ديرا!

(لاٽ: 2، 40)

**پٻگ پٻگ:** پير پير جي نيشان تي، رستي رستي، سڙڪ سڙڪ تي.

جهرمر جهرمر تارن جا سپ ديپ جلائي ڇڏيو،
انت ڏياريءَ جهڙي پٻگ پٻگ جوت جڳائي ڇڏيو.

(لاٽ: 2، 89)

**پنڊ پهڻ:** سن تي ويڄڻ، پٿرائجي ويڄڻ، مئل ماڻهوءَ مثل

اڪڙيون هُنَ جو انتر منتر، جادو جنتر قد،
مُڙي ڏنو جنهن پنڊ پهڻ ٿيو راهون رستا بند.

(لاٽ: 2، 80)

**پور:** سارو‌ٽي، پر هتي ٻيڙيءَ جي پورلاءِ ڪتب آيل آهي.

منزل موجن تي پسجي ٿي،
باقي هڪڙو پُورُ!

(لاٽ: 1، 25)

**پوشيده نظر:** لڪل، نظر کان غائب ٿيل، ڏسڻ ۾ نہ اچي سگهندڙ

پڙڪي نہ اٿن تاريڪ فضائن جي گهرنِ غارن مان،
جي اندر پوشيده نظر پگهڙن جي نگاهن جا شعلا!

(لاٽ: 1، 9)

**پولار:** زمين ۽ آسمان جي وچ واري وٿي

پولارن ۾ پيهي، هن زمان ۽ مڪان جا پيد پروڙيا
اشرف المخلوقات انهيءَ اڙٻنگهہ وڙ وليا دنگ سمورا!

(لاٽ: 2، 36)

**پوٽي ڪرڻ:** گهٽائي ڇڏڻ، بي اثر بنائي ڇڏڻ

ڄيين، اُلن، ٽانڊن جي برسات وسائڻ سان،
ڌرتيءَ پيداوار جي قوت پوٽي ڪئي!

(لاٽ: 2، 37)

**پهاڙي پڊ:** پٿريلو علائقو، پهٽن سان پريل ميدان.

۽ هتي ڪنهن پهاڙي پڊ تي ڳوٺ جا ڪي بارڙا،
رات کان ٽڪجي ٽني گهيرو ٻڌي ڪن پيار ڪچهري!

(لاٽ: 2، 71)

**پهچي لائڻ:** پُڄي اچڻ، مقابلو ڪائڻ

پريت جا ويري آهن جڳ ۾، تن سان پهچي لايان!

(لاٽ: 1، 23)

**پهلوءَ ۾ دل نہ هئڻ:** جڻ تہ حسين ۾ دل ئي نہ هجي، ڪنور

اي رئيسِ قوم ڇا پهلوءَ ۾ تنهنجي دل نہ آهہ؟
۽ اگر آهي تہ ڇا، سا رحم جي قابل نہ آهہ؟

(لاٽ: 1، 78)

**پوئواري:** پنيرائي، ساٺ، بعد ۾ سنڀالڻ

انتظاري ختم ٿي ۽ ختم ٿيو دورِ خزان،
پوئواريءَ لئہ اچي پهتي بهارِ جا ودان.

(لاٽ: 1، 71)

**پيامبر:** پيغام رسائيندڙ، سنهيو پڄائيندڙ، ساڃهوندڙ بنائيندڙ

سموري جڳ ۾ نامور پنهنجي تر جي تاجور،
درد مند عوام جي امن جي پيامبر.

(لاٽ: 2، 63)

**پيٽ – پيار:** بک، لالچ

پيار تہ نعمت آهي سائين،
ماري ڇڏيو پيٽ – پيارُ!

(لاٽ: 1، 33)

**پيداواري سگهہ:** ساڳئي پاڻ پُٽي ۾ هر ڦار تي ڪا زمين گهٽ تہ ڪا وڌ پيداوار ڏيندي آهي. ان فرق کي زمين جي سگهہ يا قوت چئبو آهي.

ڄِپُنِ، اُلن، ٽانڊن جي برسات وسائڻ سان،
ڌرتيءَ پيداوار جي قوت پوٽي ڪئي!

(لاٽ: 2، 37)

**پيشروئن:** پوپان ايندڙن، مستقبل وارن

زماني جي راهن تي پنهنجي قدم آزمائي ڪندڙ
پيشروئن جي جولان جي ڏوڙ آهن.

(لاٽ: 1، 5)

**پيشڪش:** آڇ، ڪا شيءِ ڏيڻ لاءِ پيش ڪرڻ

وقت جو مالهي عجيب، پيو سدا پوکي محبت جا
نوان تازا گلاب! پيشڪش جي لاءِ خوشبو جو ڪجهہ ثمر!

(لاٽ: 2، 33)

**پيڪر حرص و هوا:** لالچ ۽ مفاد پرستيءَ جو مجسمو

اي ڪِ گويا تا چون، دنيا ۽ دولت جو خدا
اي ڪِ تنهنجي ذات يڪسر پيڪرِ حرص و هوا!

(لاٽ: 1، 76)

**پيمائشون:** ايراضيون، ماپُون

فاصلن جون وسعتون، ڪنهن جي لئہ؟
وقت جون پيمائشيون، ڪنهن جي لئہ؟

(لاٽ: 2، 55)

**جادو منتر:** معجزانا، جادوءَ ۽ ٽئوٽي جو گُرُ.

اڪڙيون جنهن جون انتر منتر، جادو جنتر قد،
مُڙي ڏنو جنهن پِنڊُ پهڻ ٿيو رستا، راهون رد!

(لاٽ: 2، 80)

**جادو ننگري:** ڪرتب خانو اها واڏي جتي ڪرشما ۽ تعجب ٿيندا هجن.

جيڪو اڳتي ٿو وڌي، ڪائي اهو ڪيئي فريب،
جادو ننگريءَ مان بچي نڪري ڪير، ڪير پلا!

(لاٽ: 1، 20)

**جاذبِ فطرت:** فطرت کي بہ جذبو ڏياريندڙ جذبي سان ڀرپور ماحول

هي ڪنهن جو نقش وفا آهي جاذبِ فطرت،
جُهڪي ٿو جنهن تي روزگار اجا!

(لاٽ: 1، 59)

**جانباز:** جان قربان ڪندڙ سِرُ ڏيندڙ.

غدار پيا سنڌ جي سودي کي چُڪايو،
صد حيف جو هوشوءَ جهوڪو جانباز نہ آهي.

(لاٽ: 1، 44)

**جاوده حسن و فسونِ ڪيف و ڪم:** سونهن ۽ ناهہ نوهہ جا ڪهڙا ۽ ڪيترا نمونا.

هر طرف گلها ۽ رنگين جي بهارِ دلربا،
جاوده حسن و فسونِ ڪيف و ڪم، رنگين فضا!

(لاٽ: 1، 73)

**جاه و جلال:** رعب تاب

مان مجان ٿو قيمتي گوهر ڪان تنهنجا ماه وسال،
چند لمحن ۾ نہ گهٽ ٿيندو سندءِ جاه و جلال.

(لاٽ: 1، 76)

**جرم:** ڏوهہ

هن قيد جدائيءَ ڪان ڪر هاڻ رها الله،
ڪنهن جرم جي آخر تون ڏين ٿو هي سزا مون کي!

(لاٽ: 1، 64)

**جذب و ڪشش:** احساس ۽ چاهت

محبت جي جذب و ڪشش جو عمل!

(لاٽ: 1، 14)

**جُڳ جُڳاندر ڪان:** تمام گهڻي زماني ڪان

جيڪو هر جاءِ حاضر ناظر، جُڳ جُڳاندر جُهورُ،
دانا بينا ڄاڻي جيڪو گهڙيءَ گهڙيءَ جو پُورُ!

(لاٽ: 2، 16)

**جل پريون:** اُهي سهڻيون شيون (پريون) جيڪي پاڻيءَ ۾ رهنديون هجن.

جن سان جلپرين جون ٽوليون،
پري پري سپ پنهنجون جهوليون.

(لاٽ: 2، 75)

**جلوه گر:** درشن ڪرائيندو جلوو ڏيکاريندڙ

زندگيءَ جي حسنِ بانو!
وقت جي اٽڪ اُميدن جي گلابن ۾ ٿئي ٿي جلوه گر!

(لاٽ: 2، 33)

**جلوه نمائي:** ديدار ڪرائڻ

عيد عاشق جي بَجزُ ديد نہ آهي هرگز،
تي وجي اڄ تہ ذرا جلوه نمائي، جاني!

(لاٽ: 1، 63)

**جنبوڙا:** جُنبي ويندڙ گُس گُسان نہ ڪندڙ.

جنهن وقت ڇنن ۾ ڳاهہ ٽيل،
سڀ جوان جنبوڙا، جوٽن ٽا!

(لاٽ: 2، 113)

**جنتِ مڪاني:** آرام ده هنڌ.

مري ويو شمشير محزون درد ۾،
هو چڱو جنتِ مڪاني نہ پُڇُ!

(لاٽ: 1، 68)

**جنت نشان:** بلڪل جڻ تہ جنت آهي

اي گلو! بلبلو! غنچئو! ذرا انداز سان،
ٿي ويو گلشن اڄوڪي ڏينهن بس جنت نشان!

(لاٽ: 1، 71)

**جنهن جي دم سان زندگي:** جيڪو جيئرو رهي ۽ زندگيءَ کي بچائي رهيو آهي، جنهن جي هئڻ سان هيءَ زندگي هلي رهي آهي.

جيڪو حقيقت ۾ ٿيو روح روان زندگي،
جنهن جي دم سان زندگي شايانِ شانِ زندگي!

(لاٽ: 1، 78)

**جوتي ماٽڻ:** ازلي روشني حاصل ڪرڻ، اندر جي تجلي پائڻ.

شاهہ گوتم هليو بنواس هو جوتي ماٽڻ،
ويو محمد حرا، حسنِ ازليءَ خاطر!

(لاٽ: 2، 50)

**جوڌا:** جوان، بهادر، دلير، ويڙهُو

عارضي سونهن تي هر ڪي ڪئين جوڌا ۽ جوان
راهه پلجي ۽ وساري ٿا ڇڏن منزل ڪي.

(لاٽ: 1، 20)

**جورِ وستم:** ظلم ۽ ڏاڍ

تا ڪجا جو روستم اين ڪبر ونخوت تا ڪجا،
تا ڪجاراين ڪجڪلاهي، اين رعونت تا ڪُجا!

(لاٽ: 1، 78)

**جورِ خزان:** خزان جو رعب ۽ دٻدٻو ڏاڍايون ۽ تڪليفون

هڪ طرف عيش بهاران، ٻئي طرف جو رِخزان،
ڪهڙو هي انصاف آهي، ڪهڙو نظمِ گلستان!

(لاٽ: 1، 74)

**جوشِ انتقام:** پلاند وٺڻ جو جذبو ۽ جوش

تو ڏٺوئي ناهه هڪ مفلس جو جوشِ انتقام،
هي ڪندو اونڌو سندءِ سرمائيداريءَ جو نظام.

(لاٽ: 1، 78)

**جولانُ:** جوش، جذبو، تندهي

زماني جي راهن تي پنهنجي قدم آزمائي ڪندڙ
پيشروئن جي جولان جي ڏوڙ آهن.

(لاٽ: 1، 5)

**جُوهر:** تت، نچوڙ، مختصر سمورو مادو

اڄ وري تاريخ جا دفتر ڪليا،
اڄ وري انسان جا جوهر ڪليا.

(لاٽ: 1، 18)

**جهانِ دل:** دل جي دنيا جي ڪيفيت

ٿي وئي ٿي يار هر هر دل مان هڪ موجِ سرور،
ٿي نظر آئي جهانِ دل جي وسعت دور دور!

(لاٽ: 1، 73)

**جهانِ ساز:** زماني جي لحاظ وارو، جڳندڙ بسندڙ

نوالن نظارن جي تخليق جا ڪارناما،
اوهان جي جهان ساز نظرن ۾ مستور آهي.

(لاٽ: 1، 6)

**جهالر:** چادر، وهاڻي يا رئي جي ڪنارن تي اٽيل يا ڪپڙي جي گهنج گهنج پٽي

ڪڏهن پُوت پيپوتي، ڪڏهين جهالر سان دستارَ!

(لاٽ: 50)

**جهنم زار:** جهنم يا دوزخ جهڙن، عتاب سان ڀرپور.

هڪڙي اڻ ڪٿ مرڪ شرارت جي چٽڻگن سان ڀريل هن جي،
جهنم زار چپن تي پڙڪي پَئي!

(لاٽ: 2، 36)

**جهنگل منگل:** جهر جهنگ خوشين ۽ مسرتن جا ميڙا

چنچل شوخ هوائون چوڌس، ايئن ٿي جهوميون،
جهنگل منگل سرهاڻين جا ساٿ ٿيا!

(لاٽ: 2، 95)

**جهور:** عمر رسيد، اُهو جنهن ڪيئي زمانا اکئين ڏٺا هجن.

جيڪو هر جاءِ حاضر ناظر جُڳ جُڳاندر جُهورُ،
دانا بينا ڄاڻي جيڪو گهڙيءَ گهڙيءَ جو پُورُ!

(لاٽ: 2، 15)

**جهوميو:** نچڻ ۾ جُهمريون هڻڻ کي جهومڻ چئبو آهي. جيڪا انتهائي خوشيءَ جي نشاني آهي.

چنچل شوخ هوائون ڏس ائين ٿي جهوميون،
جهنگل منگل سرهاڻين جا ساٿ ٿيا ها!

(لاٽ: 2، 95)

**جيون ساٿي:** ڪانڌ، مڙس، ولهو

تون ئي منهنجو جيءَ جيارو، تون ئي منهنجو جيون ساٿي،
تنهنجي درشن ڪارڻ ترسن منهنجا نيڻ اُداسي.

(لاٽ: 1، 23)

**جيون راڳ:** حياتيءَ جو نغمو

من ٿو چاهي، توکي جِيوَن راڳ بڻايان!

(لاٽ: 1، 21)

**جيءَ جيارو:** جنهن سان جيون گهارڻ ۾ مزو ايندو هجي

تون ئي منهنجو جيءُ جيارو، تون ئي منهنجو جيون ساٿي،
تنهنجي درشن ڪارڻ ترسن، منهنجا نيڻ اداسي!

(لاٽ: 1، 23)

**ڄور:** پاڻيءَ ۾ رهندڙ نانگ جيان پر ان کان ننڍي جنهن سان ڪِنو ٿي ويلُ رت چُوسرائِبو آهي.

اي غلامِ مال و دولت، اي اميري تند_ خُو،
ڄؤر وانگيان چوٿو چوسين تون غريبن جو لهو.

(لاٽ: 1، 1)

**چارسُو:** چوڌاري، جاڏي ڪاڏي.

انجمن ۾ هي گلن جي، چارسو ڏسجن ٿا خار،
چا گلن کي تازگي بخشي نہ سا ڪهڙي بهارَ!

(لاٽ: 1، 74)

**چاره گر:** ٺيڪ ڪندڙ ڊاڪٽر، سارسنڀار لهندڙ ڪم درست ڪندڙ داناءُ، ڏاهو حاذق حڪيم

اي چاره گر! ناحق نہ پياريو دوا مون کي،
هي دردِ محبت ڪان نہ ٿيندي شفا مون کي!

(لاٽ: 1، 64)

**چال:** ڪيڏ، اٽڪل، ٽرڪ، حڪمت عملي

اچو ۽ ڏسو منهن جي هٺ تي هي تهذيب دشمن،
خبيثن کي شهہ ـ مات جي چال آهي لکيل.

(لاٽ: 2، 88)

**چاهت:** پيار، وٽڻ، سڪ، عاشقي

چنڊ جي چاهت جي انت چڪورا ماريا،
سونهن ۽ سچ سَدَّ ۾ ڪا حياتي نہ بچي!

(لاٽ: 2، 50)

**چِٽسالي:** ڪنهن شيءِ تي گلن ۽ ٻوٽن جا رنگبرنگي برٽ پرڻ يا ڇاپ ڇاپڻ

فطرت جي چٽساليءَ اندر فنڪارن جي بيحد،
خوب ڪمالين سان تبديليءَ جا رنگ رچايا!

(لاٽ: 2، 36)

**چراغُ:** ڏيئا

تاريڪ فِضائُن جا سينا،
همت جي چراغن سان چيري!

(لاٽ: 1، 11)

**ڇُسِڪيون چاڙهڻ:** ڀنگ يا شراب پي دُت تي اچڻ

تنهنجون ڦِرڪيون ڦيري ويندا،
چاڙهي ڇُسِڪيُون چارِ!

(لاٽ: 1، 52)

**چشمِ تماشائي:** اسان جي ملاقات کي ڏسڻ جو شوق

شوقِ ديدار ۾ هر چشمِ تماشائي بني،
مون سرِ راهہ نظر پنهنجي وڇائي، جاني!

(لاٽ: 1، 62)

**چشمِ تر:** لڙڪن هاڻا نيڻ.

چشمِ تر جي خونفشاني ڪيم پُڇُ!
دل جو مرگِ ناگهاني، ڪيم پُڇُ!

(لاٽ: 1، 67)

**چشمِ ڪرم:** مهر ڀريون نظرون.

دير هئي تنهنجي ئي بس چشمِ ڪرم جي شايد،
بدگمان بنجي وئي ساري خدائي، جاني!

(لاٽ: 1، 62)

**چشمِ نم:** ڀنلَ نيڻ، آليون اکيون

چشمِ نم جي ترجماني، ڪيم پڇ،
بي زبانن جي زُباني، ڪيم پُڇُ!

(لاٽ: 1، 67)

**چُڪائڻ:** طئي ڪري ڇڏڻ، فيصلو ڪري ڇڏڻ، مُڪائي ڇڏڻ.

غدار ڀيا سنڌ جي سودي کي چُڪائن،
صد حيف ڪو هوشوءَ جهو جانباز نہ آهي.

(لاٽ: 1، 44)

**چڪورا:** ننڍڙا پکي چنڊ جي عشق ۾ چوڏهينءَ جي رات چنڊسان ملڻ لاءِ اُڏندي اڏندي ڪنيڙاٽيون کوئي مري ويندا آهن.

چنڊ جي چاهت بي انت چڪورا ماريا،
سونهن ۽ سچ جي سَڏَ ۾ ڪا حياتي نہ بچي!

(لاٽ: 2، 50)

**چڪنا چور:** ٽهس نهس ٿيل، ڀڃانوانڊول ٿيل

فطرت ڪان تخليق جي هر ڪا گوءِ ڪٽڻ لئہ،
هن جي سڀ مانڊاڻ ڪي چڪنا چور ڪرڻ لئہ.

(لاٽ: 2، 37)

**چَمُ:** ماڻهون

فڪر ۽ نغمان ماٺ مري ويا،
ڪم ۽ چم وڪجن پيئي!

(لاٽ: 1، 32)

**چنتا:** اوسيئڙو، انتظار

من جي چاهت، تَنَ جي چنتا
تن من چنتا پانيان!

(لاٽ: 1، 23)

**چنچل شوخ:** خوددار البيليون

چنچل شوخ هوائون چوڏس ايئن ئي جهوميون،
جهنگل منگل سرهاڻين جا ساٿ ٿيا ها!

(لاٽ: 2، 95)

**چُوچِڙي:** ٻاهہ پرندڙ ڪاني

ڳالهہ ڳجهڙي ٻہ هئي، ڳالهہ پڌري ٻہ هئي، ڪالهہ پوئين پهرِ ڪير آيا ويا!
راج ساري اڳيان ڏئي ساري ڪري ڪي ويا چُوچِڙي!

(لاٽ: 2، 87)

**چال چورين جا ڏِسي:** نوجوان سهڻين عورتن جا ناز ۽ نخرا ڏسي

ڪو تہ لاهوتي لنگهي وڃي اڳتي منزل ڏانهن،
چال چورين جا ڏسي ڪوئي لنوائي تہ سهي!

(لاٽ: 1، 21)

**چڙڪي پوڻ:** هار جي پوڻ، وهڻ

ياد ڪيا دل پنهنجا يارَ
چڙڪي پيا نيڻڻ جا نارَا

(لاٽ: 1، 33)

**حاتم:** حاتم تائي، جيڪو تاريخ ۾ سخيءَ جي حساب سان علامت بڻيل آهي.

آهي ڪوئي مائيءَ جو لال، آهه ڪو حاتم جي همت
جو مثال، موت ۾ ماڻي محبت جو وصال،
زندگيءَ جا سَوَ سوال- ڪير ٿو پورا ڪري؟!

(لاٽ: 2، 58)

**حاڪم:** قابض، جنهن جو حڪم هلندڙ هجي

حاوي حاڪم آهه هوا تي چڙهي ڪري ٿو سير،
جنهن جيءَ همت سان هوڏ ڪري، ڪوئي ناهي ڪير.

(لاٽ: 2، 16)

**حاوي:** جنهن جو تسلط يا قبضو هجي، جنهن ڪان متاثر يا جنهن ۾ عقيدتمند هُجي.

حاوي حاڪم آهه جو هوا تي چڙهي ڪري ٿو سير،
جنهن جي همت سان هوڏ ڪري، ڪوئي ناهي ڪيرا

(لاٽ: 2، 16)

**حجازي:** حجاز لفظ مان نڪتل آهي، جيڪو عربستان جو علائقو مڪي ۽ مديني وارو آهي.

اڪپور ۾ الستي، اهڙي نہ ڪائي سَتي،
مَستيءَ جو مَٽُ نہ هستي، هاري ڇڏيئون حجازيا

(لاٽ: 2، 101)

**حديثِ غمِ دؤران:** ڏکويل وقت يا دؤر جي ڳالهہ يا آکاڻي يا داستان جي سور جي سُوجَهہ ٻُوجهہ.

همنشين پڇ نہ مون ڪان حديثِ غمِ دؤران
زندگي آهي بحرحال گريزان مون ڪانا

(لاٽ: 1، 66)

**حِرا:** ان نالي هڪ غار آهي، جنهن ۾ حضور ڪريم جن ويهي عبادت ڪئي هئي.

شاهہ گوتم هليو بنواس هو جوتي ماڻڻ،
ويو محمد حرا، حسنِ ازليءَ خاطر.

(لاٽ: 2، 62)

**حربا:** هٿ ڳنڊا، وس، اٽڪلون

هيءُ صدين جا پراڻا حربا آهن،
جن کي هر دور ۾ حاصل ٿي فقط ناڪامي!

(لاٽ: 2، 56)

**حرف:** اکر، الزام

مشهور سندم نغمہ سرائي آهي،
هر حرف ۾ تدبير سمائي آهي!

(لاٽ: 1، 54)

**حريرو ڪمخواب:** بخمل ۽ ڪيمخواب نموني وارو ڪپڙو

هڪ طرف زيب تِن آهين حريرو ڪمخواب،
ٻئي طرف دامن جي چتين جو نہ آهي ڪو حساب.

(لاٽ: 1، 76)

**حسرت:** چاهہ، اميد، سِڪ، دلِي خواهش

اسان جي حسرت، اوهان جي مرضي،
ائين ئي ٿاري چڏيو تہ وهہ واهہ!

(لاٽ: 1، 40)

**حسرت زده:** مفلسيءَ وارو، تنگ ٿيل، مسڪينيءَ ۾ مبتلا

آهہ هي عنوانِ مجبوري، حسرت زده، ناشاد و ڪام،
جنهن جي دم سان آهہ قائم اهلِ دوت جو نظام!

(لاٽ: 1، 78)

**حُسُنِ ازل:** خدا تعاليٰ جي نور جو جلوو

شاهہ گوتم هليو بنواس هو جوتي ماڻڻ،
ويو محمد حرا، حسنِ ازليءَ خاطر!

(لات: 2، 62)

**حسنِ اتفاق:** ماحول کان هٽي ۽ ظاهر ٿيندڙ سهڻي شئي، معجزو.

وقت جي حرڪت سدائين بي وجود، لازمانيءَ ۾
مڪانيت جو حسنِ اتفاق!

(لات: 2، 74)

**حسنِ تمنا:** آرزوئن جي نزاڪت، گهرج جي سهڻائي يا خوبصورتي

خيال دنيا جو آ نہ خوف رِسوائي،
دل آهي حسنِ تمنا جي پاسدار اڃا.

(لات: 1، 59)

**حسنِ دو روزه:** عارضي سونهن، سونهن جو عارضي پڻو.

ڪير ٿو توکي روڪي؟!
تہ تون پنهنجي حسنِ دو روزه تي نازان نہ ٿيءُ!

(لات: 1، 12)

**حسنِ عريان:** کُلي کُلائي سونهن، اُها سونهن جنهن اڳيان ڪابہ لڪ لڪوتي نہ هجي.

وري حسنِ عريان سرِ بام آيو،
وري عشق وارن تي الزام آيو.

(لات: 1، 38)

**حشر:** قيامت، فيصلي جو ڏينهن

وقت جي رفتار کان وڌ سمجهہ موجِ انقلاب،
قبلِ محشر، حشر جو ميدان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لات: 1، 70)

**حقير:** گهٽ حيثيت وارو، غريباڻو، گهٽ معياري

ڪاش مان توکي پهرئين ئي ڏينهن ڏسان هان ۽ سمورو پيار جو
وکر وکر تنهنجي سر تان اوري گهوري تنهنجي قدمن ۾ رکان هان،
هڪڙي مفلس جو سو نذرانو حقير!

(لاٽ: 2، 47)

**حڪايت:** ڳالهه، آکاڻي، عجيب داستان، قصو بيان، احوال، روايت

سدا لازوال آهي انسانيت جو ظهور،
اها آهه بس زندگيءَ جي حڪايت.

(لاٽ: 1، 6)

**حمايت:** پٺڀرائي، پاسخاطري، طرفداري،

تون چئه ته اِها هن جي حمايت به غلط آ،
سچ آ ته شمشير سخن ساز نه آ!

(لاٽ: 1، 45)

**حياتِ لال و گل:** لال نالي ٻوٽي جي زندگي

چمن ۾ هي ڪنهن جو ٿو ڏسجي انتظار اجا،
حياتِ لال و گل آهي اِشڪبار اجا!

(لاٽ: 1، 58)

**حيف آهي:** ميار ڏيڻ جو انداز، جنهن جو مطلب آهي ته توکي تنهنجي مليل ان معيار کان گهٽ ٿو سمجهان.

جنهن جي محنت سان ٿيو قائم تنهنجو هيءُ جاه و جلال،
حيف آهي، تنهن جو بنجين نه ٿو پرسانِ حال!

(لاٽ: 1، 78)

**حِيلو هلائڻ:** ترتيب بحال رکڻ، سعيو ڪرڻ، وس ڪرڻ

هلائي ڪير اچي ايترو پنهنجو حيلو
مٽائي خود کي، ڏئي کي رکي صحيح سالم.

(لاٽ: 1، 2)

**خادم:** خدمتگار، خدمت ڪندڙ

ڪڏهين خادم خلقت، ڪڏهن مُلان من مردارُ!

(لاٽ: 1، 51)

**خارن جي ڳالهہ ڪر:** ڪنڊن جي ڳالهہ ڪر

منهنجي اڱيان گلن جي وفا جو نہ ڪر بيانُ،

ها، برسبيلِ تذڪرہ، خارن جي ڳالهہ ڪر!

(لاٽ: 1، 61)

**خاڪروب:** ٻهاريدار، صفائي ڪرڻ وارو

ڏس تہ مون ساريءَ حويليءَ جا مڙوئي فانوس ۽ قنديل

۽ مشعل اُجهائي ها ڇڏيا سڀ ملازم حاضريءَ جا ۽ خاڪ روب

ڪلهہ ئي فارغ ٿي ويا!

(لاٽ: 2، 47)

**خبيث:** لعنتي، نياڳا، بي مهابا

اڃو ۽ ڏسو منهنجي هٿ تي هي تهذيب دشمنِ

خبيث ڪي شهہ- مات جي چال آهي لڪيل!

(لاٽ: 2، 88)

**خرمنِ حيات:** زندگيءَ جو سرمايو حياتيءَ جي ڏيک جا منظر

ويو خرمنِ حيات تہ ٿي نذرِ انقلاب

تون ئي ٻڌاءِ مست بهارن ڪي ڇا ڪجي؟!

(لاٽ: 1، 60)

**خضرِ محبت:** محبت ۾ رهنمائي ڪندڙ محبوب

آهي خضرِ محبت! مان خود هن ڪي وڃي لهندس

ڏيکار هن جو فقط نقشِ ڪفنِ پا مون ڪي!

(لاٽ: 1، 64)

**خلد:** هميشه رهڻ وارو بهشت.

خلد ۾ انسان جي تخليق جو منظر ڏسي،
سڀ ملائڪ کي سراسر سجدي جي اندر ڏسي!

(لاٽ: 2، 14)

**خلقت:** انسانذات، ڪائنات ۾ رهندڙ جيءَ

ڪڏهن خادم خلقت، ڪڏهن مُلان هن مردار!

(لاٽ: 1، 51)

**خُلقِ اعظم:** وڏين عظمتن، شان ۽ شوڪت وارو

نور کي مٽيءَ جي بوتي ۾ اڇي اظهر ڏسي
خلقِ اعظم، احسن التقويم جو مظهر ڏسي!

(لاٽ: 2، 14)

**خلل:** رڪاوٽ خلفشار، رخنو

عالمِ مصروفيت ۾ اوچتو آيو خلل
خواب مان جهڙيءَ طرح جاڳي پوي ڪو بي مهل.

(لاٽ: 1، 73)

**خلوتِ تخيل:** خيال جي يڪ سُوئي يا يڪ جهتي

ديدهء، خاموش ڪان طرزِ ادا پائي ٿي دِل،
خلوتِ تخيل کي محفل ۾ بدلائي ٿي دِل.

(لاٽ: 1، 57)

**خمِ نو:** نئين جُهڪاءُ، وري لاڙو.

**خمير:** مادو، مٽي، مواد

نرالو هي تہ شاهڪار، صاف آهي،
ڪرشمو سنڌ جي خمير جو!

(لاٽ: 2، 63)

**خنزير:** مِرون.

ءِ ڪيئي مسافر پنهنجو متاع و مال لُٽيندڙنکي بخشي،
هن جهنگل جي خنزيرن جي خوراڪ بنيا!

(لاٽ: 1، 9)

**خوب خُرِزينو پرڻ:** گهوڙن يا گڏهن تي هر پاسي کان هڪ ٿيلهي لڙڪيل ءِ وچ ۾ ڳنڍيل جيڪا ان تي رکي هلجي انهن مان هرهڪ کي خرزين چئبو آهي.

مان جڏهن ڳچ سال اڳ،
پيار جي وکري وکر جون خوب خرزينو پري
ڏور کان آيس عدم ننگريءَ ولايت مان هتي!

(لاٽ: 2، 44)

**خود اختيار ڪرڻ:** پاڻهين ڇاڻهين ائين ڪرڻ، پنهنجي هلائڻ.

مون انهيءَ جي لاءِ اڄ تخليق جي هڪ نئينءَ نراليءَ
پٽِ تي فڪر جي هڪ نئين درازا شهر وٽ
اعتڪاف آهي ڪيو خود۔ اختيارُ!

(لاٽ: 2، 52)

**خود سر:** خودرو، پنهنجي هلائيندڙ، هوڏي، هٺيلو سرڪش

لعنتي ابليس کي خالق اڳيان خودسر ڏسي،
ءِ وري آدم حوا کي بهشت کان ٻاهر ڏسي!

(لاٽ: 2، 14)

**خود پشيمان:** پنهنجو پاڻ تي پڇتاءُ ڪندڙ

ذهنِ عالم کي اجا پٽڪڙ نہ ڏي اي همنوا
خود پشيمان پاڻ تي نادان ٿيندو غم نہ ڪرا!

(لاٽ: 1، 70)

**خوراڪ:** کاڄ

ءِ ڪيئي مسافر پنهنجو متاع و مال لتيندڙن کي بخشي
هت جهنگل جي خنزيرن جي خوراڪ بنيا!

(لاٽ: 1، 9)

**خورم و شاد:** خوش خوش، باغ بهار

سيئي تنگدستيءَ ۾ بيگانا ويا ٿي جن جي،
بزم هر لمحہ رهي خورم و شادان مون کان!

(لاٽ: 1، 166)

**خوشتر:** شاد، خوشيءَ واريءَ حالت ۾

اڄ تہ ڪو منهنجي تصور کي اچي خوشتر پسي
عرش تي پهتو وڃي ڌرتيءَ جو دانشور ڏسي.

(لاٽ: 2، 14)

**خوش خياليءَ جي نظر:** تمام بشاش رهندڙ ڏسڻ ۾ اچي

زندگي ڇڻ آهہ خوابن جو شهر،
۽ زمانو خوش خياليءَ جي نظر!

(لاٽ: 2، 79)

**خوشنما:** ڏسڻ وائسڻ ۾ خوش ۽ مزيدار

دور اُفتاده بلنديءَ جو مقامُ
جنهن تي قائم آهي هڪڙو خوشنما حيرت جو باغ

(لاٽ: 2، 33)

**خوشِ سِيرَ:** سنين عادتن وارو، خوش اخلاق، نيڪ

هر طرف کان ٿي لڳي اهڙي هوا ۽ خوش سِيرُ،
ٿي ويس دنيا وما فيها کان بلڪل بي خبر.

(لاٽ: 1، 23)

**خونِ جگر:** جيري جو رت، تمام اهميت واري شيءِ، پياري ۾ پياري شيءِ

مصور جي دستِ هنر جو ڪرشمو؟
اهو منهنجو خونِ جگر ئي تہ آهي!

(لاٽ: 1، 13)

**خونخوار:** ماري وجهندڙ مهلڪ، ڪائي ويندڙ

جاڳي نہ پون پاڇولن جا خونخوار بگهڙ!

(لاٽ: 1، 11)

**خونِ شهدا:** شهيدن جو رت

نالئہ مظلوم کنھن ڏينھن رنگ لائيندو ضروري،
خونِ شهدا ڪين رائيگان ٿيندو، غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 69)

**خونفشاني:** رت ڳاڙڻ ڳوڙها، رت روئڻ وارو عمل

چشمِ تر جي خونفشاني ڪيم پُڇُ،
دل جي مرگِ نگهاني ڪيم پڇ!

(لاٽ: 1، 65)

**خونِ ناحق:** بيگناهن جي رت سان رنگيل

ٿي اچي مون کي سنڌءِ گفتار مان وحشت جي بُوء،
بيحسن جي خونِ ناحق سان تون آهين سرخرو!

(لاٽ: 1، 77)

**داتا:** ڏيندڙ رسائيندڙ ڪرتا ڌرتا، تقديرن جو مالڪ

ڏنُ ئي آهي جڳ داتا،ڏن جي ڏوڙ اُڏايون!

(لاٽ: 1، 28)

**دار:** اعزاز ساراهہ همت افزائي، ڦاسي.

نگاهون ڪٽي دار جي لاءِ مرڪڻ جي ڪهڙي ضرورت؟
اوهين آهيو سهٽا اوهان جي اِهائي وڏي ڳالهہ آهي!

(لاٽ: 1، 42)

**داروگير:** رياست، حڪومت، جنگ لڙائي، ويڙهاند

وڏائي ويئي همتن جي باب ساڻ،
قصور داروگير هو!

(لاٽ: 2، 63)

**داستانِ آرزو:** خواهشن جو ذڪر اذڪار

بعد مدت ٿي وجي پيدا واري ذوق نِمو،
ٿي وجي تازو چمن ۾ داستانِ آرزو!

(لاٽ: 1، 71)

**داسي:** ٻانهي، خدمتگار، پوڄارڻ

ان جي دلاسي آهي دنيا، جيڪو حڪم هلائي!

(لاٽ: 1، 24)

**دام:** قيد، جيل، پابندي

هليون جنهن گهڙيءَ ۾ سير گلستان جون ڳالهيون،
نظر هر دوش تي نئون دام آيو!

(لاٽ: 1، 38)

**دامِنِ ڪشِ نگاهہ:** فخريہ انداز سان هلندڙن جي نظر، ڏڪاريندڙن نظرو، بچائيندڙ نظرون

او دوست! منهنجي تشنگي ۾ ديد ڪي تہ ڏس!
دامِنِ ڪشِ نگاهہ نگارن جي ڳالهہ ڪر!

(لاٽ: 1، 61)

**دامن وا ڪرڻ:** جهولي پکيڙڻ، ڪشاده دليءَ جو اظهار

مسڪرائي پنهنجو دامن واڪيو صحنِ چمن،
ناز سان تي باغ ۾ داخل صباءِ سيم تن!

(لاٽ: 1 72)

**داناءُ:** ڏاهو، عقلمند، باشعور

حقيقت کي طبيعت جي روشني پهتي،
اڄوڪي دؤر جو داناءُ ڪري پيو محنت.

(لاٽ: 1، 3)

**دانا بينا:** هر ڳالهہ کان واقف، اکين ڏٺو شاهد

جيڪو هر جاءِ حاضر ناظر جڳ جُڳاندر جُهورُ،
دانا بينا، چاڻي جيڪو گهڙيءَ گهڙيءَ جو پُورُ!

(لاٽ: 2، 16)

**دانائيءَ جي ناداني ڪرڻ:** جتي جا ماڻهون دنائي نہ چاهن اتي دنائي ڪرڻ،

ٿهڪ ڏنا شيطان انهيءَ دانائيءَ جي ناداني‌ءَ تي،
۽ عقل جي آڪڙ خانيءَ تي!

(لاٽ 2، 36)

**دانَشِوَرُ:** عقل مند، ماهر، هوشيار، ڏاهو

اڄ تہ ڪو منهنجي تصور کي اچي خوشتر ڏسي،
عرش تي پهتو وڃي ڌرتيءَ جو دانشور ڏسي!

(لاٽ: 2، 14)

**دائرو:** گهيرو، وَسُ، حد، پهچ

مگر چند آثار الزام جي دائرن ۾ نہ آهن.

(لاٽ: 1، 5)

**دٻايو:** رعب ڪيو، دڙڪا داٻ ڏنا، دٻدٻو ڪيو.

توهان ڪيترو ڌُتاريو، دٻايو،
اسان رات کي رات چوندا رهياسي!

(لاٽ: 1، 53)

**درازي:** سچل سرمست درازن جو رهاڪو هو، ان لاءِ استعمال ٿيو آهي.

عاشق هليا اڪين سان ٿي نينهن جا غازي،
لوچي لڏائون لالن دلبر جو آ درازي.

(لاٽ: 2، 101)

**دردِ محبت:** عشق جي ڪري هڙ پلئہ پيل سور غم

اي چاره گرو! ناحق نہ پياريو دوا مون کي،
هن دردِ محبت کان نہ ٿيندي شفا مون کي.

(لاٽ: 1، 64)

**درشن:** ديدار، مُکا ميلو، روئنمائي، منهن ڏيکارڻ

تنهنجي درشن ڪارڻ ترسن، منهنجا نيڻ اُداسي!

(لاٽ: 1، 23)

**درمانُ:** علاج، حل.

مزده اي دل! عيش جو سامان ٿيندو غم نہ ڪر،
درد ئي خود درد جو درمان ٿيندو غم نہ ڪر.

(لاٽ: 1، 69)

**درميان:** وچ ۾، گهيري ۾، ساڳئي هنڌ

طوفان جي درميان نـ ڪنارن جي ڳالهه ڪر،
مون سان نـ زندگيءَ جي سهارن جي ڳالهه ڪر!

(لاٺ: 1، 61)

**درندا:** خطرناڪ جا نور جيئن مرون، بگهڙ ۽ شينهن وغيره

جو دشتِ مصائب ڏٺجي ٿو جو ره ۾ درندن جو مسِڪَنُ!

(لاٺ: 1، 8)

**درهمُ برهم:** تهس نهس، ٽُوٽَ ڦُوٽَ

سوچيم ڇا ننڊ ۾ آهن سيئي اهلِ چمن؟
درهم و برهم ويو ٿي ڇو نظامِ انجمن؟

(لاٺ: 1، 74)

**درود:** مري ويل ماڻهوءَ تي فاتحا جا چند قُل پڙهڻ

مارينداسين سڀ مردود جن جي فاتحا ۾ نـ درود،
بند ڪيو سڀ ساز سرود.

(لاٺ: 2، 57)

**دستور:** لاحئِہ عمل، آئينُ، طريقو، تحريڪ يا تنظيم جو ضابطو.

اوهان جي سخن ساز،
شيرين زبانن جو دستور آهن.

(لاٺ: 1، 6)

**دستِ حنائي:** مينديءَ لڳل هٿ

تنهنجو ديوانو ڏيڻ عيد مبارڪ آيو،
تون ملاءِ تـ اچي دستِ حنائي جاني!

(لاٺ: 1، 63)

**دستِ گريبان رازِ موت و زندگي:** گريبان ۾ اهي هٿ جيڪي موت ۽ زندگيءَ جا راز ٻڌائن ٿا.

هڪ طرف شب و روز آهي زيست سان وابستگي،
ٻئي طرف دستِ گريبان رازِ موت و زندگي!

(لاٽ: 1، 77)

**دستِ هنر:** هُنر ايجاد ڪندڙ هٿ، هنرمندن جو هٿ

مصور جي دستِ هنر جو ڪرشمو؟
اهو منهنجو خونِ جگر ئي تہ آهي!

(لاٽ: 1، 13)

**دشتِ مصائب:** تڪليفن واري وادي، تڪليفن جو بيان، آفتن جو جهنگل

اج رات اچانڪ پئجي وئي، ان دشتِ مصائب ۾ پهچي را معتبر
جو دشتِ مصائب ٻُڌجي ٿو، بي رحم دردن جو مسڪن!

(لاٽ: 1، 8)

**دشواريون:** ڏکيائون، دقتون

هڪ طرف زياده خوريءَ کان اچن اوپاسيون،
ٻئي طرف نانِ شبينہ لئہ سوين دشواريون!

(لاٽ: 1، 78)

**دشوار:** ڏکيو ڪٺن، مشڪل، خطرناڪ

هي راهگذار، منزل جي سفر ۾،
سيني کان دشوار گذار آئي آهي.

(لاٽ: 1، 8)

**دشوار گذار:** ڏکي گذرندڙ، دقت واري، ڪٺن

هي راه گذر منزل جي سفر ۾،
سيني کان دشوار گذر آئي آهي!

(لاٽ: 2، 64)

**دغاباز:** ڌوڪا ڪندڙ ٻوهي، ويساهہ گهات

انصاف جي آئين جون فتوائون ٻڌايان،
زردار ڪان زيادهہ ڪو دغاباز نہ آهي!

(لاٽ: 1، 44)

**دِلاوَرُ:** دليون جيتيندڙ دلين مٿان قبضائيندڙ خوبصورت

ڌرتيءَ جو دلاور اڄ تارن تي سوار آهي،
انسان جي عظمت جو اعلان ٿيندو شايد!

(لاٽ: 1، 34)

**دلڪشي:** دل کي وڻندڙ اهي نظام جيڪي باغ بهار ڪن،

هي غزل جي رخ تي هزارين وٽڪار جا ڪاڪ محل
پنهنجي ڪمالات جي دلڪشيءَ سان.

(لاٽ: 1، 4)

**دلِ نامحرم احساس و درد:** احساس ۽ درد کان خالي دل

تنهنجي سيني ۾ دلِ نامحرم احساس و درد
دل نہ پر پٿر چوان، جا برف جي مانند سرد.

(لاٽ: 1، 76)

**دلِ هر ذره:** دل جي ذري ذري ۽ رونءَ رونءَ ۾

نظمِ گلستان جي سراسر ٿي وڃي تجديد اڄ
جيئن دلِ هر ذره ۾ قائم ٿئي بزمِ عيد اڄ!

(لاٽ: 1، 72)

**دمايان:** چانورن جي رڌل ديڳ کي، پچڻ کان پوءِ ڍڪ ڏيئي ٿانڊن تي رکبو آهي ان کي دمائڻ چئبو آهي.

ڪڏهن دل جي ديڳ دمايان، ڍئونگ سڄي جو ڍڪڻُ لاهيان!

(لاٽ: 2، 109)

**دمساز:** دل گهُريو، اهو جيڪو هر وقت ياد رهي.

ڪنهن طرح اسين ظلم جا قائل نہ رهياسي،
زنجير ڪان وَڌِ پنهنجو ڪو دمساز نہ آهي!

(لاٽ: 1، 44)

**دنگ:** حد، مڪملتا، سرحد، ڇيهہ، توڙ

پولارن ۾ پيهي هن زمان ۾ مڪان جا پيد پروڙيا،
اشرف مخلوقات اِنهيءَ اڙٻنگهہ وڙوليا دڳ سمورا!

(لاٽ: 2، 36)

**دَنگ رهجي وڃڻ:** تعجب واري ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي وڃڻ.

دنگ رهجي ويس ڏسي هي منظر و حشت اثر،
فڪر جي واديءَ ۾ الهي رهجي ويا قلب و نظر.

(لاٽ: 1، 74)

**دهشت:** خوف، حراص

ڏڪيا ٿي چؤطرف ڪيئي ديو طوفان جا،
قضا جي خوف کان ڏرتيءَ کي پڻ ٿِي دهشت ٿي!

(لاٽ: 1، 1)

**دنيا وما فيها:** دنيا ۽ ان جي سمورين مصروفيتن کان

هر طرف ڪان ٿي لڳي اهڙي هواءِ خوش سَيَرُ،
ٿي ويس دنيا وما فيها ڪان بلڪل بي خبرُ!

(لاٽ: 1، 23)

**دنيا ۽ دولت جو خدا:** ملڪيت جو ۽ دنيا جو وارث

اي، ڪِ توڪي ٿا چون، دنيا ۽ دولت جو خدا،
اي، ڪِ تنهنجي ذات يڪسر پيڪرِ حرص و هوا!

(لاٽ: 1، 76)

**دوبدو:** آمهون سامهون، منهان مُنهن، بمقابل

ڪو زمانو ٿي ويو جو ظلمتون ۽ روشنيون،
اينديون رهيون، دوبدو ٿينديون رهيون!

(لاٽ: 1، 16)

**دوربينيون:** اهو اوزار جنهن رستي پري پري جون شيون ويجهو ڏسڻ ۾ اچن.

علم جا مشعل، امن جون دوربينيون، ۽ عقل جي شمار ن جيون،
سوچ جا سونگا، انهن جي اندر اندر خيالن جي عطر سان تَرِ بُتَرَا!

(لاٽ: 2، 45)

**دورِ تجديد:** جدت ڪرڻ وارو دؤر ماحول يا زمانو

وري تختئء دار سينگارجي ٿو
وري دؤرِ تجديد پيغام آيو.

(لاٽ: 1، 38)

**دورِ حسين:** خوبصورت زمانو دنيا جي بهترين دور وارو وقت

آئينده دورِ حسين تولاءِ مبارڪ، اي غريب!
سرنگون خود شرم کان شيطان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 69)

**دورِ خزان:** سُرءُ جي مند وارو سوڪهڙي ۽ پن ڇڻ وارو عرصو

انتظاري ختم ٿي ۽ ختم ٿيو دورِ خزان،
پوئواريءَ لئہ اچي پهتي بهارِ جاودان!

(لاٽ: 1، 71)

**دورِ ماهتابي:** چانڊوڪي، چنڊ جي آسمان تي والاريا بادشاهي

موسمِ گل ۾ چمن اندر خزان باقي آهي،
سو رهي موجود، قائم دورِ مهتابي رهي!

(لاٽ: 1، 74)

**دولتخانو:** بئنڪ، ٿجوڙي

تنهنجي دولت خاني ۾ اڄ بزمِ عشرت ٿي، مگر،
ڏس غريبن ڏانهن پيئن تا ڏُڪَ پري خونِ جِگر!

(لاٽ: 1، 77)

**ڏهرائڻ:** ورجائڻ، ساڳي ڳالهہ وري وري ڪرڻ

ساز فرقت تي بقدر ضربِ غم ڳائي ٿي دل،
يعني يادِ عشرتِ ماضيءَ کي ڏهرائي ٿي دل!

(لاٽ: 1، 57)

**ڏهلجڻ:** ڊڄي وڃڻ، حراسجي وڃڻ، سن ٿي وڃڻ.

اپ ۾ ڏرتي جنهن دهشت سان ڏهلجن روز،
جنهن جي جرئت آڏو ڪوئي آيو ناهہ هنوز!

(لاٽ: 2، 16)

**ديدارِ گل:** گل جو ڏسڻ

ٽوليون پئونرن سنديون ڊوڙيون پئي ديدارِ گل،
پيار مان اڳتي وڌي بلبل چميو رخسارِ گُل!

(لاٽ: 1، 72)

**ديده ور:** سڃاڻڻ واري نظر رکندڙ نظر شناس، منصفاڻيءَ نظر وارو.

ڪٿي امتيازي بهارو خزان؟

چمن ۾ رهيو ناهہ ڪو ديده ور!

(لاٽ: 1، 39)

**ديدءِ خاموش:** ڏسي وائسي بہ خاموش رهڻ واري عادت

ديد ۾ خاموش ڪان طرزِ ادا پائي ٿي دل،
قوتِ تخيل کي محفل ۾ بدلائي ٿي دل.

(لاٽ: 1، 57)

**ڏيوَ طوفان جو:** وڏيءَ شدت وارو طوفان

ڍڪيا ٿي چؤطرف ديوَ طوفان جا،
قضا جي خوف کان ڏرتيءَ کي پڙ پيي دهشت ٿي.

(لاٽ: 1، 1)

**ڏتاريو:** هِرڪايو، راضي ڪيو، نموني بازيءَ سان آماده ڪيو

اوهين ڪيترو پيي ڏتاريو ڏٻايو،
اسان رات کي رات چوندا رهياسي.

(لاٽ: 1، 53)

**ڌرم:** مذهب

ڌرم ڪرم جا جهڳڙا رڳڙا
مايا راج جا راڪ، رڪڙا.

(لاٽ: 1، 22)

**ڌنُ:** دولت، ملڪيت، پئسو.

ڌنُ پاپيءَ کي سرگ ڏياري،
ڌن ئي ماري، ڌن جياري!

(لاٽ: 1، 22)

**ڌوڙ اُڏائڻ:** لٽ باڙي ڪرڻ، ڊنواندول ڪرڻ، پول پڌرا ڪرڻ

ڌن ئي آهي جڳ جو داتا
ڌن جو ڌوڙ اڏايون!

(لاٽ: 1، 22)

**ڌوم:** گوڙ شور ڪرڻ، صحيح عمل شروع ڪري ڇڏڻ

اڄ اڄ گڏجي ڌوم مچايون،
پنهنجو پاڻ ملهايون!

(لاٽ: 1، 22)

**ڏوم ڏمالان:** درگاهن تي رکيل وڏن دهلن (پيير) تي ڏئونڪي جا هڪ خاص رڌم ۾ وسڪارو ڪري آواز ڪيڻ کي ڏمالون چوندا آهن.

در در ڏوم ڏمالان لڳن،
گهر گهر گهنڊ گهڙيال وڄن!

(لاٽ: 2، 17)

**ڏيرج:** آهستگي، نرمائي، خلوص وارو گفتگو

ڪڏهين ڏيرج ڏَمِڪي،
ڪڏهن گار لڳي گفتار.

(لاٽ: 1، 52)

**ڏائڻ:** اهي عورتون جيڪي تازيون قبرون کوٽي مري ويل ماڻهونءَ جو ماس کائن

ڪنهن کي نوميندي ڪيڏي ڏند پئي ڏيڇاري،
ڪن کي ڏائڻ جيان موت ٿو پيو ڏڪائي، الا!

(لاٽ: 1، 20)

**ڏاهر:** سنڌ جو اُن وقت جو حاڪم جڏهن سنڌ ي محمد بن قاسم ڪاهيو هو.

اول، آخر ظاهر آهيان،
سنڌ وطن جو ڏاهر آهيان.

(لاٽ: 2، 109)

**ڏتڙيَل:** بي وس، مسڪين، بيواهه

۽ بئي پاسي هوڏانهن، بند ٿيل درين جي پويان،
وڏيون ڦاٽل ڏتڙيل اکيون پنهنجي ٻارن جي موٽڻ لاءِ واجهائيندي ٿڪايون.

(لاٽ: 2، 105)

**ڏرت:** سوڪهڙو، مينهن ۽ پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب اناج ڏيندڙ فصلن جي گهٽتائي

ٻوڏ، سوڪهڙي، بيمارين، ڏرت ڏڪار، طوفانن،
پوئنچالن جو هڪ ڪليل عجائب خانو جاري ٿي ويو!

(لاٽ: 2، 37)

**ڏند ڪڍي ڏيکارڻ:** ڏج جهڙي شڪل بنائي يا غصو ڪري ڏيڃارڻ

ڪنهن نوميديءَ ڪڍي ڏند پئي ڏيڃاريو
هن کي ڏاڻ جيئن ڏڪائي ٿو موت، الا!

(لاٽ: 1، 20)

**ذخيرا:** گهڻي تعداد ۾ جمع ٿيل

جبلن پنهنجا آد جُڳادي اڻ ڪٽ، اڻ ملهه برف جا ذخيرا ڳاري
درياهن ۾ اڇلڻ شروع ڪيا!

(لاٽ: 2، 37)

**ذرا انداز سان:** شاياڻ شان نموني سان، جڇندڙ بسندڙ.

اي گلو! بلبلو! غنچؤ! ذرا انداز سان،
ٿي وڃي گلشن اڄوڪي ڏينهن بس جنت نشان.

(لاٽ: 1، 71)

**ذوقِ نظر:** صحيح قدر ڪندڙ نظرون، مانُ ڄاڻندڙ ۽ سڃاڻندڙ

داد ڏي مون کي سندم ذوقِ نظر جو پيارا،
مان ٿيس فقط تنهنجو فقط تنهنجو فدائي، جاني!

(لاٽ: 1، 63)

**ذوقِ نمو:** تازگيءَ جو شوق، توانائيءَ جو چاهه چوڪ چوبند ڏسڻ جي خواهش اڳتي وڌڻ جو شوق، ترقيءَ جو چاهه.

بعد مدت ٿي وڃي پيدا وري ذوق نِمو
ٿي وڃي تازو چمن ۾ داستانِ آرزو!

(لاٽ: 1، 71)

**ذهنِ عالم:** روءِ زمين تي رهندڙ مختلف عوام جو ذهن يا سوچ

ذهن عالم کي اڃا پٽڪڻ ته ڏي اي همنوا،
خود پشيمان پاڻ تي نادان ٿيندو غم نه ڪر!

(لاٽ: 1، 70)

**راڄ دُلارو:** جنهن لاءِ راڄن جي دلين ۾ عقيدت موجود هجي.

سورج منڊليءَ ۾ هڪ نئون چنڊ اڀرڻو آهي،
ڌرتيءَ جو هڪ راڄ دلارو سانجهيءَ اچڻو آهي.

(لاٽ: 2، 89)

**راس نہ اچڻ:** پاڻ ۾ نہ پوڻ، غير موزون لڳڻ، ڪنهن ڪم جو نہ رهڻ.

آئي نہ راس مهرو محبت جي زندگي،
ڇا ٿي پيو تون چنڊ ۽ تارن جي ڳالهہ ڪر.

(لاٽ: 1، 61)

**راڪو:** رکوال، قائم ڪندڙ، رائج العمل بنائيندڙ ۽ ڪرتا ڌرتا محافظ

ڌرم ڪرم جا جهيڙا جهڳڙا،
مايا_ راڄ جا راڪو، رکڙا!

(لاٽ: 1، 22)

**رام:** هندومت جو اوتار 'رام'

هڪڙو هو رام، نہ هو جيڪو ٿيو تيسين رام،
چنڊ جهوليءَ ۾ جُهلي نہ آيو جيسين هن جي.

(لاٽ: 2، 50)

**راهرو:** راهہ وٺيو ويندڙ.

هرهڪ واهرو قافلي کي ايئن پيا عيش ۽ آرام جون،
دعوتون، التجائون سجيندا!

(لاٽ: 1، 4)

**راهہ نمائي:** رستو ڏيکارڻ، گس لڳائڻ.

تون وئين ۽ دل وئي، تاريڪ ٿيو سارو جهانُ،
هاءِ! ڳوڙهن بہ نہ ڪئي راهہ نمائي، جاني!

(لاٽ: 1، 63)

**راهِ گذر:** گذرندڙ رستو، عام چارو، واھُو سڙڪ.

ڪٿان ٿي وري آئي منهنجي نظر،
اجا مسڪرائي ٿي راھِ گذر!

(لاٽ: 1، 39)

**رائيگان:** بيسود، اجايو سجايو.

نالئہِ مظلوم ڪنهن ڏينهن رنگ آڻيندو ضرور،
خونِ شهدا ڪين رائيگانُ ٿيندو، غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 69)

**رت ورنن چيڙن:** رت وحڙ جو ڏيکاءُ ڏيندڙ ڳاڙھن چپن

رنگ ۽ آواز جون سونيون ۽ روپيون اشرفيون،
مشڪ بو وارن جو ريشم، رت ورنن چپڙن جون لالون.

(لاٽ: 2، 44)

**رحم جي قابل:** رحم ڪائڻ جو جذبو رکندڙ

اي رئيس! قوم ڇا تنهنجي پهلوءَ ۾ دل نہ آھہ،
۽ جي آهي تہ ڇا سا رحم جي قابل نہ آھہ!

(لاٽ: 1، 78)

**رختہ سفر:** مسافريءَ جو مقصد

نا ڪوئي منزل معين، نا ڪوئي رختہ سفر!

(لاٽ: 2، 122)

**رخسارِ گل:** گل جو ڳل (پنکڙي)

ٽوليون پؤنرن سنديون ڊوڙيون پئي ديدار گل
پيار مان اڳتي وڌي بلبل چميو رخسارِ گل!

(لاٽ: 1، 72)

**رخسار و لب تي:** گلن ۽ چپن تي،

هڪ طرف رخسار و لب تي سرخئہ حسن و شباب،
ٻئي طرف ٿيو زرد چهرو ناتوانيءَ جو عذاب!

(لاٽ: 1، 76)

**رستگاري:** رهائي، آزادي، نجات، مڪتي.

نيئِ فطرت ۾ ڏِسُ بيتاب جوشِ انتقام،
رستگاريءَ جو اجا سامان ٿيندو غم نہ ڪر.

(لاٽ: 1، 69)

**رسمِ دلداري:** همت افزائيءَ ڪرڻ جي روايت يا رواج

گلستان ۾ رسمِ دلداري اجا معدوم آھہ
ذرو ذرو ڪيفِ اطمينان کان محروم آھہ.

(لاٽ: 1، 75)

**رضوان:** خدا

جن جنت جي ديوارن کي گرمائي ڇڏيو،
۽ ڇرڪ پري رضوان ڪنن تي هٿ رکيا.

(لاٽ: 2، 38)

**رسوائي:** بي عزتي، خواري، عزتِ نفس مجروح ٿيڻ

خيال دنيا جو آهي، نہ خوفِ رسوائي،
دل آهي حسنِ تمنا جي پاسدار اجا.

(لاٽ: 1، 58)

**رعونت:** فرعونيت يا فرعوني چال چلت ۽ رويا

تا ڪجا جبر وستم، اين ڪير و نخوت تا ڪجا،
تا ڪجا اين ڪجڪلاهي، اين رعونت تا ڪجا!

(لاٽ: 1، 78)

**رفتي رفتي:** رکي رکي، وقفي وقفي

درد جي درياھہ جون طغيانيون،
رفتي رفتي بيڪران بنجي ويون.

(لاٽ: 2، 55)

**رقي پيو:** ڏکي پيو، ڏُهرِ ڙبُون پيو ڪائي، سيءَ جي عملي ڪيفيت

بت سچو تنهنجو رقي پيو،
هٿ ڏکن پيا ۽ ٽنگون ٽڙڪن پيون!

(لاٽ: 2، 42)

**رقصان:** جهمرين ۾ مشغول، ناچ ۾ غلطان

جت شوخ حسين، شفاف بدن ڪُنيائون،
سفيد ۽ صاف لباس ۾ هر دم مصروف تبسم ۽ رقصان.

(لاٽ: 1، 10)

**رڪ:** ٻاهه جي وساهڻ کان پوءِ پوئتي رهيل ڇار

ڳوٺ جي رڪ مٿان، دونهين ۽ دز منجهان،
ججهن جي جهريل پوڙهيءَ ٽي دلسوز دانهون ڪيون!

(لاٽ: 2، 87)

**رڪڙا:** رڪيو ايندڙ بحال رکڻ ۾ دلچسپي رکندڙ.

ڌرم ڪرم جا جهيڙا جهڳڙا،
مايا۔ راڄ جا راڪو، رڪڙا!

(لاٽ: 1، 22)

**رگِ نو:** نئون نڪور چاهه، نئون شوق

هر رگِ نو ۾ نئون روح آهي ڦوڪڻو،
هر غمِ نو کي نئين انداز سان سينگارڻو.

(لاٽ: 1، 75)

**رڳڙا:** ڦڏا، فساد، جهيڙا، منافرت

ڌرم ڪرم جا جهيڙا، جهڳڙا،
مايا۔ راڄ جا راڪو، رڪڙا!

(لاٽ: 1، 22)

**رلمل راند رچائڻ:** هڪ ٻئي ۾ گڏجي سڏجي هڪ ٻئي راند ڪرڻ

هر پاسي گھنگھور گھٽائون رل مل راند رچائن،
سرهائي جو واڌائيءَ جو پل پل ناد وڄائن.

(لاٽ: 2، 89)

**رنگ رليون:** عيش و عشرت، عياشي، چا گھوٽا

سورج منڊليءَ ۾ اڄ ڏاڍي ڌوم مچي وئي آهي،
ڪرڻو ڪرڻو رنگ رليءَ ۾ ڦوليو نہ ٿو سمائي!

(لاٽ: 2، 87)

**رنگين قبا:** رنگين دستار يا پڳ

ٻهرِ استقبال غنچن پنهنجا منهن ٻاهر ڪييا،
اهتمامِ عيد ڪان هر گل ڍڪي رنگين قبا!

(لاٽ: 1، 72)

**روايت:** قومي ريتون رسمون ۽ اُٿڻيون ويهڻيون

اٿل آهي بس وقت جي رهگذر تي،
نظارن جي تبديلين جي روايت!

(لاٽ: 1، 6)

**رَوِشِ:** اٿڻي ويهڻي، چرپر، رَوَيا ۽ انهن جو لاڳو ڪرڻ،

هلئون جنهن گھڙيءَ سير گلشن جون ڳالهيون،
نظر هر روش تي نئون دام آيو.

(لاٽ: 1، 38)

**رِها:** آزاد

هن قيد جدائيءَ ڪان ڪر هاڻ رها الله،
ڪنهن جرم جي آخر تون هيءَ ڏِين ٿو سزا مون کي؟!

(لاٽ: 1، 61)

**رهگذر:** چارو، رستو، راهه

اٽل آهي بس وقت جي رهگذر تي،
نظارن جي تبديلين جي روايت.

(لاٽ: 1، 6)

**رهنمائي:** رستو ٻڌائڻ، مدد ڪرڻ، چاڻ مهيا ڪرڻ.

اوهين حسن پنهنجي تي نظرن جا پهرا اجا تيز ڪريو،
ڪريون پيا اسان عشق جي رهنمائي، وڏي ڳالهه آهي!

(لاٽ: 1، 42)

**رئيسِ قوم:** قومي سردار، وڏيرو، پوتار، ڊِنگ

اي رئيس قوم! ڇا تنهنجي پهلوءَ ۾ دل نه آهه؟
۽ اگر آهي ته ڇا سارهه جي قابل نه آهه!

(لاٽ: 1، 78)

**روپ نه ڪو بهروپ:** شڪل شبيهه ۽ ان جو نقل

جنهن جي ڪائي صورت ناهي، روپ نه ڪو بهروپ،
سيني وانگر رهندو آهي اکين منجهه الوپ!

(لاٽ: 2، 15)

**روپ وَتي:** سهڻيءَ شڪل شبيهه واري، خوبصورت

روپ وتي ڪنهن ڪونجل ناريءَ
پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتا هوندا.

(لاٽ: 2، 41)

**روح رواني زندگي:** حياتيءَ جي بحال رکڻ جو ۽ هلائڻ چلائڻ جو واحد ذريعو

جو حقيقت ۾ ٿيو روح روان زندگي،
جنهن جي دور سان گذري ٿي شايانِ شانِ زندگي!

(لاٽ: 1، 78)

**روزگار:** دنياداري، ڪمائي

هي ڪنهن جو نقشو آهي وفا آهي جاذبِ فطرت،
جُهڪي ٿو جنهن تي اي شمشير روزگار اڄا.

(لاٽ: 1، 59)

**روئداد:** صورتحال

سوچيم آخر انهيءَ روئداد جو ڪهڙو سبب؟
هڪ طرف مسرت جو عالم ٻئي طرف بزمِ طرب!

(لاٽ: 1، 74)

**زبانِ حال:** هلندڙ وقت ۾ سندن حال ڇا هو، سو بيان ٿي ڪيائون.

سيني پنهنجي زندگانيءَ جي نوح خوانيءَ پٺي ڪئي،
۽ زبانِ حال سان پنهنجي ڪهاڻي ٿي ڪئي!

(لاٽ: 1، 73)

**زر:** ملڪيت، پئسا، مال

هر هنڌ زر جو زور ٿيندي پيو،
انسان ڪشتن مان نڪري پيو!

(لاٽ: 1، 22)

**زرتا پوشاڪ:** ذريءَ جي برٿ سان ڀريل سينگاريل ڪپڙا

گلابي بدن کي صفا صاف، ريشم ۽ ڪمخواب و مخمل
زرتا پوشاڪ پهرڻ چڏي ڏيا ڪير ٿو توکي چئي!

(لاٽ: 1، 12)

**زرخيزيءَ جي سگهه:** ٻوٽن، وڻن ۽ ٻجن کي قوتهڙو ڏيڻ جي قوت

زرخيزيءَ جي سگهه تي ٻجن، ٻوٽن ۽ وڻن کي،
پراڻيءَ ڌرتيءَ جي پهرينءَ شروعاتي ڏينهن برابر هوندي،

(لاٽ: 2، 38)

**زرد:** ڦِڪو

سر خميده زرد چهرو عالمِ صد بي ڪسي،
هر گهڙي جن تي هو ڇانيل سايئہِ بيچارگي.

(لاٽ: 1، 73)

**زعفران:** سائو

هر گل و برگ و شهر کي بخشي آهي بهارَ
زعفران و احمرو زرد و ڪبود و ڪوڪنارَ

(لاٽ: 1، 75)

**زود:** جلدي، تڪڙو، تيزيءَ سان، جهٽ پٽ

هڪ پاسي بم بارود، ٻيءِ پاسي دل جو دُودُ،
جنگ لڳي وئي آهي زود!

(لاٽ: 2، 57)

**زياد خوري:** گهڻي کاڌي کائي وڃڻ جو ردِ عمل

هڪ طرف ٿيون زيادخوريءَ کان اڇن اوپاسيون،
ٻئي طرف نانِ شبينہ لئہ سوين دشواريون.

(لاٽ: 1، 77)

**زيبِ بدن:** بدن جي نزاڪت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ.

هڪ طرف زيبِ بدن آهن حريرو ڪمخواب،
ٻئي طرف دامن جي ڇتين جو نہ آهي ڪو حساب.

(لاٽ: 1، 78)

**زيست:** زندگي، حياتي

هڪ طرف شب و روز آهي زيست سان وابستگي،
ٻئي طرف دست و گريبان راز موت و زندگي.

(لاٽ: 1، 77)

**زينهار:** ڏني وائني، هُوڏِس (اشارو)

آهہ خالي ڪانہ ويندي هاڻ هن جي زينهار،
ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن رنگ آڻيندي غريبن جي پوڪار.

(لاٽ: 1، 78)

**ساحل:** ڪنارو، ڪنڌي

ساحل ناهي دور او مانجهي! ساحل ناهي دور،
لهرون ٻوڏون، تِکَ، ترايون وندا ٿي وهلور!

(لاٽ: 1، 25)

**ساده بياني:** معصوم گفتگو

هُن جي دل ۾ پيار آڻيندي ضرور،
منهنجي هي ساده بياني ڪيم پچ!

(لاٽ: 1، 68)

**ساز باز:** ڳٺ جوڙ، منصوبي جو حصو بنجڻ

اي ڳٽتين جا ڳاريل، مصيبتن جا ماريل،
صدين جي ساز باز، صليب تي سُمهاريل!

(لاٽ: 2، 18)

**سازِ جواني:** جوانيءَ جي رنگيني ۽ ميناج.

بربطِ دل آهي موت کان خموش،
ڪيئن ٿئو سازِ جواني، ڪيم پچ!

(لاٽ: 1، 68)

**سازِ دل:** دل مان نڪرندڙ آهہ کي دل جي ساز جو آواز سڏيو اٿس.

خامشيءَ ۾ ئي نهان طرزِ ادائي جاني!
ساز دل چاهي ٿو اڄ نغمہ سرائي جاني!

(لاٽ: 1، 62)

**سازِ فرقت:** جدائيءَ جو ساز، جدائيءَ جي ڪرب واري حالت

سازِ فرقت تي بقدر ضربِ غم ڳائي ٿي دل،
يعني يادِ عشرتِ ماضيءَ کي دهرائي ٿي دل.

(لاٽ: 1، 57)

**ساعتون مهلت ڪپي:** ڪجهه گهڙين جي رعايت گهرجي

هائو! هائو! ترسو مون کي صرف ڪجهه ئي ساعتون مهلت ڪپي،
جيستائين آءٌ پنهنجي خلوتگاهه ۾ پهچي وڃان!

(لاٽ: 2، 48)

**سالم:** مڪمل، صحيح، جيئن جو تيئن بحال رکي سگهڻ.

هلائي ڪير اچي پنهنجو ايترو حيلو
مٽائي خود کي، ڏئي کي رکي سگهي صحيح سالم!

(لاٽ: 2)

**سام:** سامراجيءَ جو مخفف

ڪڏهين آزاديءَ جون آسون
ڪڏهين سام سهارا!

(لاٽ: 1، 52)

**سانگي:** مير عبدالحسين ٽالپر "سانگي" سنڌ جو مشهور شاعر

ڪڏهين سانگي پاڻُ سڏايان،
بره سندا ڪيئي باغ بنايان!

(لاٽ: 2، 110)

**ساهڙ:** ميهار

سير لنگهي ڪر سهڻي! ساري
ساهڙ چاڻ سرورا!

(لاٽ: 1، 25)

**سايہ گر:** پاڇو وجهندڙ

وري وري پيو وٽ کي مٿي سوري،

جهڪي جهڪي پيو بنائي دامن سايہ گر!

(لاٽ: 1، 2)

**سائبان:** تنبو شاميانو خيمو ڇپر ڇانءَ

هي منزل نما سائبانن جا کنڊر هرهڪ راهہ و

قافلي جي نيشاني، شڪستہ ۽ وِيران.

(لاٽ: 1، 5)

**سايئہِ بيچارگي:** مايوسيءَ ۽ نڌڻڪائيءَ جو پاڇو ڇانيل

سرخميده زرد چهرو عالمِ صدبي ڪسي،

هر گهڙيءَ جن تي هو ڇانيل سايئہِ بيچارگي!

(لاٽ: 1، 73)

**ستم رانيءَ:** ڪنور پائي، ظالمانہ حرڪت

ڪيترين دلين مٿان ٿيا تنهنجي ستم رانيءَ جا داغ،

ڪيترين ئي جهوپڙين کي تو بنايو بي چراغ!

(لاٽ: 1، 77)

**ستم ڪيش:** ظلم ڪندڙ

او ستم ڪيشن و سيه ڪار لعين و بي ضمير،

بند ۽ قارون پرستار روسيهہ، اي امير!

(لاٽ: 1، 76)

**ستم گر:** ستم ڪندڙ ظلم ڪندڙ.

سنڌڙي شاهہ سخنور دي هَئي،

نا ڪنهن سگ، ستمگر دي هَئي!

(لاٽ: 2، 17)

**ست سٽڻ:** سازش ڪرڻ، سانگ رچائڻ، اٽڪل ڪرڻ

سِجَ سوا نيزي پانڌ اچڻ لئہ پنهنجي تپش ڪي تيز ڪيو
سمنڊ مچرجي پيا ۽ پنهنجي هوا سان طوفانن جا بند پچڻ
لئہ سِٽَ سِٽي!

(لاٽ: 2، 37)

**سپجنَ:** پَلِجَنِ، خير خوبيءَ سان رهندا هجن.

انت بحر جي انت تري ۾،
سهسين سهٽا موتي سپجن!

(لاٽ: 2، 75)

**سَجِني:** محبوبا، سجڻي، خوبصورت پياري عورت

سرڳ سجي جون سندريون گڏجي، سهسين ڪن سينگارَ
هرڪا سَجِني سِينڌ سجائي، هرڪا چاهي پيارَ!

(لاٽ: 2، 89)

**سجائڻ:** سينگارڻ، نيڪ ڪري رکڻ، ٺاهڻ ٺڪڻ.

روز اميد ڪري هار ۽ سينگار نوان،
پاڻ کي خوب سجائي ۽ لُپائي ٿي دل!

(لاٽ: 1، 20)

**سج جي ڪَنِي ڪڍڻ:** صبح جو سج جي اڀرڻ جي شروعات

اٿو جو هاڻ فيصلي جو سج پيو ڪني ڪڍي،
اٿو جو هاڻ هڪ نئون جهان پيو جنم وٺي!

(لاٽ: 2، 18)

**سج نيزي پاند اچڻ:** سج ڪنهن عتاب کان ڌرتيءَ ٻنهن ويجهو اچي وجڻ ڪري تيز تپش ٿئي.

سج سوا نيزي تي اچڻ لئہ پنهنجي تپش ڪي تيز ڪيو
سمنڊ مچرجي پيا ۽ انسان طوفانن جا بند پچڻ جي سِٽ سِٽي!

(لاٽ: 2، 37)

**سڃڻ:** هڻڻ، نشانو بنائڻ، آڇڻ، اولارڻ

هرهڪ راهه و قافلي جي ايئن پيا عيش آرام جون،
دعوتون ۽ التجائون سجيندا!

(لاٽ: 1، 4)

**سچ ۽ سونهن جا ساکي:** سچ ۽ سونهن جا پاسدار

سچ ۽ سونهن جا ساکي سهي سنبري نِڪتا،
زندگيءَ جي لاءِ اڳوپو مرڻ جي خاطر!

(لاٽ: 2، 50)

**سحرِ سامري:** سامريءَ نالي جادوگر جو جادو، جنهن پنهنجيءَ جادوءَ ۽ چالاڪيءَ سان حضرت موسيٰ جي بني اسرائيل قوم کي گمراهه ڪيو.

منهنجا نغما، منهنجا گفتا، چڻ ته سحرِ سامري!

(لاٽ: 2، 51)

**سخن ساز:** سخنن کي جوڙيندڙ سخنن جو مُوجِدُ يا تخليقڪار

مسرت، جا هر لمحا تازا توانا، توهان جي سخن ساز،
شيرين زبانن جو دستور آهن!

(لاٽ: 1، 6)

**سخنور:** بهتر گفتي جو ڄاڻو باڪردار ٻول جو ماهر

سنڌڙي شاهه سخنور دي هَئي،
نه ڪنهن سگ، ستمگر دي هَئي!

(لاٽ: 2، 17)

**سراب:** ڏوڪو

هزار بار نه ثابت ٿيو سراب مگر،
اهي اسين اهو منزل جو اعتبار اجا.

(لاٽ: 1، 58)

**سرخرو:** ساڃارو، همراهه

ڏي اڇي مون کي سنڌ ۾ گفتار مان وحشت جي بوءِ،
بيڪسن جي خونِ ناحق سان تون آهين سرخرو!

(لاٽ: 1، 77)

**سرِ راهه:** رستي تي هلندي هلندي

بيمار غم ڏسي ۽ سر راهه ويا ڇڏي،
قسمت جو ڏوهه، قافلي وارن کي ڇا چئجي!

(لاٽ: 1، 60)

**سرشار ٿيڻ:** محو ٿي وڃڻ، اثر قبولي وٺڻ، نوش ٿيڻ.

ڪل زمانو وقت جي آلاپ سان سرشار هو،
۽ سڄي تاريخ جڻ، بيهي رهي!

(لاٽ: 1، 16)

**سرِعام:** کُليو کُلايو، سيني جي سامهون، کولي کولي.

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسي،
سرِعام هر بات چوندا رهياسي!

(لاٽ: 1، 53)

**سرگردان:** بي چين، پريشان، ڳولا يا جدوجهد ۾

حيات جنهن جو رهي طلب ۾ ٿي سرگردان،
اهوئي وقت جي دل جو سرور بنجي ويو.

(لاٽ: 2، 31)

**سرمائيداري نظام:** زرعي سماج جي ترقي صنعتي سماج ڏانهن وٺي ويندي آهي، جنهن ۾ شين جو استعمال زيادهه ٿيندو آهي ۽ ان تي سرمايو گهڻو لڳندو آهي. اُن ڪري ان کي سرمائيداري نظام چئبو آهي.

تو ڏٺو ناهي هڪ مفلس جو جوشِ انتقام،
هي ڪندو اونڌو سنڌ ۾ سرمائيداريءَ جو نظام.

(لاٽ: 1، 78)

**سعيد:** سعادت ماڻيل، ڀاڳ ڀريو، خدا جو پيارو، برگزيده

شهيد ٿي، سعيد ٿي، سا موت ڪان بعيد ٿي،
ڏسي ٿي پنڌ پيچرا، نظر نظر جي ديد ٿي!

(لاٽ: 2، 63)

**سفينا:** باربردار سامونڊي جهاز.

لٽا عرش تي زندگيءَ جا سفينا،
بدلجي ويا زندگيءَ جا قرينا!

(لاٽ: 1، 43)

**سگ:** ڪُتو

سنڌڙي شاهہ سُخُنُور دي هَئي،
نا ڪنهن سگ ستمگر دي هئي.

(لاٽ: 2، 17)

**سنبت:** تياري، ڪيڏانهن سفر تي وڃڻ جا بندوبست ڪرڻ.

هي بہ شايد منهنجي سنبت جو ٿيندو، منهنجا سڀ ساٿي،
ائين هڪڙو گهوڙو ويو ڪٽي، ڏس تہ قدرت جو مذاق!
ڪيڏو سنجيدو ۽ سخت!

(لاٽ: 2، 46)

**سنجيدو:** معياري، ٺُرُ جنهن ۾ اجائي بَڪِ ڊَڪِ ۽ ڪِل ڪِل نہ هجي.

هي بہ شايد منهنجي سنبت جو ٿيندو، منهنجا سڀ ساٿي،
ايئن هڪڙو گهوڙهو ڪٽي وِيو، ڏس تہ قدرت جو مذاق!
ڪيڏو سنجيدو ۽ سخت!

(لاٽ: 2، 46)

**سنسار:** ڪائنات، دنيا

هن پاپي سنسار ۾ ليڪن،
ڪيئن ڪو پريت پڄائي!

(لاٽ: 1، 23)

**سنگم:** ميلاپ، گڏجاڻي، هڪ ٿي وڃڻ.

تنهنجي پياريءَ سونهن جي ۽ منهنجي پياري پيار جي سهڻي سنگم

۽ پياريءَ ياد ۾!

(لاٽ: 2، 48)

**سهسائڻ:** قربانيءَ لاءِ تيار ڪرڻ، ڪنهن تان آهستي آهستي چاهه ڪٽي وڃڻ.

هيڪر سر سهائي ڪاهين،

هن پيري سان هُنَ پِرِ آهين!

(لاٽ: 1، 25)

**سَهَسين:** ڪيترائي، اپار، ڳڻڻ کان مٿي، بي انت

انت بحر جي انت تري ۾،

سهسين سهڻا، موتي سپجن!

(لاٽ: 2، 75)

**سهڪاري:** هٿ ونڊائيندڙ، مددگار، ان عمل جو عملي طور تي حصو

فطرت جو شاگرد، اهو انسان، وڏو وهنواري هو،

ڌرتيءَ کي سينگارڻ لئہ سهڪاري هو!

(لاٽ: 2، 36)

**سر الاهي:** خود خدا

روز ازل کان جيئرو آهي، مرڻو ناهي مُورُ،

ڪُنَ فَيَڪُونَ جو سر الاهي مٿيءَ ۾ مستور.

(لاٽ: 2، 16)

**سِربام:** بنا لڪ لڪوٽيءَ جي، ظاهر ظهور، کليل مدان ۾.

وري حسن عريان سرِبام آيو،

وري عشق وارن تي الزام آيو!

(لاٽ: 1، 38)

**سرخميده:** ميرو مٽو ماريل ۽ وار ڏڙيل پڪڙيل

سرخميده زرد چهرو عالمِ سربي ڪسي،
هر گهڙيءَ هو جن تي ڇانيل سائيہِ بيچارگي!

(لاٽ: 1، 73)

**سرٻاٽ:** تمام آهستي ڳنَ ۾ ڳالهائڻ.

تنهنجو ٻاري پيٽ ڏڪي ڪيئن،
دالين جي سرٻاٽن سان!

(لاٽ: 2، 113)

**سرخئِ حسن و شباب:** سونهن ۽ جوانيءَ جو ڳاڙهپ، جوڀن

هڪ طرف رخسار و لب تي سرخئِ حسن و شباب،
ٻئي طرف ٿيو زرد چهرو ناتوانيءَ جو عذاب.

(لاٽ: 1، 78)

**سرڳ:** بهشت، جنت، ڇوٽڪارو

ڏَنُ پاپيءَ کي سرڳ ڏياري،
ڏن ئي ماري، ڏن ئي جياري.

(لاٽ: 1، 22)

**سرنگون:** شرمساريءَ جي اعتراف طور ڪنڌ جهڪيل

آئينده دورِ حسين تو لئہ مبارڪ، اي غريب!
سرنگون خود شرم کان شيطان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 70)

**سطوتِ سرمائيدار:** سرمائيداريءَ جا ٿنڀا يا بنياد

جنهن جي محنت ساڻ باقي ٿيا سطوتِ سرمائيدار،
خون پنهنجي سان بنائي ٿو جو ڪشتہ روزگار!

(لاٽ: 1، 78)

**سڪون ميسر ٿيڻ:** ڪٿان بہ آرام ملڻ.

شمشير ڪنهن طرح تہ ميسر ٿيو سڪونُ،
دنيا جي تنگ و تار نظارن ڪي ڇا ڇئجي؟!

(لاٽ: 1، 60)

**سلسلا:** لڳاتار موجودات.

ائين انهن رات ۽ ڏينهن جي سلسلن ۾،
زماني جي رفتار جو علم عرفان ڏبجي وڃي ٿو!

(لاٽ: 1، 5)

**سلطاني:** سپهہ سالاري

ڪوئي ناهي دل جو ضامن،
سهڻن جي سلطاني، توبهہ!

(لاٽ: 1، 37)

**سندر ديوي:** سهڻي عورت، سهڻي پَرِي.

جنهن جي پريان ٿورائي قدم،
مندر جي سندر ديويءَ جو استان آهي!

(لاٽ: 1، 10)

**سندرتا:** سونهن.

سندرين ۾، سندرتا ۽ ڪنورتا جي وچ ۾،
ياري پر ڪم جنگ لڳي هي!

(لاٽ: 2، 96)

**سندرَ بنُ:** بينگال ۾ نديءَ جي ڪناري تي گهاٽو ٻيلو.

سندر بن ۾، سندرتا ۽ ڪنورتا جي وچ ۾،
ياري پرڪم جنگ لڳي هي!

(لاٽ: 2، 96)

**سندريون:** سهڻيون، خوبصورت، جوڀن ونتيون.

جڳ سڄي جون سندريون گڏجي، سهسين ڪن سينگارَ،
هرڪا سجني سينڌ سجائي، هرڪا چاهي پيارَ!

(لاٽ: 2، 89)

**سنسانيون:** ايڪايون، تنهائيون.

عشق جي سنسان واديءَ جي قريب،
درد جي درياهہ جون طغيانيون!

(لاٽ: 2، 55)

**سُوائي:** ستو گفتو.

هڻ ۽ ڪڻ جا هوڪا هوندا،
سڀ سُوائي، سڀ سڻائي!

(لاٽ: 1، 52)

**سودڻ:** خريد و فروخت ۾ جنس جي قيمت طئي ڪرڻ لاءِ گڏجڻ.

پوءِ آءُ پيار جي ناياب جنسن جي بدل، سونهن جون ڪمياب ۽
نادر وَٿون ڏوريندو ۽ سوديندو وَتِيُس!

(لاٽ: 2، 44)

**سوراج:** تاج يا فتح يابي.

وقت جو شاعر مگر مصروف هو،
جنهن جي دل ۾ روشنيءَ جي راج جو سوراج هو!

(لاٽ: 1، 16)

**سورج منڊل:** نظامِ شمسيءَ ۾، سج ۽ ٻين گرهن ۾

اربين سالن کان هي سورج منڊل آهي قائم پنهنجي توازن سان.

(لاٽ: 2، 35)

**سوري:** آهستي آهستي مٺي ڪرڻ

وري وري پيو وَٽِ ڪي مٺي سوري،
جُهڪي جُهڪي پيو بنائي دامن سايہ گرا!

(لاٽ: 1، 2)

**سوغات:** انعام، سوکڙي، نيشاني، تحفو

نوريءَ لئہ نياز ٻڌيان ۽ ليلان لئہ سوغات بنيا ها!
هي مٽيان، هي ماڻڪ موتي!

(لاٽ: 2، 41)

**سوڳنڌ:** ساک، اعتبارُ

سچ چوان ٿو اي معزز حسن بانو!
سونهن جو سوڳنڌ کڻي ٿو سچ چوان!

(لاٽ: 2، 47)

**سونهن جي سنسار جا سارائي سرمايا سهيڙي:** عارضي حسن

واريءَ دنيا جون ميراثيون گڏ ڪري وجا پيو. ۽ مان اڄ موتي وچان پيو.
سونهن جي سنسار جا سارائي سرمايا سهيڙي.

(لاٽ: 2، 46)

**سونجهہ:** سمجهڻ جو خواب، تلاش ڳولا ڦولا، تجسُس، جستجو.

زبانَ گونگي، اکين ۾ ڳوڙها، ڪنن ۾ گولين جي گونج آهي،
هي ڪير آڪاس ڏي اُڏاڻو اداس صدين جي سونجهہ آهي.

(لاٽ: 2، 62)

**سياهيءَ جو الزام:** ڪارڻ جو، اونداهيءَ جو، بدڪرداريءَ جو بُهتانُ.

رکي سياهيءَ جو الزام چنڊ ستارن تي،
عجب مذاق انڌيرن ڪيو اجالن سان.

(لاٽ: 2، 31)

**سيه ڪارو:** بدڪردار

او ستم ڪِش و سيه ڪار و لعين و بي ضمير،
بندءِ قارون پرستارِ زر و سيم، اي امير!

(لاٽ: 1، 76)

**سِيرون ڪَڍڻ:** ايتري تيز سردي جيتري درياهہ جي سِيرَ تيز هوندي آهي.

ساهہ سان جڙ برق پئي ڦڦڙن اندر سِيرُون ڪري!

(لاٽ: 2، 53)

**سيرِ چراغان:** روشن رستا

هڪ طرف سيرِ چراغان، چنڊ ۽ تارن جو کيل،

ٻئي طرف ظلمت ڪده ۾ آهي بتي ۾ نہ تيل!

(لاٽ: 1، 77)

**سيڪت ڏيڻ:** سزا ڏئي سڌارڻ، سمجهاڻي ڏيڻ.

فطرت جيڪا پنهنجي پياري ٻالڪ يعني اشرف المخلوقات جي رهبر آهي،

۽ جا ارڏاين تي هن کي سيڪت ڏيندي آئي آهي،

تنهن کي آخر ترس اچي ويو!

(لاٽ: 2، 38)

**سيم:** دنياداري، ملڪيت

او ستم ڪيش، سيد ڪار ولعين و بي ضمير،

بندء قارون، پرستارِ زرو سيم، اي امير!

(لاٽ: 1، 76)

**سيم و زر:** مال ۽ ملڪيت، خزانو، خوشحالي، چاندي ۽ سُون.

هتي سيم و زر جي خدائي هلي ٿي،

خبر آهي توکي خداوندِ عالم؟!

(لاٽ: 2، 60)

**سيند سجائي رکڻ:** سيندُ کي ٺاهي ٺُڪي ۽ اُن ۾ سِندُور وجهي اُنکي خوبصورت بنائي رکڻ.

سرڳ سجي جون سُندَرِيُون گڏجي سهسين ڪن سينگارَ

هرڪا سجني، سِيندِ سَجائي، هرڪا چاهي پيارَ!

(لاٽ: 2، 89)

**سينئہِ فطرت:** قدرتي نظام متان

سينئہِ فطرت ۾ ڏس بيتاب جوشِ انتقام،
رستگاريءَ جو اجا سامان ٿيندو غم نہ ڪر.

(لاٽ: 1، 69)

**شاخسار:** ٽاريون، جَهرُ، وڻ جي ٽارين جو جُهمٽو يا گهيرو

رات عورت جي زلفن جي رنگت ڪٽي،
بيد جي شاخسارن سان گڏجي وئي!

(لاٽ: 2، 103)

**شاخ گل:** وڻ جي هر لام

پنهنجي دامن کي بچائي، تَنَ کي ڪرڻو آهي صاف،
پاڙ هڻو هر شاخِ گل تي آهہ سنريءَ جو غلاف.

(لاٽ: 1، 75)

**شادان:** خوش

پلا ڪير ٿو توکي روڪي تہ تون پنهنجي حسنِ دوزه تي،
نازان نہ ٿيءُ، جوانيءَ جي دولت تي شادان نہ ٿيءُ!

(لاٽ: 1، 12)

**شادان و خندان:** خوشيءَ ۽ سرهائيءَ مان

هر نفس شادان و خندان، هر نفس مست بهار،
محفلِ رقص و سرودو عالمِ ڪيف و خمار.

(لاٽ: 1، 72)

**شام ٽريءَ:** شام جي گذري وڃڻ کان پوءِ

ڪڏهين شام ٽريءَ جي ويل
ايڪانت ۾ منهنجي ٻانهُنِ ۾ جهولين ٿي!

(لاٽ: 2، 91)

**شايانِ شانِ زندگي:** زندگيءَ سان گڏ شان ۽ مان سان بحال رهندڙ.

جو حقيقت ۾ ٿيو روح روانِ زندگي،
جنهن جي دم سان زندگي، شايانِ شان زندگي!

(لاٽ: 1، 78)

**شبابِ گلستان:** باغ جي جواني، باغ جو جوڀن

مان بہ اهڙي ۾ شريڪِ بزم مستيءَ ۾ هئس،
۽ شبابِ گلستان جي ديد ۾ گهڙي ويس!

(لاٽ: 1، 72)

**شبِ خون:** رات جا راتاها، اونداهيءَ ۾ جنگ

هڪ ڏينهن اِيوين هو يا ڄڻ سچ ستا ها سيج اتي،
ڪوڙ اچي شب خون هنيا ڪئين ڪتڪ اُنهان دي ساڻ!

(لاٽ: 2، 99)

**شب و روز:** راتو ڏينهن

شب و روز شمشير ڳرندو وڃي،
لڳي وئي زماني جي توکي نظر!

(لاٽ: 1، 35)

**شبِ فرقت:** جدائيءَ جي رات

شمع اميد مون هر بار جلائي جاني،
شبِ فرقت جي سحر مگر نہ آئي جاني!

**شرابِ زيست:** زندگيءَ جو شراب، آسائشون

مئخانئہِ جهان ۾ لٽائي شرابِ زيست،
اي دوسُت زندگيءَ جي بهارن جي ڳالهہ ڪر.

(لاٽ: 1، 66)

**شَرطَ:** مقابلو، دنگل، چٽاڀيٽي

دم بدم تخليق جي ميدان ۾،
پيا پُجائن شرط هستي ۽ عدم.

(لاٽ: 2، 34)

**شريڪِ بزمِ مستي:** مست ڪري ڇڏيندڙ ڪچهريءَ ۾ موجود

مان بہ اهڙي ۾ شريڪ بزمِ مستيءَ ۾ هُئسِ
۽ شبابِ گلستان جي ديد ۾ گم ٿي ويس!

(لاٽ: 1، 72)

**شريڪءِ فتنهائي آسمان:** قدرت طرفان يا آسمان وٽان ڪو فتنو جڙي تہ هو بہ اُن ۾ شامل هوندو.

هو بہ ڇا هوندو شريڪءِ فتنهاء آسمان،
دل کي سمجهايان ٿو مان ۽ مون کي سمجهائي ٿي دل!

(لاٽ: 1، 57)

**شعلو:** باهہ جي ڄڀي، اُماڙي

مگر خيال جيءَ بستيءَ ۾ ڇا نہ هو ممڪن،
هوا جي هنج ۾ شعلي جي پرورش ڇا آهي!

(لاٽ: 1، 2)

**شعور:** ادراڪ، سوچ سمجهہ، ساڃهہ، ڄاڻ، اصليت

زماني جي تاريخ تي هڪ نظر،
ٿي بخشي ازل ۽ ابد جو شعور!

(لاٽ: 1، 5)

**شڪستہ:** پشيمان، هارايل، مايوس، غلط

هي منزل نما صائبانن جو کنڊر، هرهڪ راهرو قافلي جي
نيشاني، شڪستہ ۽ ويران!

(لاٽ: 1، 5)

**شمع اميد:** اميد جي روشني، اميد جي برثواب ٿيڻ جي نيشاني.

شمع اميد مون هر بار جلائي، جاني!
شبِ فرقت جي مگر سحر نہ آئي، جاني!

(لاٽ: 1، 67)

**شناساءِ بهار:** بهار جي موسم سان مانوس، بهار سان گڏيل.

عام ڪرڻو آهي دستورِ عروس نوبهار،
ڪرڻو آهي پَتي پَتي کي شناساءِ بهار.

(لاٽ: 1، 75)

**شوخ:** گهٽ پائيندڙ رکو مغرور، جنهن جي ڪنهن به ڳئي تي اک نه ٻُڏي،

بعد مدت اعتبار ضبط بدلائي ٿي دل،
اڄ وري اُن شوخَ جي محفل ۾ پهچائي ٿي دل!'

(لاٽ: 1، 57)

**شوخ و تنگ:** سخت طبيعت ۽ ڏنگو

لازم آهي توکي وساري ڇڏيان صنم!
پر هاءِ شوخ و تنگ ستارن کي ڇا ڪجي؟!

(لاٽ: 1، 57)

**شورش:** ڪاوڙ غصو

وقت تي حالات جا پاڇا پيا،
چؤطرف خاموشين شورش ڪئي.

(لاٽ: 1، 15)

**شور و شر:** گوڙ گهمسان

خيالن جي تاريڪ ويرانين ۾، تمنا جي گمناهين جو پڙاڏو
فقط شوروشر!

(لاٽ: 1، 13)

**شوقِ ديدار:** ڏسڻ جو شوق، درشن ڪرڻ جي سِڪَ

شوقِ ديدار هر چشم تماشائي بني،
مون سرِ راهه نظر پنهنجي وڇائي جاني.

(لاٽ: 1، 67)

**شوقِ طلب:** گهر ڪرڻ جو چاهه، ملاقات جي سڪ

نيازِ عشق ۾ شوقِ طلب ۾ آهي ڪمي،
نياز وَ شوق سان اي دل پوڪار اچا!

(لاٽ: 1، 58)

**شوقِ منزل:** منزل تي رسڻ جو چاهه

راهبر پلجي ويا، اهلِ نظر پلجي ويا،
شوقِ منزل ۾ سيئي ڪارِ سفر پلجي ويا.

(لاٽ: 1، 26)

**شهرِ لازوال:** اهو شهر جنهن کي ڪڏهن بہ زوال اچڻو ناهي.

ابتدا ۾ انتها جي وسعتن تي ڦهليل،
زندگيءَ جو شهر، شهر لازوال!

(لاٽ: 2، 33)

**شهڪار:** تمام بهترين تخليق ٿيل فن پارو

اوهان جي سدا صاف فڪر و عمل ۾ حياتيءَ جي،
فنڪارين جا هزارين شهڪار معيار موجود آهن.

(لاٽ: 1، 6)

**شهه مات:** هڪ وڏي ۾ تاريخي شڪست

اڙي راج وارا! اچو ۾ ڏسو منهنجي هٿ تي هي تهذيب،
دشمن خبيثن کي شهه مات جي چال آهي لڪيل!

(لاٽ 2، 88)

**شيدائي:** عقيدتمند، چاهيندڙ

شيدائي بنيو منزل جي ويرُنِ کي ٿيون سڏن!

(لاٽ: 1، 11)

**شيرين زبان:** مني زبان، نرم گفتو وڻندڙ ڳالهه

اوهان جي سخن ساز،
شيرين زبانن جو دستور آهي.

(لاٽ: 1، 6)

**صبا ۾ سِمِ و تن:** خوشحاليءَ ۾ صحت جي سڏارڻ جو ماحول

با اثر صحن چمن سينگاريو جلدي ڪريو،
ناز سان ٿئي باغ ۾ داخل صبا ۾ سيم و تن.

(لاٽ: 1، 22)

**صحن چمن:** باغ جو آڳو.

ها اٿو صحن چمن سينگاريو جلدي ڪريو!

(لاٽ: 1، 92)

**صحيح روشن:** چٽي ڏينهن جيان

ٻيو غريبن لاءِ قيامت ٿُنهنجي دنيا جو نظام
صبح روشن ڪي بنائي تو چڏيو تاريڪ شام.

(لاٽ: 1، 76)

**صدا جيون سيرت واريون:** اهي شراب جون گهگهيون جيڪي سڏ ڏين

شربت زندگيءَ جا فهم وارا ۾ صدا جيئن پرت واريون
آهه مون چا چا نہ سمويو ۾ وري چا چا نہ ورچيو.

(لاٽ: 2، 45)

**صد صد:** سَوين سَوين

مان ازل جي انتها ۾ تون ابد جي ابتدا،
اي سندم اميد جا براق صد صد مرحبا!

(لاٽ: 1، 32)

**صليب:** ڦاسي

اي ڳٽيتين جا ڳاريل مصيبت جا ماريل،
صدين جي ساز باز سان صليت تي سڪاريل

(لاٽ: 2، 18)

**عارضي:** ٿوري وقت لاءِ، جهٽ ختم ٿيندڙ.

عارضي سونهن تي هرڪي ڪي جوڏا جوان،
راهہ ۾لجي ۾ وساري ٿا چڏن منزل!

(لاٽ: 1، 20)

**عالَمُ:** سمو گهَڙي، صورتحال

عجيب قسم جي تنهائين جو هئو ماحول،
وڏو وسيع ميدان، رات جو عالم!

(لاٽ: 1، 1)

**عالمِ صدِ بيڪسي:** سوين مجبورين ۽ بي وسين واري صورتحال

سرخميده، زرد چهرو، عالمِ صد بي ڪسي،
هر گهڙي جن تي هو ڇانيل سايئہِ بيچارگي!

(لاٽ: 1، 73)

**عالمِ ڪيف و خمار:** نشي ۽ خمار واري حالت

هر نفس شادان و خندان، هر نفس مست و بهار،
محفلِ رقصان سُرودو عالمِ ڪيف و خمار!

(لاٽ: 1، 72)

**عالمِ مصروفيت:** ڪم ڪار ۾ رُڌَل هئڻ وري حالت

عالمِ مصروفيت ۾ اوچتو آيو خيال،
خواب مان جهڙيءَ طرح جاڳي اٿي ڪو بي مهل.

(لاٽ: 1، 43)

**عبث:** اجائي، بيڪار، نامناسب

مسرت جي منزل پوڪاري پئي، عبث آهي ماحول جي،
متجندڙ منظرن تي قناعت، اٿو ڪُوچُ ڪريو!

(لاٽ: 1، 9)

**عتاب:** غصو، ڪاوڙ، ڏمر

دشتِ هستيءَ تي نمايان آهِ نقشي انقلاب،
سجهہ اي شمشير آهي سخت قدرت جو عتاب!

(لاٽ 1، 70)

**عدم:** اها جاءِ جتي ڪوبہ ساهہ وارو نہ هجي، نانهن هستيءَ جو هندُ

دم بدم تخليق جي ميدان ۾،
پيا پچائن شرط هستي ۽ عدم!

(لاٽ: 2، 34)

**عدم ننگري:** نانهن، اها جاءِ جتي ڏينهن ۽ رات جو ڪو پتو نہ هو آدم کان اڳ

مان جڏهن ڪجھ سال اڳُ پيار جي وکري وکر جون خوب
خرزينو پري ڏور کان آيس ”عدم ننگريءَ ولايت“ مان هتي!

(لاٽ: 2، 44)

**عرشِ برين:** وسيع آسمان، اوچو آسمان، تمام مٿي

اُتي ئي هئي منهنجي خوابن جي ڌرتي، ستارن جي جنت،
وڏي ويئي عرشِ برين جي اوچائي، وڏي ڳالهہ آهي!

(لاٽ: 1، 42)

**عزم جي محفل:** پڪي پهہ ڪرڻ جي گڏجاڻي

انهيءَ لاءِ پلا ڪا تہ روشني گهرجي،
مچائيندڙ وڏي جي عزم جي محفل!

(لاٽ: 1، 2)

**عزمِ حيات:** زندگيءَ گذارڻ جو جذبو

محو نظاره ٿي رهجي وئي نگاهِ ڪائنات،
ذرتي ذري ۾ وري پيدا ٿيو عزمِ حيات.

(لاٽ: 1، 72)

**عزمِ سفر:** جدوجهد جو جذبو سفر ڪرڻ جو پڪو پهہ

ڪجھ عزمِ سفر کي تيز ڪريو
هيءُ رات اِجها گذري ويندي!

(لاٽ: 1، 11)

**عطر ۾ تر ٻُڙا:** مندين پيا ٻين ڳجهن ڳڻن ۾ جيڪي ٻڙا وجهبا آهن سي عطر هاڻا هئا

علم جا مشعل، عمل جون دوربينون ۽ عقل جون شطرنجيون
سوچ جا سونگا، انهن اندر خيالن جي عطر سان ترِ ٻُڙا!

(لاٽ: 2، 45)

**عظمتون:** معيار، حيثيتون، اوچايون

سدا لازوال آهي انسان جي عظمتن جو ظهور،
اِها آهه بس زندگانيءَ جي حڪايت.

(لاٽ: 1، 6)

**عظيم الشان:** وڏي شان شوڪت وارو، عزت ۽ احترام لائق

هنن کي آڇي فطرت پنهنجو عظيم الشان هي تُحفو!

(لاٽ: 2، 36)

**عقل جو عزم:** سوچ ويچار ڪندي ۽ پڪي پهه ڪندي

عقل ۽ عزم جا راڻا ويا اڳتي ڏُوڪي،
پنهنجي لات جي مومل کي پَسِي ٿي رهندا.

(لاٽ: 1، 21)

**عمل باري:** عطر ڇٽڪائڻ، عطر پيوَست ڪرڻ

ها، اٿو! صحنِ چمن سينگاريو جلدي ڪريو،
گوشي گوشي گلستان جي ۾ عطر باري ڪريو!

(لاٽ: 1، 71)

**عيار:** ڏوڪو ڏيندڙ ڏٺائي، بي اعتبار

ڪڏهن حسن حقيقي حاضر
ڪڏهن عشق عيارُ!

(لاٽ: 1، 51)

**عزت ذلت:** مان مرجات ۽ ڪريل حيثيت يا معيار

شمشير جڏهن عزت و ذلت ٿي آهہ خدا جي هٿ،
ڇو ڪنهن سان شڪايت ٿئي، ڇو ڪنهن سان گلا مون کي!

(لاٽ: 1، 65)

**علم عرفان:** تعليم ۽ ڄاڻ يا ادراڪ، گهرائيءَ جي ساڃهہ

ايئن ئي انهن، رات ۽ ڏينهن جي سلسلن ۾،
زماني جي رفتار جو علم عرفان ڏبجي وڃي ٿو.

(لاٽ: 1، 5)

**عروسِ زندگي:** زندگيءَ جي چوٽي يا معيار يا حيثيت ۽ وسعت ۽ شانداري

اي وڇڙ وارا! ڏسي وڃ هي عروسِ زندگي،
آرزو کي حسرتن جو تاج پهرائي ٿي دل!

(لاٽ: 1، 57)

**عروسِ سحر:** صبح جي روشني، صبح واري وقت جي شانداري

انڌيرا مسرت ڪان جهومن پيا،
ڪٿي قيد آهي عروسي سحر!

(لاٽ: 1، 35)

**عروسِ نوبهار:** نئين آيل بهار جي وسعت ۽ اثر اندازي

عام ڪرڻو آهہ دستورِ عروسِ زندگي
ڪرڻو آهي پتي پتي کي شناساءِ بهارُ!

(لاٽ: 1، 76)

**عنوانِ الفت:** محبت جو موضوع، محبت جو سرور، عشق جو ذڪر.

هاءِ هي عنوانِ الفت، هڪ ڪري ۽ ٻيو پري،
دل کي تڙپائي ٿو هُو ۽ مون کي تڙپائي ٿي دل!

(لاٽ: 1، 57)

**عنوانِ مجبوري:** مجبورين وارا موضوع، مجبورين واريون حالتون

آه هي عنوانِ مجبوري، عشرت زنده، ناشاد و ڪام،
جنهن جي دم سان آهہ قائم اهلِ دولت جو نظام.

(لاٽ: 1، 78)

**عيشِ بهاران:** بهارن دوران ڪيل عياشيون ۽ ورتل مزا.

هڪ طرف عيش بهاران، ٻئي طرف جورِ خزان،
ڪهڙو هي انصاف آهي، ڪهڙو نظمِ گلستان!

(لاٽ: 1، 74)

**عيشِ فراوان:** جاڙي ڪاڙي خوشيون ۽ مسرتون

هڪ طرف عيشِ فراوان باعثِ ناموس و ننگ،
ٻئي طرف عنوانِ مجبوري بَنيو چهري جو رنگ.

(لاٽ: 1، 78)

**عيش و مسرت:** آرام، خوشي، سرهائي

هڪ طرف ٿي زندگي، عيش و مسرت جو عمل،
ٻئي طرف محنت جي ڪثرت کان رفاقت ۾ خلل.

(لاٽ: 1، 77)

**غبار راهہ:** رستو+وندڙلو هٽڙ

آءُ هڪ تنها مسافر پنهنجي هستيءَ ۾ غبار راهہ جو عالم ڪنيون!

(لاٽ: 2، 122)

**غرورِ جفا:** ڏاڍي تي فخر، هٺ، وڏائي

اجا هن ڪي آهي غرورِ جفا،
اجا ترس اي عشق آشافته سِرَا!

(لاٽ: 1، 39)

**غلامِ مال و دولت:** مال ۽ دولت جا غلام، ٻانهان، پوڄاري

اي غلام و حالِ دولت، اي اميرِ تُندَخو
ڄور وانگيان چوڙو چوسين تون عريبن جو لهو؟!

(لاٽ: 1، 76)

**غلاف:** پڙُ پردو ڍَڪُ

پنهنجي دامن کي بچائي، تن کي ڪرڻو آهه صاف،
چاڙهڻو هر شاخِ گل تي آهه سبزيءَ جو غلاف!

(لاٽ: 1، 75)

**غمِ دوست:** دوستن طرفان مليلُ ڏکَ

ترڪي عشق نہ غمِ دوست تي قدرت دل جي،
اهڙي مجبوري بہ شمشير تي آئي جاني!

(لاٽ: 1، 83)

**غماز:** واقف، چاڙُون، راهل مائل

دربار جي فنڪار کي ماحول ۾ آڻيون،
فن چاهي؟! جي حالات جو غماز نہ آهي!

(لاٽ: 1، 45)

**طِرز ادا:** نخري ڪرڻ جو نمونو

ديد ۽ خواهش کان طرز ادا پائي ٿي دل،
خلوتِ تخيل کي محفل ۾ بَدلائي ٿي دل!

(لاٽ: 1، 57)

**طِرزِ ادائي:** ادائيگيءَ يا بيان ڪرڻ جو طريقو

خامشيءَ ۾ ٿي نهان طرزِ ادائي، جاني!
سازِ دل چاهي ٿو اج نغمہ سرائي، جاني!

(لاٽ: 1، 62)

**طُغِيانِيُون:** موجون، ڇوليون، تيز وهڪرو

عشق جي سُنِسانُ واديءَ جي قريب،
درد جي درياهہ جون طغيانيون.

(لاٽ: 2، 55)

**طلاطم:** رش، اٿل پٿل، تيز وهڪرو، ور وڪڙ وهندڙ پاڻي، هوا جي ڪري لهرن جو ٿيندڙ سٽڪو

درياھ ڪي قطري جي ضرورت سمجهو
لڙڪن ڪي طلاطم جي حقيقت سمجهو!

(لاٽ: 1، 54)

**طلاقيل:** اُها عورت جنهن کي پنهنجي نڪاح ٻڌ جي مڙس ڪنهن بہ اٽبٽت ڪري طلاق ڏئي ۽ بيوه ڪري ڇڏيو هجي.

هڪڙي وحشي ظالم شخص (جنهن جي هُوءَ طلاقيل هئي) وَجُهہ
وٺي اهڙيءَ سهڻيءَ پياريءَ ۽ نياريءَ صورت کي گهوگها ڏئي ماري ڇڏيو!

(لاٽ: 2، 80)

**طلسمات:** جادوگريون، تجسُس.

۽ جيڪي طلسمات جي ڪاڪ محل ۾ ڪوئجي ويا،
انهن کي ڇڏي ڏيو!

(لاٽ: 1، 6)

**طُورِ طالب:** ڪوھ طور يا طور سينا جبل تي خدا جي جلوي ڏسڻ جو خواهشمند جي پاڻ سان مخاطب، ٿيندا نہ طور طالب،

عبرت عجب عجائب، ديدار دم درازي،

(لاٽ: 2، 101)

**طوق:** ڳٽ، گهوگها

ڳلي جا طوق بدلجن پيا هرسو،
ڏکي نہ آهي صدين جي حساب جي صورت.

(لاٽ: 2، 31)

**طئہ ڪرڻ:** مڪمل ڪرڻ، تڪميل تي پڄڻ، خاڪو ٺاهڻ.

زمانو طئہ ڪري آيو خيال جي بستي،
نرالي نُورَ کي روڪي نٿي سگهي ڪا طاقت.

(لاٽ: 1، 3)

**ظُلمَتِ ڪَدَه:** اها جڳهِ جتان ظلم ڪيو ويندو هجي.

هڪ طرف سير چراغان، چنڊ ۽ تارن جو کيل
ٻئي طرف ظلمت ڪده ۾ آهي بتي ۽ نہ تيل.

(لاٽ: 77)

**ظهور:** ظاهر ٿيڻ، شڪل وٺڻ.

سدا لازوال آهي انسان جي عظمتن جو ظهور،
اِها آهہ بس زندگيءَ جي حڪايت.

(لاٽ: 1، 7)

**فاتِحا:** مري ويل ماڻهوءَ تي قل پڙهي ۽ گهربل دعا

مارِيندا سي سپ مردور
جن جي فاتها ۽ نہ درود.

(لاٽ: 2، 57)

**فار:** خوار

اي مظلوم روحو! مبارڪ هجي جاڙ بدلي فضا عدم
ڪڏهن مفتيءَ جي فتوا فائق، ڪڏهين فاسق فار.

(لاٽ: 1، 51)

**فاسق:** ڪوڙو

اي مظلوم روحو! مبارڪ هجي جاڙ بدلي فضا ۽ وڪر
ڪڏهن مفتيءَ جي فتوا فائق، ڪڏهن فاسق فار.

(لاٽ: 1، 51)

**فال:** ڪنهن انگن جي ڦير گير سان ڪي نتيجا ڪيڻ، ديهاتي عمل

تارا ڪتيون، چنڊ، نکيٽر هر هر پائن فال
ڀاڳ ڀلارو جاڻي پنهنجو ڳائن جهولي لال.

(لاٽ: 2، 89)

**فائق:** منصف جي فتويٰ لاڳو ٿيڻ

اي مظلوم روحو! مبارڪ هجي، اجهو ڄاڻ بدلي فضاء دهر
ڪڏهن مفتيءَ جي فتوا فائق، ڪڏهين فاسق فار.

(لاٽ: 1، 51)

**فتوا:** فيصلي جو اعلان

اي مظلوم روحو! مبارڪ هجي اِجهو ڄاڻُ بدلي فضاء دهر
ڪڏهن مفتيءَ جي فتوا فائق، ڪڏهين فاسق فار.

(لاٽ: 1، 51)

**فدائي:** قربان ٿيندڙ، سر گهوريندڙ.

داد ڏي مون کي سندم ذوقِ نظر جي پيارا،
مان ٿِيسُ تنهنجو فقط تنهنجو فدائي، جاني!

(لاٽ: 1، 66)

**فرار:** بنا ڪنهن خبر چار يا اطلاع ڏيڻ جي غائب ٿي وڃڻ.

ڪنهن تاٽي اچٹو آهي آسماني هڪڙو گهوڙو
جيڪو ڪنهن مهلت بنا ٿيندو فرار!

(لاٽ: 2، 43)

**فردوس:** بهشت، بهشت نما منظر

عرش مٿي احڪام هلايان،
فرش مٿي فِردوس بنايان!

(لاٽ: 2، 109)

**فرش:** زمين، ڌرتي

عرش مٿي احڪام هلايان،
فرش مٿي فردوس بنايان.

(لاٽ: 2، 109)

**فرزند:** پُٽُ

جنت جهڙي جنت هوندي، نئين ڪنواري ڌرتي،
فطرت جو فرزند ڳري پِيو جنت ڏانهن هجرت جي تياري

(لاٽ: 2، 38)

**فضاء دهر:** ڪائنات جو ماحول

اي مظلوم روحو! مبارڪ هجي اجهو ڇاڻ بدلي فضاءِ دهر،
ڪڏهن مفتيءَ جي فتوا فائق، ڪڏهن فاسق فار.

(لاٽ: 1، 51)

**فضا:** ماحول، آب و هوا، وايومنڊل

فضا ۾ خوف جا سپ آثار هئا پيدا،
سڄي جهان جا انڌيرا هئا اتي باهمر!

(لاٽ: 1، 1)

**فرط انسباط:** انتهائي سرهائيءَ کان، تمام خوشيءَ وچان

گلستان ۾ جيئن بهاريءَ جي اچي پهتي خبر،
فرطِ انسباط کان جهومي ويا برگ و ثمر.

(لاٽ: 1، 72)

**فرقت:** جُدائي

دل دوست جي فرقت ۾ ٿي روئي جڏهين،
انسان جي انسان سان الفت سمجهو.

(لاٽ: 1، 54)

**فريب:** ڌوڪو مِڪرُ، ٺڳي،

هر طرح جون نعمتون موٽي ويون ٺڪرائجي،
مار ڪائي وِيا زماني جا فريب!

(لاٽ: 1، 16)

**فريب دار فاني:** بي بقا دنيا جا ڏوڪا، مِڪرَ، ٺڳيون.

واديءِ پُرخار سمُجهيم گلستان،
رُڦُ فريبِ دارِ فاني ڪيم پڇ!

(لاٽ: 1، 67)

**فُسُونِ ڪيف و ڪم:**

هر طرف گلهاءِ رنگين جي بهارِ دلربا،
جلوءِ حسن و فسونِ ڪيف و ڪم رنگين فضا!

(لاٽ: 1، 57)

**فطرت:** قدرتي ماحول ۾ آبهوا، درجئہِ حرارت، برسات جو پوڻ، پاڻيءَ جي موجودگي.

جنت جهڙي جنت هوندي نئين ڪنواري ڌرتي
فطرت جو فرزند ڪري پيو جنت ڏانهن هجرت جي تياري!

(لاٽ: 2، 38)

**فڪر و عمل:** سوچ ۾ اُن مطابق عمل پيرا ٿيڻ.

اوهان جي سدا صاف فڪر و عمل ۾،
حياتيءَ جي فنڪارين جا هزارين شهڪار معيار موجود آهن!

(لاٽ: 1، 6)

**فڪرات:** ڳڻتي، مصيبت زده سوچ

ڪڏهين راتيون جاڳي وينو فهم ڪري فڪراتِ،
ساري جڳ جا سور سنياري ڏاري پنهنجي ذات.

(لاٽ: 2، 16)

**فلڪ:** آسمان

فلڪ جو اوج انهن جا قدم اچي چُمَندو،
نرالي نور جا مشعل جلائيندو هردم.

(لاٽ: 1، 3)

**فنڪاريون:** فني طرح پيش ڪيل شيون، هٿراڌيون، ٺهيل ڳالهيون

اوهان جي سدا صاف فڪر و عمل ۾ حياتيءَ جي فنڪارين جا،

هزارين شهڪار، معيار موجود آهن!

(لاٽ: 1، 6)

**فهم:** سچائي، پرک، اخلاق واري گفتگو

ڪڏهين راتيون جاڳي ويٺو فهم ڪري فڪرات،

ساري جڳ جا سور سنڀاري ڏاري پنهنجي ذات.

(لاٽ: 2، 16)

**ڦرڪيون ڦرَڻ:** ڊئونگ ۾ اجايا سجايا عقلي دليل ختم ڪرڻ.

تنهنجون ڦرڪيون ڦيري ويندا چاڙهي چُسڪِيُون چار!

(لاٽ: 1، 52)

**ڦَڻِ:** ڪاريهر نانگ، پنهنجي منڊي ڦُنڊائي ڪَرُ ڪڻندو آهي تہ اُن کي نانگ جي ڦڻ چئبو آهي.

خوراڪ جي لئہ چالاڪ بنيا، ڦڻ ڦهلائي

گهُمندا هوندا!

(لاٽ: 1، 9)

**ڦوليو نہ ماپڻ:** خوشيءَ ۾ نہ ماپڻ، خوشيءَ ۾ آپي مان نڪري وڃڻ.

سورج منڊليءَ ۾ اڄ ڏاڍي ڌوم مچي وئي آهي،

ڪرٽو ڪرٽو رنگ رليءَ ۾ ڦوليو نہ ٿو سمائي!

(لاٽ: 2، 89)

**قائل ڪرڻ:** راضي ڪرڻ، سهڪاري بنائڻ، متفق ڪرڻ، آماده بنائڻ

ڪنهن طرح بہ اسان ظلم جا قائل نہ رهياسي،

زنجيرن ڪان وڌ ڪو پنهنجو دمساز نہ آهي.

(لاٽ: 1، 44)

**قائم رهڻ:** پختگيءَ سان بيهجي وڃڻ، عمل پيرا رهڻ، وجود بحال رکڻ.

مصيبت جي انهيءَ رات تي نظر رکندي،
ڀلا ڏئي کي مجال آهي جو رهي قائم.

(لاٺ: 1، 2)

**قبلِ محشر:** قيامت کان به اڳ ۾

وقت جي رفتار کان وڌ سمجهه موجِ انقلاب
قبلِ محشر، حشر جو ميدان ٿيندو غم نه ڪر.

(لاٺ: 1، 70)

**قدم آزمائي ڪرڻ:** وک وڌائي جانچي ان جي ردعمل ڏسڻ

زماني جي راهن تي پنهنجي قدم آزمائي ڪندڙ
پيشروئن جي جولان جي ڏوڙ آهن.

(لاٺ: 1، 5)

**قدم با قدم:** وک وک ڪري سنيالي هلڻ

قدم قدم وقت جي رهگذر تي، خوشيءَ جي ترانن جي،
جهونگار ڪريو! نرالن نظارن جا اظهار ڪريو!

(لاٺ: 1، 6)

**قديم:** پراڻو اڳيون، جهوني زماني جو

ڪيترو نئون ۽ وري ڪيڏو قديم،
زندگيءَ جي راهه جو هرهڪ قدم.

(لاٺ: 2، 34)

**قريب و دور:** ويجهو ۽ پري (يعني جاتي ڪاٿي)

پري تمام پري هئي خيال جي بستي،
قريب ۽ دوُر فقط منهنجو ئي تصور هو.

(لاٺ: 1،1)

**قرينا:** طور طريقا، ڍنگ، ڍانوَ

لٿا عرش تي زندگيءَ جا سفينا،
بدلجي ويا بندگيءَ جا قرينا!

(لاٺ: 1، 43)

**قصرِ استبداد:** ظلم جو گهر، ڏاڍ جي جڳهہ يا بنياد، ظلم ۽ ڏاڍ جو ماخذ

قصرِ استبداد جون پاڙون اکيڙڻ واسطي،
ذرو ذرو خاڪ جو طوفان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لاٺ: 1، 69)

**قصرِ غرور:** غرور جو محل، غرور جي ماڙي، غرور جو پاندو

ظلم جنهن تي تون ڪرين ٿو بيگناهون بي قصور،
تنهن جي آهِ سرد ٿوڙيندي سندءِ قصرِ غرور.

(لاٺ: 1، 78)

**قضا:** تقدير، خدا طرفان نازل ٿيل مصيبت

ڏُکيا ٿي ڪيئي طرف ديوَ طوفان جا،
قضا جي خوف کان ڏرتيءَ کي پڻ ٿي دهشت ٿي.

(لاٺ: 1،1)

**قطري:** ڦڙي

دريا کي قطري جي ضرورت سمجهو،
لڙڪن جي طلاطم جي حقيقت سمجهو.

(لاٺ: 1، 54)

**قلب و نظر:** دل ۽ نظرون

دنگ رهجي ويس ڏسي هي منظرِ وحشت اثر
فڪر جي واديءَ ۾ اُلهي رهجي ويا قلب و نظر.

(لاٺ: 1، 74)

**قناعت:** گهٽ حساب سان، بچت جو خيال رکندي

مسرت جي منزل پوڪاري پئي، عبث آهہ ماحول،
جي سٽجنڊڙ نظارن تي قناعت اٿو ڪوچ ڪريو!

(لاٽ: 1، 6)

**قندِيلَ ڪافوري:** ڪافور مان ٺهيل ٻارڻ واري قنديل

تيستائين آءُ ڪريان تولاءِ قنديل ڪافوريءَ کي روشن،
جيئن ڏسان سونهن جا ڪهڙا وکر آندا اٿئي!؟

(لاٽ: 2، 43)

**قيدِ جدائي:** جدائيءَ جو جيل يا پري رکڻ جي سزا

هن قيد جدائيءَ کان ڪر مون کي رها الله،
ڪنهن جرم جي آخر تون ڏين ٿو هيءَ سزا مون کي!

(لاٽ: 1، 64)

**قيمتي گوهر:** مهانگا موتي

مان مڃان ٿو قيمتي گوهر کان تنهنجا ماه وسال،
چند لمحن ۾ نہ گهٽ ٿيندو سندءِ جاه و جلال.

(لاٽ: 1، 76)

**ڪاٽڪو:** ڌاڙيل، بشني، چورُ ڊاڪُو رهزن، قاتل، ظالم

دلال، ڪاٽڪو، بشيني، چوريا ڊاڪو،
وٺيو وجن پيا هڪڙي ئي واٽ سڀ هيڪر!

(لاٽ: 2، 90)

**ڪاپڙي:** فقير، ڪن ڪتايل جوڳي، لاهوتي

مال موهي نہ سگهيو ڪاڪ کان جهلجي نہ سگهيا،
چال چورين جا لنگهي ڪاپڙي وڃندا ئي رهيا.

(لاٽ: 1، 21)

**ڪارِ سفر:** سفر ۾ شامل

راهبر ڀُلجي ويا، اهلِ نظر ڀلجي ويا،
شوقِ منزل ۾ سيئي ڪارِ سفر ڀلجي ويا.

(لاٽ: 1، 26)

**ڪارِ مشڪل:** ڏکيو ڪم، اڻ ٿيڻو.

هر مرض جو وقتُ ئي آهي علاج بهترين،
ڪارِ مشڪل جلد ئي آسان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 70)

**ڪارناما:** عجب ڏياريندڙ عمل، حيرت انگيزيون.

نهايت ئي مشڪوڪ آهن نظارا،
تصور جي تخليق جا ڪارناما!

(لاٽ: 1، 4)

**ڪافوري:** ڪافور مان ٺهيل

تيستائين تنهنجي لئہ آءٌ ڪريان قنڊيل ڪافوريءَ ڪي روشن،
جيئن ڏِسان سونهن جا ڪهڙا وکر آندا اٿئي؟!

(لاٽ: 2، 45)

**ڪاڪ محل:** ڪاڪ نديءَ تي قائم مومل جو محلات، جنهن ۾ جادو هلندو هو.

هي منزل جي رُخ تي هزارين ئي وٽڪار جا ڪاڪ محل
پنهنجي ڪمالات جي دلڪشيءَ سان!

(لاٽ: 1، 5)

**ڪامراني:** فتح، ڪاميابي، فتح، ڪيل حڪومت هلائڻ.

عشق ٿي وِيو زندگي پرنامراد
حسن جي هري ڪامراني ڪيم پڇ.

(لاٽ: 1، 67)

**ڪايا ڇايا:** دنيا، ملڪيت ۽ اُن جا پوئلڳ

ڪايا ڇايا مست مگن ٿي ڇم ڇم ڦيريون پائي،
نيل گگن جو هرڪو ياتي خوش ٿي جهومي ڳائي!

(لاٽ: 2، 89)

**ڪبودو ڪو ڪنار:** گلن جا رنگ نيرو ۽ پُست جي ڏوڏيءَ جهڙو طعو خاڪي يا ميرا جهڙو بادامي

هر گل و برگ و شجر ڪي بخشڻي آهي بهارَ
زعفران و احمرو زرد و ڪبودو ڪو ڪنار!

(لاٽ: 1، 75)

**ڪٺن:** مشڪل، ڏکيو، اٽائو.

خاموش ڦزا هوشياريءَ سان، اج رات ڪٺن آئي آهي!

(لاٽ: 1، 64)

**ڪنورتا:** سندرتا جو ويري، ظلم، ستم ڪندڙ.

سندرتا ۽ ڪنورتا جي وچ ۾ هڪ ڀاري جنگ لڳي هي،
سندرتا جي ساري ٿي هُئي، ڪنورتا جو موت ٿيو هو!

(لاٽ: 2، 47)

**ڪَجڪِلاهِي:** قبا يا دستار جيڪا نيڪ عمل بزرگ پائيندا آهن.

تا ڪُجا جورو ستم، اين ڪبرونخوت تا ڪجا!
تا ڪُجا اين ڪجڪلاهي، اين رعونت تا ڪجا!

(لاٽ: 1، 78)

**ڪچن:** انگريزي عام مُروَجُ لفظ جنهن جي معنيٰ بورچي خانو، سانجھ جي جاءِ.

اکين کي هيءَ ٻہ فطرت جي آهي آگاهي،
سڄي جهان کان بهتر ڪِچِنِ جي اونداهي!

(لاٽ: 2، 90)

**ڪرشمو:** وڏي معيار واري تخليق، تپرس ۾ وجهڻ وارو عمل، سڀ ڪنهن جي وس ۾ نہ اچي سگهندڙ عمل.

مصور جي دستِ هنر جو ڪرشمو
اهو منهنجو خونِ جگر ئي تہ آهي!

(لاٽ: 1، 13)

**ڪرشن:** ڪرشن مهراج جيڪو هندومت جو اوتار آهي.

ڪڏهين عيسيٰ، مُوسيٰ آهيان،
ڪڏهين ڪرشن، رام سڏايان!

(لاٽ: 2، 109)

**ڪرم:** سٺا عمل، نيڪ ڪم، نيڪ نيتيءَ سان ڪيل عمل.

ڌرم، ڪرم جا جهڳڙا رڳڙا،
مايا۔ راج جا راڪو رڪڙا.

(لاٽ: 1، 22)

**ڪڙڪ ڪلامي ڪلما:** رعبدار طريقي سان مخاطب ٿيڻ

ڪڙڪ ڪلامي ڪلما ڪڏهين ساز ستار،
مستن تي نہ ميار او سائين! مستن تي نہ ميار!

(لاٽ: 1، 51)

**ڪشتئِ الفت:** عشق جي ٻيڙيءَ ۾، پيار جي راهہ ۾

مان ڪشتئہ الفت کي ساحل سان لڳائيندس،
روڪي تہ ذرا ڏس اي طوفان پلا مون کي.

(لاٽ: 1، 45)

**ڪشتئہ روزگار:** روزگار جو ذريعو جيئن فقيرن وٽ ڪشتو هوندو آهي.

جنهن جي محنت ساڻ باقي سطوطِ سرمائيدار،
خون سان پنهنجي بنائي ٿو جو ڪِشتہ روزگار.

(لاٽ: 1، 70)

**ڪشت:** مصيبتون، ڏکيائون، قيد، پابنديون

هر هنڌ زر جو زور ٽُٽي پيو،
انسان ڪشتن کان ڇٽي پِيو!

(لاٽ: 1، 22)

**ڪشمشي ڪمبل:** ڪشمش جهڙي پوري رنگ جو ڪمبل

تُرڪماني ان جو هي ڪشمشي ڪمبل ڪلهن تان لاهي،
هن صندوق تي ليٽائي ڇڏ!

(لاٽ: 2، 42)

**ڪلور:** ويڌن، بي انصافي، حق تلفي، جُٺِ

ڪا نئين تدبير تي آهي ضرور،
وِيو وَٽي تقدير کي پنهنجو ڪلور!

(لاٽ: 2، 102)

**ڪماليت:** عروج، ڏانوَ جي ماٿهين ۽ معياري حيثيت

فطرت جي ڇِتساليءَ اندر، فنڪاريءَ جي بيحد
خُوب ڪماليت سان ۽ تبديليءَ جا رنگ رچائي.

(لاٽ: 2، 36)

**ڪلي:** مکڙي (جنهن مان گل ڦٽندو آهي)

ڏسي گل جي حالت اکين لڙڪ لاڙيا،
ڪليءَ مسڪرايو تہ آرام آيو!

(لاٽ: 1، 38)

**ڪمخواب و مخمل:** قيمتي ريشمي ڪپڙا.

گلابي بدن تي صفا صاف ريشم ۽ ڪمخواب مخمل جي،
زرتار پوشاڪ پهرڻ ڇڏي ڏي، چوي ڪير توکي؟!

(لاٽ: 1، 12)

**ڪنبن:** ڏڪن، ڌڄن، ڪَڙُ ڪائن

ٿا ڏڪن سينا تہ بي واهين جا تنهنجي ساز سان،
ٿيون ڪنبن دليون يتيمن جون سندءِ آواز سان.

(لاٽ: 1، 70)

**ڪنيز:** ٻانهي، خدمتگارِ نوڪرياڻي، دربانِ

آخرش پڙڪي اُٿي دوزخ جي باھ يعني مرڪي پِئي جنت جي ڪنيز.

(لاٽ: 1، 16)

**ڪُنيائون:** خوبصورت جوڀن واريون عورتون.

جتي شوخ، حسين، شفاف بدن ڪنيائون شيدائي بنيون،
منزل جي ويرن ڪي ٿيون سڏن سفيد لباس ۾ هردم مصروفِ تبسم ۽ رقصان!

(لاٽ: 1، 10)

**ڪُنْ فَيَڪُونُ:** قران شريف ۾ آيل آهي تہ خدا تعاليٰ حڪم ڪيو تہ "ڪن" يعني ٿهي پئہ منهنجي منشا مطابق ۽ "فيڪون" معنيٰ تہ انسان جڙي پيو ان مطابق.

روز ازل کان جيئرو آهِ مرڻو ناهي مور،
"ڪُن فيڪُون" جو سرُ الاهي مٿيءَ ۾ مستور!

(لاٽ: 2، 16)

**ڪوتھ:** گهٽتائيءَ واري نظر، گنوڪائي

رات جو پوڀون پهر ۽ صبح جو پهريون پهر،
ٻن گهڙين جي فرق ۾ ڪو تھ نظر پلجي ويا.

(لاٽ: 1، 36)

**ڪوچ ڪرڻ:** روانو ٿي وڃڻ، سفر سنباهڻ، ماٺ ڪي ٽوڙڻ.

مسرت جي منزل پوڪاري پئي، عبث آهي ماحول جي،
متجندڙ ستجندڙ نظارن تي قناعت، اٿو ڪوچ ڪريو!

(لاٽ: 1، 5)

**ڪونجل ناري:** اها عورت جنهن جي ڳچي ڊگهي ۽ سنهي هجي

روپ وَٽيءَ ڪنهن ڪونجل ناريءَ پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتا هوندا!

(لاٽ: 2، 41)

**ڪھڪشاني روشنيون:** اهي روشنيون جيڪي، ڪھڪشان سان پيدا ٿين يا ھلڪيون ٿڌيون روشنيون.

لازمانيءَ ۾ مڪانيت جو حسنِ اتفاق،
ڪھڪشاني روشنين، اونداهين جو کيل گردش!

(لاٽ: 2، 74)

**ڪھسار:** جبل سنسارُ

سج، چنڊ، تارن ۽ ڪتين جو ڏکي ويو!
سمنڊ ۽ دريا، صحرا ۽ ڪھسار ڏکي ويو.

(لاٽ: 2، 33)

**ڪيفِ اطمينان:** پروسي ۽ يقينيءَ واريءَ صورتحال چمڪار

گلستان ۾، رسد داري رسمِ دلداري اجا معدوم آهہ،
ذرو ذرو ڪيفِ اطمينان کان محروم آهہ!

(لاٽ: 1، 75)

**ڪرو:** سِڌوسنئون ماٺھو، سچو وکر، ٻُهہَ ۽ پلال جو گدام،

ڳالھ ڳجھڙي بہ هئي، ڳالھ پڌري بہ هئي، ڪالھ پوئين پهَر،
ڪير آيا ويا، راڄ ساري اڳيان ڏئي ساري ڪري کي ويا ڇُوڇڙي

(لاٽ: 2، 87)

**ڪنڊر:** ٽٽل جاين، دڙن ۽ قُبن جا حصا، ساموندي ٻيڙن جا ڀڳل حصا.

هي منزل نما صائبانن جا ڪنڊر،
هرهڪ راهرو قافلي جي نشاني، شڪستہ ۽ ويران!

(لاٽ: 1، 5)

**ڪوٺاوڙ:** ملاوتِ ٿَيلَ وَکَرَ، نالي ۾ هڪڙا پر اصل ۾ نقلي وکر

نفرتن جا، بغض جا، دوکي، دغا ۽ حسد جا جيڪي
ڪوٺاوڙ مِلاوَتَ ٿي مليا ها، سي سيئي هُو صحن ۾ اُڇلي وجان ٿو!

(لاٽ: 2، 48)

**ڪوج:** جانچ پڙتال، تحقيق، ڳولا، تفتيش.

اج وري مهراڻ آيو موج ۾،
اج وري ڌرتي ٻُڏي وئي ڪوج ۾.

(لاٽ: 1، 119)

**کَھُرو:** لسي چو ضد، گُهپَ پيل، ڏَڪا ڏَڪا، هٿن گهمائيندي رنڊڪون محسوس ڪرائڻ.

مقدر جي کهري ۽ ڪاري نرڙ تي، نهايت ئي مبهم، فقط چند ليڪا!

(لاٽ: 2، 77)

**گت:** سمجهه، ساڃهه، مرضي، منشا

پيار پروڙڻ جي گتِ ڏيئي،
وِرهہ وري همراهي ڪيئي!

(لاٽ: 1، 32)

**گجگاهہ جهنگل:** اهو ٻيلو جنهن انت ئي نہ لهي، تمام ڳتيل وڻن وارو گهاٽو ٻيلو

پانئجي ٿو ڪنهن وڏي گجگاهہ جهنگل ۾ ڦاسي
پنهنجي پنهنجي منهن ٻئي پٽڪي وياسي!

(لاٽ: 2، 84)

**گرجا:** پوڄاپاٺ ڪرڻ جي جاءِ

مسجد اندر، گرجا اندر، هُوئي وسي ٿو هُوئي هُو،
محلن، جهوپن منجهہ سراسر، هُوئي وسي ٿو هُوئي هوُ!

(لاٽ: 2، 13)

**گردش ۾ وڃڻ:** عمل پيرا هئڻ، مسلسل ڦيري ۽ چڪر ۾ هئڻ

ايامن کان ڌرتي پنهنجي محور تي هردم گردش ۾ آهي!

(لاٽ: 1، 35)

**گردن:** سِسِي يا ڪنڌ

زماني جا منصور آهيون، اسين خوب مشهور آهيون،
اسان سُورُيِنِ تي نہ گردن جُهڪائي، وڏي ڳالهہ آهي!

(لاٽ: 1، 42)

**گريزان:** بيزار، نفرت ڪندڙ، ڇرڪائيندڙ

همنشين! پُڇُ نہ حديثہ غمِ دوران مون کان،
زندگي آهہ بهرحال گريزان مون کان!

(لاٽ: 1، 66)

**گل و باغبان:** مالهي ۽ گل

مون سمجهي حڪايت گل و باغبان جي،
نظامِ گلستان ئي نظر ناڪام آيو.

(لاٽ: 1، 38)

**گل و برگ و ثمر:** گل، پن ۽ ميوا، گلاب جي گل جي ڪيتي مجازي طور معشوق جا ڳاڙها چپ.

هر گل و برگ و ثمر کي بخشڻي آهي بهارَ،
زعفران و احمرو، زردو، عبود و ڪوڪنارَ!

(لاٽ: 1، 75)

**گلهائِ افسرده:** غمگينيءَ واري گلن جي حالت ڳلن جو ڪومائجڻ ڏي مائل هئڻ.

چند گلها ۽ افسرده زرد ۽ ڪومائيلَ،
باغ جي هڪ ڪنڊ ۾ خاموش، مٽيءَ سان سٽيل!

(لاٽ: 1، 73)

**گُلِهائِ رنگين:** گلن جي رنگينيءَ جو نکارُ

هر طرف گلهاء رنگين جي بهار دلربا،
جاده و حسن و فسونِ ڪيف و ڪمُ رنگين فضا!

(لاٽ: 1، 73)

**گمراھ:** ڀٽڪيل، راھ وڃايل، دربدر بتال.

هي گمراھن جون هزارين مزارون!

(لاٽ: 1، 5)

**گوشي گوشي گلستان جي:** باغ جي سَلي سلي ۾ يا گئونچ گئونچ ۾

ها، اٿو! صحن چمن سينگاريو جلدي ڪيو،

گوشي گوشي گلستان جي ۾ عطر باري ڪريو!

(لاٽ: 1، 71)

**گونجي اٿڻ:** آوازن جي ڏوم جو ٻڌڻ ۾ اچڻ، ڦهلاءُ ڪرڻ.

بلبل و نغمئہِ بهاران سان چمن گونجي وڃي،

محفلِ خاموش اڄ بزمِ طرب بنجي وڃي.

(لاٽ: 1، 71)

**گويا:** ڄڻ تہ

هر گهڙي گويا ازل کان ٿي شروع،

هر گهڙي گويا ابد تي ٿي ختم!

(لاٽ: 2، 34)

**گهُپ انڌاري:** اهڙي اونده جنهن ۾ ڪجھ بہ نہ ڏسي سگهجي ۽ نہ ئي اندازو لڳائي سگهجي.

گهُپ انڌيرن، انت اجالن جي طلسم سان حسن ۽ حيرت،

جي سنگم تي، سوين هزارين ڪاڪ محل تخليق ڪيا!

(لاٽ: 2، 36)

**ڳٽ جوڙ:** سازباز، سازش ۾ ڀاڱي ڀائيوار.

دريائن برفانيءَ دنيا جو سڀ پاڻي خالي ڪرڻ لاءِ،

سمنڊ سان ڳٽ جوڙ ڪيو!

(لاٽ: 2، 37)

**ٻوراھون:** نانگ جو قسم

اونداھن گھرن ۾ غارن ۾ ڪئين لُنڊيون، ٽڪلا،

ٻوراھون، ھڻ ڪڻ ۾ ھزارين ازدھائون!

(لاٽ: 1، 9)

**لازماني:** ڪنھن بہ وقت يا دؤر تائين محدود نہ ھجڻ.

لامڪانيءَ جي ڪانيءَ ڪان وٺي،

لازمانيءَ جي زماني ڪان وٺي.

(لاٽ: 2، 32)

**لازوال:** اھو جيڪو ڪڏھن بہ ختم ٿي نہ سگھي، امر

سدا لازوال آھي انسانيت جي عظمت جو ظھور،

اِھا آھہ بس زندگيءَ جي حڪايت!

(لاٽ: 1، 16)

**لامحدود:** جنھن جي ڪا بہ حد ۾ حساب نہ ھجي

مٽي ناھي، مٽيءَ جي ھر ذري ۾ موجود،

جنھن ۾ سڀ سنسار سمايل آھي لامحدود!

(لاٽ: 2، 16)

**لامڪاني:** جنھن جي ڪا مخصوص رھائش نہ ھجي.

لامڪانيءَ جي مڪانيءَ ڪان وٺي،

لازمانيءَ جي زماني ڪان وٺي!

(لاٽ: 2، 32)

**لاھوتي:** ھونئن تہ ھر اھو فقير جنھن لاھوت ياترا ڪئي ھجي، پر ھاڻ ھر سنت فقير کي لاھوتي چيو وڃي ٿو.

ڪوئي لاھوتي لنگھي اڳتي وڃي مقصد ڏانھن،

چال چورين جا ڏِسي ڪوئي لنوائي تہ سھي!

(لاٽ: 1، 21)

**لُپائي:** هرڪائي، ڏيکاءُ ڪري

دور ڪان دل کي لُپائي نہ اچڻ ڏئي ويجهو
ڪير آ جو لنگهي پار پوي مشڪل مان!

(لات: 1، 20)

**لڇندو رهان:** ڦٿڪندو ۽ ڪربَ ڪاٽيندو رهان

سنڌ جي سانگيئڙن، جهانگيئڙن، ماروئڙن،
جون حالتون ڏِسندو رهان، لڇندو رهان!

(لات: 2، 52)

**لرزي پيو:** ڇرڪي پيو، ڏڪي ويو، خوفزدہ ٿي ويو.

بي رحم ٿهڪي ۽ وحشتناڪ واڪن، هُوڪِرَنِ سان،
ساروئي ماحول ڪچڙي گاهہ جيان لرزي پيو!

(لات: 2، 51)

**لطيفي لات:** شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمت جن جي شاعري

ڪيئي صديون، ڪيئي سال، وقت جو شاعر اجا ڳائي پيو
زندگيءَ جي ساز تي، پنهنجي لطيفي لات کي!

(لات: 1، 17)

**لعين:** لعنتي، ڌڪاريل، دشمن

او ستم ڪيش، سِيَدَ ڪار لعين و بي ضمير!
بندءِ قارُون، پرستارِ زرو سيم، اي امير!

(لات: 1، 78)

**لقمو:** گِرَهہُ

وصل جو لقمو ڪوسو آهي وات ۾ وِجهجانءِ ڦوڪي ٺاري!

(لات: 1، 29)

**لنڊيون:** نانگ جو قِسمُ.

اونداهن گهرن ۽ غارن ۾ ڪيئي لنڊيون، ٽڪلا، ڳوراهون،
هڻ ڪڻ ۽ هزارين ازدهائون!

(لات: 1، 9)

**لنوائي:** گسائي، پوئتي ڇڏي، ڪاڻ ۽ فرض نہ ڪيڻي

ڪوئي لاهوتي اڳتي وڃي مقصد ڏانهن،
ڇال ڇورين جا ڏِسي ڪوئي لنوائي تہ سهي!

(لات: 1، 21)

**لوڀ لالچ:** غرض، مفادپرستي

لوڀ مٿي ئي اسرن ڀرن، جڳِ جا ناتا نينهن مِڙوئي!

(لات: 1، 32)

**لوڙ نہ رهندي:** ضرورت ئي نہ پوندي، ڪابہ گهرج نہ رهندي.

جنهن ۾ ڪنهن کي آئيني ۾ شڪل ڏسڻ جي لوڙ نہ رهندي!

(لات 2، 81)

**لوساٽيو:** سُڪايو، ترڙ بنايو

سيءُ سَنڌَنِ کي سُڪائي، لِڱَ ڇڏي لُوساٽيو،
پير چپ پٽر جيان جميو پَوَنِ!

(لات: 2، 53)

**لوھ و قلم:** تقدير

آدم کان پي اڳ ۾ آهيان،
لوھہ قلم جي بات بتايان!

(لات: 2، 109)

**لهو:** رت

اي غلام مال و دولت، اي اميرِ تُندَ خُو،
چور وانگي چوٽو چُوسين تون غريبن جو لهو!

(لات: 1، 78)

**ماجرا:** اصل مسئلو، اصل مراد يا مقصد

اڄوڪي رات مصيبت جي ماجرا جي رات،
اڄوڪي رات قيامت ۽ قزا جي رات!

(لات: 2، 94)

**ماحول:** آس پاس جي موجودات

عجيب قسم جي تنهائين جو هئو ماحول،
وڏو وسيع هئو ميدان، رات جو عالم!

(لاٽ: 1، 1)

**مانداڻ:** ڇهَڇَٽو موجودات، نکار

هي سڀ ڇاجي لاءِ؟ نهيل نڪيلُ مانداڻ هي سارو
ڪنهن جي لاءِ!

(لاٽ: 2، 35)

**مانجهي:** جنگي جرنيل، ٻيڙي هلائيندڙ ناکو

ساحل ناهي دُورِ، او مانجهي! ساحل ناهي دُورِ!

(لاٽ: 1، 25)

**مانند:** جيان، وانگيان.

تنهنجي سيني ۾ دلِ نامحرمِ احساسِ درد،
دل نہ پر پٿر چوان، جا برف جي مانند سرد!

(لاٽ: 1، 76)

**ماهيا:** پنجاب جي ائين لوڪ ڏُنَ جيئن سنڌ جو هو جمالو

ماهيا ويٺا ڳائن سنڌ ۾، ٻيجل جا سڀ ٻار، او يار!

(لاٽ: 2، 20)

**مائلِ ايمان:** ايمان ڏانهن رجوع ٿيڻ، ايماندار بنجڻ.

پورو هرهڪ دل سندو ارمان ٿيندو، غم نہ ڪر،
جلد ڪافر مائلِ ايمان ٿيندو، غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 69)

**مايا راڄ:** پئسي جي بادشاهي، عزت جو باعث ملڪيت

مايا راڄ جا راڪو رڪڙا،
ڌرم، ڪرم جا جهيڙا جهڳڙا.

(لاٽ: 1، 22)

**مبهم:** ڳجهو لڪل، نہ ڏسي سگهڻ جهڙو

نهايت ئي مبهم، فقط چند ليڪا!

(لاٽ: 1، 13)

**متاع و مال:** ملڪيت ۽ پنيون پارا، ڍور رڳا، گهر، جايون

۽ ڪيئي مسافر پنهنجو متاع و مالُ لٽيرن کي بخشي،

هن جهنگل جي خنزيرن جي خوراڪ بنيا!

(لاٽ: 1، 8)

**مجال:** طاقت هئڻ، وس هلڻ

مصيبت جي انهيءَ رات تي نظر رکندي،

پلا ڏئي جي مجال آهي جو پاڻ کي رکي سگهي قائم!

(لاٽ: 1، 2)

**محاذ:** مقابلي يا جنگ جي جڳهه يا جٽو

اٿو جو پنهنجي هاڻ جنگ آهي آخري،

سنڀاليو پنهنجا مورچا محاذ تي وري وري!

(لاٽ: 2، 18)

**مُحَورُ:** مرڪز جنهن ڏانهن جوابده هُجي، توازن رکڻ جو ضامن

ارين سالن کان هي سور جهنڊل آهي قائم پنهنجي توازن سان،

ايامن کان ڌرتي پنهنجي محور تي هردم گردش ۾ آهي.

(لاٽ: 2، 35)

**محذون:** پوڳيندڙ، غمگين، مفهوم، رنجيده، دلگير، ملول.

ويو مري شمشير محذون مرض ۾،

سو چڱو جنت مڪاني ڪيم پڇ!

(لاٽ: 1، 68)

**محفلِ خاموش:** محفل ۾ خاموشيءَ وارو عالم يا صورتحال

بلبل و نغمئہ بهارن سان چمن گونجي وجي،

محفلِ خاموش اڄ بزمِ طرب بنجي وجي!

(لاٽ: 1، 72)

**محفلِ رقص و سرور:** راڳ ۽ ناچ جي محفل، مُجِرو.

هر نفس شادان و خندان، هر نفس مستِ بهار،
محفلِ رقص و سرود و عالمِ ڪيف و خمُار!

(لاٽ: 1، 72)

**محو نظارا:** نظارن ۾ ڪوئجي وڃڻ، نظارن کان بيحد متاثر

محو نظارا ٿي رهجي وئي نگاهِ ڪائنات،
ذري ذري ۾ وري پيدا ٿيو عزمِ حيات!

(لاٽ: 1، 69)

**مخلص:** خلوص وارو، مهربان، دوست، گهڻ گهرو

عمر جي معصوم، مخلص مرحلن ۾،
زندگيءَ جي راهہ تي همسفر هڪڙو هليو هو.

(لاٽ: 2، 83)

**مدفون:** دفن ٿيل، پوريل، لُتلُ

قبرن ۾ مدفون محبت، عظمت واريون ڪيئي ڪهاڻيون،
گذريل گهڙين جي راهن تان گذري ويندي پانڌيئڙن جون،
ڪيئي نيشانيون جهور پُراڻيون!

(لاٽ: 2، 39)

**مدامي مرڪ:** اها مرڪ يا خوشي جيڪا دائمي هجي.

بدخشاني لال جهڙن، لال چپڙن جي،
مدامي مرڪ سان مون کي ڪج تون الوداع!

(لاٽ: 2، 43)

**مرده:** مصيبت زنده، غمگين، مرڻينگ.

مرده اي دل! عيش جو سامان ٿيندو، غم نہ ڪر!
درد ئي خود درد جو درمان ٿيندو، غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 69)

**مذاق:** يوڳ، چرچا، پنهنجائپ وارا گفتا، ٽوڪو.

مان ڏِسان پيو ۽ سهان پيو هن جا سپ انگل، مزاق!

(لاٽ: 2، 45)

**مرتبو:** مان مرجات، معيار، حيثيت، دفعو پيرو

بس اٿم دل ۾ جو سو هڪ مرتبو چوندس ضرور،

هڪ دفعو ٽوڙي ئي رهندس تنهنجي دنيا جو غرور!

(لاٽ: 1، 76)

**مرحلا:** پيرا، حادثا، ڏکيائون، مصيبتون

ڏئي جي لاٽ وسائجي وئي ته پوءِ ڇا رهند؟

اجا ته ڪيئي محبت جا مرحلا ايندا!

(لاٽ: 1، 2)

**مرحبا:** آجيان، ڀَليڪار.

مان ازل جي انتها، تون ابد جي انتها،

اي سندم امير جا بُراق صد صد مرحبا!

(لاٽ: 2، 32)

**مرگِ ناگهاني:** اوچتو موت ٿي وڃڻ

چشمِ تر جي خونفشاني ڪيم پڇ،

دل جو مرگِ نگهاني، ڪيم پڇ!

(لاٽ: 1، 67)

**مرڪز:** بنياد، مکيه ۽ مکيه جڳهه، وڏي ۾ وڏي اهميت جو هنڌ

هڪ دفعو انسانيت ايندي وري مرڪز مٿي،

هڪ دفعو انسان وري انسان ٿيندو، غم نه ڪر!

(لاٽ: 1، 69)

**مزارون:** قبرون، مُدَفَنُ

هي گمراهن جون هزارين مزارون!

(لاٽ: 1، 5)

**مزگانِ چشمِ تر:** نيڻن جا لڙڪن ھاڻا پنبڻ.

ھڪ طرف بي خنده پيھم، مذاق ۾ دل- لڳي،
ٻئي طرف مزگانِ چشم تر ۾ اشڪن جي نمي!

(لاٽ: 1، 77)

**مستور:** پيوست ٿيل، جذب ٿيل، تحليل، حل ٿيل، لڪل

نرالن نظارن جي تخليق جا ڪارناما،
اوھان جي جھان ساز نظارن ۾ مستور آھن.

(لاٽ: 1، 6)

**مستِ بھار:** بھار تي مست ٿيل

ھر نفس شادان و خندان، ھر نفس مستِ بَھارُ!
محفلِ رقص و سرود و عالمِ ڪيف و خمارُ!

(لاٽ: 1، 72)

**مسرور:** سرور وارو، خوشيءَ ۾، پرسڪون

نھايت ئي مسرور آھن نگاھون!

(لاٽ: 1، 4)

**مسرت:** خوشي

مسرت جي منزل جي تاريخ بيحد پراڻي پراڻي
ازل کان ابد جي مسلسل ڪھاڻي!

(لاٽ: 1، 5)

**مسخر:** قبضي ھيٺ، ضابطي ھيٺ، تسخير مان ورتل

محبتن جا اھي مرد پھلوان ھوندا،
ڪندا ھوا کي مسخر ۽ رات کي برھم!

(لاٽ: 1، 3)

**مسڪرايو:** مرڪيو، کليو، خوشيءَ جو اظھار ڪيائين.

ڏسي گل جي حالت اکين لڙڪ لاڙيا،
ڪليءَ مسڪرايو تہ آرام آيو!

(لاٽ: 1، 38)

**مسڪن:** رهڻ جو هنڌ

اج رات اچانڪ پئجي وئي ان دشتِ مصائب ۾ پهچي،
جو دشتِ مصائب ٻڌجي ٿو بي رحم درندن جو مسڪن!

(لاٽ: 1، 8)

**مسلسل:** لڳاتار، مرحليوار، ساندهه

مسرت جي منزل جي تاريخ بيحد پراڻي
ازل کان ابد جي مسلسل ڪهاڻي!

(لاٽ: 1، 5)

**مشتاق:** دلداده، چاڻو، ماهيت معلوم هئڻ، چاهنا

مان ٻڌان پيو ڪو وڏو مشاق فطرت جو مغني
اڻ لکن ملڪوتي سازن جي انوکيءَ لئي تي.
پُرِ اسرار آفاقي سرن ۾ ڳائي پيو ڪو ابدي نغمو!

(لاٽ: 2، 49)

**مشڪوڪ:** شڪ ۾ متبلا، اهو جنهن جو ڳالهه ۾ اعتبار نه بيهي

نهايت ئي مشڪوڪ آهن نظارا،
تصور جي تخليق جا ڪارناما!

(لاٽ: 1، 4)

**مصروف:** ڪم ۾ جُنبيل، جنهن کي واندڪائي نه هجي

شاعرن جو شهنشاهه مصروف هو،
پنهنجي نغمن ۾ پريائين پئي اثرا!

(لاٽ: 1، 16)

**مصروفِ تبسم:** مرڪڻ ۾ رُڌَلُ

سفيد صاف لباس ۾ هردم مصروف تبسم ۽ رقصان!

(لاٽ: 1، 10)

**مصروفِ نظر:** مسلسل ڏسندو رهڻ.

تون سجوئي وقت ٿي سامهون رهين،
مان سجوئي وقت مصروفِ نظر.

(لاٽ: 2، 79)

**مصريءَ ٽڙ:** مصريءَ جي سنگ جو ذرو

ڳالهيون هن جون کنڊ پتاشا ماٺ بہ مصريءَ ٽڙُ،
ٺهڪ ائين جيئن گهنگهرو گونجن مرڪ تہ وِڄُ ۔ وَڪڙُ!

(لاٽ: 2، 80)

**مصور:** تصويرون جوڙيندڙ، آرٽسٽ، فنڪار

مصور جي دستِ هنر جو ڪرشمو؟
اهو منهنجو خونِ جگر ئي تہ آهي!

(لاٽ: 1، 13)

**معدوم:** غير موجود، ختم ٿيل، نابود ڪيل، ميساريل، مٽائي ڇڏيل

گلستان ۾ رسمِ دلداري اڃا معدوم آهي،
ذرو ذرو ڪيفِ اطمينان کان محروم آهي.

(لاٽ: 1، 75)

**معيار:** حيثيت، مانُ، قدر، سطح

اوهان جي صفا صاف فڪرو عمل ۾، حياتيءَ جي،
فنڪارين جا هزارين ئي شهڪار معيار معدوم آهي.

(لاٽ: 1، 6)

**معين:** تعين مان نهيل يعني طئہ ٿيل، مقرر ڪيل

نا ڪوئي منزل معين، ناڪوئي رختہِ سفر!

(لاٽ: 2، 122)

**مغلوب:** اهو جنهن تي ٻيو ڪو حاوي ٿي وڃي، جنهن کي قبضي ۾ ڪري سگهجي.

سي ڇا ٻڏندا جي توڪل جي ٽُرهي تي چڙهيا،
ڇا عجب ٿي مغلوب طوفان ويو مون کان!

(لاٽ: 1، 66)

**مفلس:** افلاس ۾ غريبيءَ جو شڪار ٿيل، بي پهچ

دل جي خاطر دم ڏئي ويو،
مفلس جي قرباني، توبهہ!

(لاٽ: 1، 37)

**مفهوم:** معنيٰ، مطلب، مقصد، ڄاڻ، فهم

چا اهو انصاف جو مفهوم آهي تو اڳيان؟
ڪو رهي خوش، ڪو ٿئي بيزار پنهنجو پاڻ ڪان؟!

(لاٽ: 1، 77)

**مڪانيت:** رهائش اختيار ڪرڻ، گهر اڏڻ

وقت بي حرڪت سراسر بي وجود
لازمانيءَ ۾، مڪانيت جو حسنِ اتفاق!

(لاٽ: 2، 74)

**مڪار هاريُنِ:** ڏوڪيبازءِ فريبي شڪاريُن.

وڇڙي ويل پنهنجي ولر ڪان مڪار مارين بي قصور،
ماري اڪيلي ڪينجهر جي ڪونج آهي!

(لاٽ: 2، 62)

**مڪڙو گهوڙهو:** اهو گهوڙو جنهن جو رنگ هلڪو ڪارو هوندو آهي.

ڪنهن ٽاٽي آهي اڇڻو آسماني مڪڙو گهوڙو،
جيڪو ڪنهن مهلت بنا ٽيندو فرار!

(لاٽ: 2، 43)

**مڪڙين جي مالها:** مڪڙين جو هار، گلِيُنِ جي تسبيھ

تاج، پاٽيءَ جهڙن بي داغ گلڙن جو پهري،
۽ گردن ۾ مڪڙين جي مالها وجهي!

(لاٽ: 2، 103)

**ملحد:** الحاد يعني لادين مان نهيل، لامذهب، مذهب ڪان عاري.

اصلئون اناالحق الايان، ناھ نڳيءَ جا ڏاهيان ڏاهيان.
ملحد آهيان!

(لاٽ: 2، 109)

**ملڪوتي ساز:** اهو ساز جنهن تي ملائڪ گويا ڳائيندا آهن.

اڄ لکن فلڪوتي سازن جي انوکيءَ لئي ۾،
پراسرار آفاقي سرن ۾ ڳائي پيو ڪو ابدي نغمو!

(لاٽ: 2، 49)

**ملڪ مِڙوئي ميدان ٿي وڃڻ:** سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو.

ملڪ مڙوئي ميدان ٿي ويندو، ڪنبندي پوءِ ڪتار، او يار!

(لاٽ: 2، 21)

**منزل:** ٺڪاڻو رهائش، نشانو

يقين آهي تہ پنيان ايندا اچڻ وارا،
اچي هتي ئي ڪندا پنهنجي وقت جي منزل.

(لاٽ: 1، 2)

**منزل نما:** منزل جهڙا، منزل سان مشابهت رکندڙ.

هو منزل نما سائبانن جا کنڊر هرهڪ راهرو،
قافلي جي نيشاني، شڪستہ ۽ ويران.

(لاٽ: 1، 5)

**منظرِ وحشت:** وحشي پڻي جو اظهار

منظر وحشت اٿر هو منهنجي نظرن جي اڳيان،
چيخُ نڪري وئي زبان مان منهنجي جنهن جي ديد کان!

(لاٽ: 1، 73)

**منوج انقلاب:** انقلاب يا تبديليءَ جي اٿل، انقلاب يا تبديليءَ لاءِ سازگار ماحول

وقت جي رفتار کان وڌ سمجهہ منوج انقلاب
قبلِ محشر، حشر جو سامان ٿيندو، غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 69)

**مئخانئہِ جهانُ:** دنيا ۾ موج ۽ مستيءَ وارو دؤر

مئخانئہِ جهان ۾ لُٽائي شرابِ زيست،
اي دوست! زندگيءَ جي بهارن جي ڳالهہ ڪر!

(لاٽ: 1، 61)

**مهمانخانو:** اوطاق، مهمانن ڪي رهائڻ جي جاءِ

آهہ هڪ مهمان خانو هيءُ جهان،
هن جي رسمِ ميهماني ڪيم پڇ!

(لاٽ: 1، 67)

**مهرو محبت جي زندگي:** اها زندگي جنهن جي پاران مهر ۽ محبتون ملنديون هجن.

آئيءَ جي راس مهرو محبت جي زندگي،
ڇا ٿي پيو تون چنڊ، ستارن جي ڳالهہ ڪر!

(لاٽ: 1، 61)

**ممڪن:** ٿي سگهڻ جهڙو

مگر جيون جي بستيءَ ۾ ڇا نہ هو ممڪن،
هوا جي هنج ۾ شعلن جي پرورش ڇاهي؟

(لاٽ: 1، 2)

**مندمل:** زخم ختم، زخم پورو، شفاياب، زخم ڀرجڻ وارو

ناسور جدائيءَ جو مندمل تہ ڪڏهن ٿيندو،
هي يارَ ملي ڪنهن جي الفت جي سزا مون ڪي!

(لاٽ: 1، 64)

**منصف:** انصاف جو صاحب، انصاف ڪرڻ وارو

اڇي ٻڏائي منصفن اڳيان، ضرور بالضرور
فيصلو ضمير جو!

(لاٽ: 2، 63)

**منهن ميل ٽيڻ:** فقط هڪ ٻئي جو منهن ئي ڏسي سگهڻ ۽ بس.

بس رڳو منهن ميلُ ٽيو محبوب سان هڪ منٽ جو
چا ٽيو، چا چا نہ ٽيو پر چا تہ چا چا ٽي وئي!

(لاٽ: 2، 20)

**موج بهار:** بهار جي مستي، خوشي

ڪين پلجي رخ ڪيو تن ڏانهن ڪڏهين موجِ بهار،
ٻوليون بلبل نہ ٻوليون ۽ نہ ڪوئل ڪئي پوڪار!

(لاٽ: 1، 73)

**موج سرور:** مذي واري صورتحال زور شور سان موجود

ٿي وَئي ٿي پار هر هڪ دل مان هڪ موجِ سرور،
ٿي نظر آئي جهانِ دل جي وسعت دور دور!

(لاٽ: 1، 73)

**مورچو:** سامهون وڙهندر جي نشاني بنجڻ کان محفوظ رکڻ لاءِ ٺهيل کوٺي

اڄو جو هاڻ هيءَ پنهنجي جنگ آهي آخري،
سنڀاليو پنهنجا مورچا محاذ تي وري وري!

(لاٽ: 2، 18)

**موسمِ گل:** بهار، بسنت، سازگار موسم.

سج رهي موجود، دؤرِ ماهتابي قائم رهي،
موسمِ گل ۾ چَمن اندر خزان باقي رهي!

(لاٽ: 1، 74)

**موهڻ:** متاثر ڪرڻ، گهوماڻ، عاشق بنائي ڇڏڻ

مال موهي نہ سگهيو، ڪاڪ کان جهلجي نہ سگهيا،
ڇال ڇورين جا لنگهي ڪاپڙي وڏندا ئي رهيا!

(لاٽ: 1، 21)

**موهوم:** ڳجهارت بنيلُ، معمون بنيل، سمجهہ ۾ نہ ايندڙ

پوءِ بہ هڪ موهوم، اڻ ڄاتل لگن ڇڪي وٺي وڃي رهي آهي!

(لاٽ: 2، 122)

**مهلت:** وِٿي، ٿوريءَ گهڙيءَ جي رعايت، جهٽ پلڪ ترس جي اجازت

ڪنهن ٽاٽي آهي اڇٽو اهو آسماني مڪڙو گهوڙو،
جيڪو ڪنهن مهلتِ بنا ٿيندو فرار!

(لاٽ: 2، 43)

**مينڌرا:** مومل واري راڻي همير لاءِ ڪم ايندڙ لفظ

ها! مگر مينڌرا منزل ڪي پسي ئي رهندا!
جا دو ننگريءَ جا طلسمات ٽٽي ئي رهندا!

(لاٽ: 1، 21)

**ميهماني:** مهمان نواز، مهمان سان ورتاءُ

آهہ هڪ مهمان خانو هيءُ جهان،
هن جي رسمِ ميهماني ڪيم پڇ!

(لاٽ: 1، 67)

**نا آشنائي زندگي:** زندگيءَ کان اڻ واقف

ڪين آئي ٿي ڪڏهن تن ڏانهن بهارِ تازگي
مدتن کان جي رهيا ناآشنائہ زندگي!

(لاٽ: 1، 73)

**ناتواني:** مسڪيني، بيوسي، ناداري

هڪ طرف رخسار و لب تي سرخئِ حسن وشباب
ٻئي طرف ٿيو زرد چهرو، ناتوانيءَ جو عذاب.

(لاٽ: 1، 28)

**ناپيد:** گم نایاب، ملي سگهڻ کان ڏکيو، سمجهہ کان چڙهيل

سهڻي پياري صورت ڪا تخليق نہ ڪج، ۽ جي نرمل نازڪ،
ماڻهون ڌرتيءَ تي رهن پيا، سڀ جا سڀ ناپيد ڪري ڇڏ!

(لاٽ: 2، 81)

**ناد:** ڍور جي سڱ مان نهيل سُرندو يا ٽُوتارو، جيڪو صبح ۽ شام وقت وڄائي فقير خيرات گهرندا آهن.

هر پاسي گهنگهور گهٽائون رلمل راند رچائن،
سرهائيءَ جو، واڌائيءَ جو پل پل ناد وڄائڻ!

(لاٽ: 2، 89)

**نادان:** بي سمجهه، بي عقل، ڪم فهم،

ذهنِ عالم کي اچا پتڪڻ تہ ڏي اي همنوا!
خود پشيمان پاڻ تي نادان ٿيندو، غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 70)

**نادر:** منفرد، بي مثال، جنهن جهڙو ٻيو ڪو ملي نہ سگهي.

پوءِ آئون پيار جي ناياب جِنسُن جي بدل، سونهن جون ڪامياب
۽ نادر وَٿون ڏوريندو ۽ سوديندو رهيس!

(لاٽ: 2، 44)

**نازل ٿيڻ:** خدا طرفان نبين سڳورن تي جيڪي آيتون ۽ پيغام آيا، انهن کي خدا تعاليٰ طرفان نازل ٿيندڙ چيو ويندو آهي.

اڄ وري ڪجهہ دلبريون حاصل ٿيون،
اڄ وري ڪجهہ آيتون نازل ٿيون!

(لاٽ: 1، 19)

**ناسور:** پراڻو ڦَٽُ، اهو ڦٽ جيڪو دوائن سان بہ نہ ڇٽي

ناسور جدائيءَ جو مندمل نہ ڪڏهين ٿيندو،
هيءَ آهہ ملي ڪنهن جي الفت جي سزا مون کي!

(لاٽ: 1، 63)

**ناصح:** نصيحت ڪندڙ، دڳ لڳائيندڙ، واعظ، مولوي، پاڪدامن..

خيال توبهہ جو مون کي بہ آهي ناصح،
ڪرڻ ڏي مون کي گناهہ بيشمار اڃا!

(لاٽ: 1، 58)

**ناڪام:** بيڪار، جيڪو ڪنهن بہ ڪم جو نہ هجي

مون سمجهي حڪايت گل و باغبان جي،
نظامِ گلستان ئي ناڪام آيو.

(لاٽ: 1، 38)

**نالئِ مظلوم:** مظلوم جي آھہ و پوڪار، مظلوم جي پست حالي مان نڪرندڙ آھہ

نالئِ مظلوم ڪنھن ڏينھن رنگ آڻيندا ضرور،
خونِ شھدا ڪين ٿيندو رائگان، غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 89)

**نامراد:** جنھن جي ڪابہ خواھش ڪڏھن بر ثواب نہ ٿي سگھي ھجي.

عشق ٿي ويو زندگيءَ پر نامراد،
حسن جي ھيءَ ڪامراني ڪيم پڇ!

(لاٽ: 1، 67)

**نامِورُ:** نالو ڪيدائيندڙ، مشھور چڱن لفظن سان ياد رکڻ جھڙو يا جھڙي

سموري جڳ ۾ نامور، پنھنجي تر جو تاجِوَرُ،
دردمند عوام جي ۽ امن جي پيامبر.

(لاٽ: 2، 63)

**نانِ شبينہ:** رات جي لاءِ ھڪ روٽي،

ھڪ طرف ٿيون ذياده خوريءَ کان اچن اوباسيون،
ٻئي طرف نانِ شبينہ لئہ سوين دشِواريون!

(لاٽ: 1، 78)

**ناياب:** اڻ لڀ، ڳولئي بہ نہ لڀڻ وارو

پوءِ مان پيار جي ناياب جنسن جي بدل سونھن جون ڪمياب،
۽ ناد وٺون ڏوريندو ۽ سوديندو رھيس.

(لاٽ: 2، 44)

**نرتڪي:** ناچڻي

مان تہ آھيان منھين جي دڙي جي اھا نرتڪي، جنھن سوين بار ھن 'سک ننگر' جي ديپل کنڊرن مٿان ڳوٺ ٿھندي ڏٺا، ڳوٺ ٻھندي ڏٺا!

(لاٽ: 2، 88)

**نرمل نازڪ:** چٽو ۽ نفيس

مگر ياد رک! تہ جوڀن جياريل، بهارن جو بخشيل،
هي تنهنجو سريلو ۽ شفاف، نرمل ۽ نازڪ گلابي بندن!

(لاٽ: 1، 23)

**نذرِ انقلاب:** انقلاب لاءِ ڏنل قرباني، تبديليءَ جي مهم جو ڪاج ٿي وڃڻ.

ويو خرمنِ حيات ٿي نذرِ انقلاب،
تون ئي ٻڌاءِ مست بهارن ڪي ڇا ڪجي!؟

(لاٽ: 1، 60)

**نذع:** سڪرات

هي نذع جي عالم ۾ بي تابئِ دل جي ڪان،
ڪنهن ياد ڪيو مون ڪي، ڪو ڏئي ٿو دعا مون ڪي.

(لاٽ: 1، 64)

**نظر رکڻ:** خيال ڪرڻ، سنڀال ڪرڻ، ڌيان ڏرڻ

مصيبت جي انهيءَ رات ڪي نظر ۾ رکندي،
ڀلا ڏئي جي مجال آهي جو رهي قائم!

(لاٽ: 1،1)

**نظمِ گلستان:** ملڪ جو يا مملڪت جو يا حڪومت جو يا ڪنهن باغ جي سارسنڀال جو نظام.

هڪ طرف عيشِ ٻهاران، ٻئي طرف جو خزان،
ڪهڙو هي انصاف آهي ڪهڙو نظمِ گلستان؟

(لاٽ: 1، 19)

**نظمِ گلشن:** باغ جي سنڀال سرڙي جو انتظام

نظمِ گلشن جي سراسر ٿي وڃي تجديد اڄ،
جيئن دلِ هر ذره ۾ قائم ٿئي بزمِ عيد اڄ!

(لاٽ: 1، 72)

**نظامِ انجمن:** محفل جا طور طريقا، باغ ۾ يا ملڪ ۾ رهندڙن جا ڪم ڪار هلائڻ لاءِ ڪيل بندوبست.

سوچيم ڇا نند ۾ آهن سيئي اهلِ چمن،
درهم و برهم ويو ٿي جو نظامِ انجمن!

(لاٽ: 1، 79)

**نظامِ گلستان:** ملڪ جو انتظام، باغ جي سارسنڀال لهڻ لاءِ تعين ڪيل انتظاميه

مون سمجهي حڪايت گل و باغبان جي،
نظامِ گلستان ئي ناڪام آيو!

(لاٽ: 1، 38)

**نغمئِ بهاران:** بهارن جو راڳ يا آلاپ يا مزيداري

بلبلو! نغمئِ بهاران سان چمن گونجي اُٿي،
محفلِ خاموش اڄ بزمِ طرب بنجي وڃي!

(لاٽ: 1، 71)

**نغمه سرائي:** راڳ رنگ جي محفل سجائڻ، شعر و شاعري ڪرڻ، موسيقي ڇيڙڻ

مشهور سندم نغمه سرائي آهي،
هر حرف ۾ تدبير سمائي آهي!

(لاٽ: 1، 54)

**نقش انقلاب:** تبديليءَ جو خاڪو

پُشتِ هستيءَ تي نمايان آهه نقشِ انقلاب،
سمجهه اي شمشير آهي سخت قدرتُ جو ڪتاب!

(لاٽ: 1، 87)

**نقشِ وفا:** وفاداريءَ جو مجسمو يا چِٽُ

هي ڪنهن جو نقشِ وفا آهي، جاذبِ فطرت،
جُهڪي ٿو جنهن تي اي شمشير روزگار اڄا.

(لاٽ: 1، 59)

**نقشِ ڪفِ پا:** پير جي پَبَ جو نيشان، پير جي چنبي جو نشان

اي حضرِ محبت! مان پاڻ وڃي هن ڪي لهندس،
ڏيکار فقط هن جو نقشِ ڪفِ پا مون ڪي!

(لاٽ: 1، 64)

**نڪيتر:** نڪٽ، تارن جا جهرمٽ جيئن ٽيڙو ڪتي وغيره

تارا، ڪتيون، چنڊ، نڪيتر هر هر پائن فال،
پيا ڳَ پلارو جاٽي پنهنجو ڳائن جُهولي لال!

(لاٽ: 2، 89)

**نگار:** زيبائش، نڪار، نگارش

اي دوست! منهنجي تشنگي ۾ ديد ڪي تہ ڏس،
دامنِ ڪشي نگاهہ نگارن جي ڳالهہ ڪر!

(لاٽ: 1، 61)

**نگاهِ ڪائنات:** دنيا جون نظرون، ڪائنات جي بينائي.

محوِ نظارن ٿي رهجي وئي نگاهِ ڪائنات،
ذري ذري ۾ وري پيدا ٿيو عزمِ حيات!

(لاٽ: 1، 72)

**نمايان:** چِٽو، پڌرو، ظاهر، يقين، وارو مدار رکندڙ

پشتہِ هستيءَ تي نمايان آهہ نقشِ انقلاب،
سمجهہ اي شمشير آهي سخت قدرت جو عتاب.

(لاٽ: 1، 61)

**نمي:** پوسلو آلاڻ، پَڳَلُ،

هڪ طرف بي خنده پيهم مذاق ۾ دل لڳي،
ٻئي طرف مزگانِ چشم تر ۾ اشڪن جي نمي!

(لاٽ: 1، 77)

**نوبت:** صورتحال، پيھر پيرو ڪرڻ.

مسرت جي منزل جا راهي جوانو!
پوڪاري پئي وقت جي عام نوبت.

(لاٽ: 1، 6)

**نور نچوئڻ:** نرت ڏيڻ، اوجاڳا ڪري ڪم ڪرڻ.

هتي تہ نُورُ نچوئي پيو ڪو نيٽن مان،
گھڙيءَ گھڙيءَ پيو اهو اوکي ڏئي امرت ئي.

(لاٽ: 1، 3)

نو ميندي: نااميدي، بيوسي، بي آسرائي

ڪن کي نوميندي ڪيڏي ڏند پئي ڏيکاري،
ڪن کي ڏائڻ جيان ڏڪائي ٿو پيو موت، الا!

(لاٽ: 1، 20)

**نويد:** خوش خبري، مبارڪ

اج ڪٺي بادِ نسيم آئي نويد جانفزا،
هوشيار اي گلستان وارو بھار آئي اجھا!

(لاٽ: 1، 71)

**نويلي:** نئين نڪور، نوجوان، اَڇُتي، ڪنواري

ڌرتيءَ جو فرزند ڪري پيو نئين نويلي ڌرتيءَ ڏانھن هجرت جي تياري،
جنهن جي ڪنواريءَ مٽيءَ اندر سانديل هونديون ڪيئن ڪروڙين سالن جو سوغاتون!

(لاٽ: 2، 38)

**نهان ٿيڻ:** ظاهر ٿيڻ، پروڙ پوڻ، معلوم ٿيڻ، منظر تي اچڻ.

خامشيءَ ۾ ٿي نهان طرزِ ادائي، جاني!
سازِ دل چاهي ٿو اج نغمہ سرائي، جاني!

(لاٽ: 1، 60)

**نياري:** انوکي، منفرد، لاثاني، بي مثل

ايڏي نياري، جنهن کي ڏسندي،
دل ۾ دردن دودُ دکيا ٿي!

(لات: 2، 80)

**نيازو شوق:** هيڻاهين ۽ چاهہُ

نياز عشق ۾، شوقِ طلب ۾ آهي گمي،
نيازُ و شوق سان اي دل ذرا پوڪار اچا.

(لات: 1، 58)

**نيازِ عشق:** عشق جي نيازمندي ڪرڻ.

نيازِ عشق ۾، شوقِ طلب ۾ آهي گمِي،
نياز و شوق سان اي دل ذرا پوڪار اچا!

(لات: 1، 58)

**نيچ نوائڻ:** هيٺ ڪيرائڻ، ذليل ڪرڻ، پست حال بنائڻ، پيڇڙو ڪرڻ.

دنيا ان کي نيچ نوائي،
جيڪو خودئي ڪنڌ جُهڪائي!

(لات: 1، 24)

**نيرانيون نگاهون:** اهي نظرون جن اک پٽڻ کان پوءِ اچا ڪجهہ بہ نہ ڏٺو هجي، نِڪور هجن

جنهن جي هر قطري ۾ نيرا نيڻ نِگاهن جو خمار!

(لات: 2، 43)

**نير وهائڻ:** زارو قطار روئڻ، روج رارو ڪرڻ

ڇا لئہ نيڻين نير وهائين؟
جيءُ جُسو ۽ جوت گنوائين!

(لات: 1، 29)

**نيل گگن:** نيري رنگ سان آسمان

کايا ڇايا مست مگن ٿي ڇم ڇم ڦيريون پائي،
نيل گگن جو هرڪو ڀاتي خوش ٿي جهومي ڳائي!

(لاٽ: 2، 89)

**وابستگي:** لڳاءُ، ڳانڍاپو، اپنا

هڪ طرف شب و روز آهي زيست سان وابستگي،
ٻئي طرف دست و گريبان راز موتِ زندگي.

(لاٽ: 1، 77)

**واديءِ پرخار:** ڪنڊن سان ڀريل بستي، تڪليفن وارو علائقو.

واديءِ پُرِخار سمجهيم گلستان،
اف! فريبِ دارِ فانيِ ڪيم پچ!

(لاٽ: 1، 62)

**واڌائيءَ جو:** خوشيءَ جي خبر،

هر پاسي گهنگهور گهٽائون، رلمل راند رچائن،
سرهائيءَ جو، واڌائيءَ جو پل پل ناد وڄائن!

(لاٽ: 2، 89)

**وارا نيارا:** ڀاڳ زور

گهٽي زماني، ٿي ڳٽي جڏهان سچ سدا سوڀاراها،
اُوندي ڏاڍي هلندي پڄندي، اُونڌا وارا نياراها!

(لاٽ: 2، 99)

**وارتا:** سور جي ڪٿا، درد جي داستان، راتاهيءَ جو احوال، صورتحال

اِها وارتا ڪو تہ مون کان پُڇي،
ڪير آيا ويا ڪنهن ڏني ڇُوڙِڙي!

(لاٽ: 2، 87)

**وارد ٿيڻ:** منزل تي رسڻ، پهچي وڃڻ، آمهون سامهون ٿيڻ

جڏهن وقت وارد ٿئي هو مڪڙو گهوڙو هوا!

(لاٽ: 2، 43)

**واري چڏڻ:** منهنئو لاهي چڏڻ، يادن مان وساري چڏڻ، موٽائي چڏڻ، سنگت مان ڪاٽا ڪري چڏڻ، قبضو ڪري چڏڻ.

هي آب اڪين جو آب آهي، اڪين ۾ واري چڏيو ته وه واهه!

(لاٽ: 1، 41)

**واعدءِ فردا:** آئيندي جو انجام، مستقبل جو آسرو.

هر هر ٽئي ٿو واعدءِ فردا تي اعتبار،
تنهنجي نظر جي مست اشارن ڪي چا ڪجي!

(لاٽ: 1، 60)

**واعظ:** ملان، بانگو، اصلاحي تقرون ڪندڙ ۽ سمجهاڻيون ڏيندڙ

ساغر تائين جُهڪندي ويئي، واعظ جي پيشاني، توبهه!

(لاٽ: 1، 37)

**وٽ:** ڪنارو، هَندُ جاءِ ڪپهه جي نهيل ڳني جيڪا تيل پيل ڏئي ۾ ٻَرندي آهي.

وري وري وٽ کي پيو مٿي مٿي سوري
جُهڪي جُهڪي پيو دامن بنائي سايه گِرا!

(لاٽ: 1، 2)

**وٿون:** شيون، وَڙَ قيمتي وکر

پوءِ آءٌ پيار جي ناياب جنسُن بدلي سونهن جون ڪامياب ۽ نادر وٿون
ڏوريندو ۽ سوديندو رهيس!

(لاٽ: 2، 44)

**وحشت:** درندگي، جنونيت، ظلم

هوا جو هانءُ ٿي ڦاٽو ڪي واڪا،
رکي رکي وري ٿي بجلين کي وحشت ٿي!

(لاٽ: 1، 1)

**ورثو:** ابن ڏاڏن کان نسل در نسل مليل رجحان ۽ رويا

زندگي تقدير جو تحفو سهي،
موت آدمزاد جو ورثو سهي!

(لاٽ: 2، 61)

**ورڪا:** قرباني، عقيدت جو اظهار، سهڻيون يا قيمتي شيون گهورڻ.

مٿيءَ تي موتين جي ورڪا، نيڻن جي ناداني، توبهہ!

(لاٽ: 1، 37)

**ورڪائي:** گهوري، ڇَٽي، قربان ڪَئي

جن سان جل پرين جون ٿوليون ڀري ڀري سڀ پنهنجون جهوليون

ويون ڪناري تي ورڪائي، سورج داتا ڪي شرمائي!

(لاٽ: 2، 75)

**وڙن ۾:** وکرن ۾، احساسن ۾.

سونهن جي سيني وڙن ۾ تون تہ مالامال آهين،

جي ڏنم تن ۾ نہ هُئي، تنهنجي پائي جي امير!

(لاٽ: 2، 47)

**وڙولڻ:** ڳولا ڪرڻ، ڀُڃَ ڳُڇَ، ڏس پتو وٺڻ.

پولارن ۾ پيهي هن زمان ۽ مڪانَ جا ڀيد پروڙيا،

اشرف المخلوقات انهيءَ اڙٻنگهہ وڙوليا دنگ سپيئي!

(لاٽ: 2، 36)

**وسيع:** ڪشادو، تمام ڦهليل، ڊگهو/ ڊگهي، بي انت

عجيب قسم جي تنهائين جو هو ماحول،

وڏو وسيع هو ميدان، رات جو عالم!

(لاٽ: 1، 1)

**وڪر:** هونئن تہ پسارڪي دوڪان جي سُتين ڪي وڪر چئبو آهي جيڪي قيمتي هئڻ سان گڏوگڏ انساني صحت لاءِ پڻ ڪارائتا هوندا آهن. پر هتي سونهن جي انگن کي وڪر ڪوٺيو ويو آهي.

تيستائين آءُ تنهنجي لاءِ ڪريان قنديل ڪافوريءَ کي روشن جيئن،

ڏسان تہ سونهن جا ڪهڙا وڪر آندا اٿئي!

(لاٽ: 2، 43)

**وکر و وکر:** معمول کان مختلف، انوکو پنھنجي سجاڻ پاڻ.

مان جڏھن ڳچ سال اڳ پيار جي وکري وکر جون خوب خُرِزينو پري،
ڏورڪان آيس عدم ننگريءَ ولايت مان ھتي!

(لاٽ: 2، 44)

**وٽراھہ:** اھو رستو جيڪو وٽن سان چانيل ھجي.

بس ائين ئي بي خبر وقت جي وٽراھہ تي ٿھڪ ڏيندا، کيڏندا، کلندا ڪڏھن پوپٽ ۽ پنيوريون جھليندا يا وري رنگبرنگي گل پٽيندا، جھوليون پريندا ٽي وياسي!

(لاٽ: 2، 84)

**وَھَلُورُ:** پريشان، بيوس، ھيٺا.

لھرون، لوڏا، تک، ترايون، ويندا ٿي وھلورا!

(لاٽ: 1، 25)

**وھنوار:** ڏيتي ليتي، ڏنڏو ڏاڙي، عمل جي ميدان ۾ نمايان ڪردار ادا ڪرڻ.

فطرت جو شاگرد اھو انسان وڏو وھنواري ھوا!

(لاٽ: 2، 36)

**وڄ وڪڙ:** ڪنوٽين جيان ورن وڪڙن ۾ روشني ڏيندڙ.

ڳالھيون ھن جون کنڊُ پتاشا، ماٺ بہ مصريءَ ٽَڙُ،
ٿھڪ اِئين جيئن گھنگھرو گونجن، مرڪ تہ وِڄُ وَڪَڙَ!

(لاٽ: 2، 80)

**ورچي:** ماٺ ڪري، بس ڪري، پاسائتيون ٿي ويٺل

اکيون جي چُست ھيون زندگيءَ جي چرپر ۾،
ڪشادي روڊ جي ھر پاسي تي پئي ڦِريون ڪمال ڦُڙتيءَ سان،
پر چڙي، ورچي ۽ مايوس ٿي مُڙيون پُٺِتي!

(لاٽ: 2، 90)

**وِرِھہ:** سور، ڏک، درد

پيار پروڙڻ جي گت ڏيئي،
وِرِھہَ وڏي ھمراھي ڪيئي!

(لاٽ: 1، 32)

**ورهه وائي:** دردن جو ذڪر، سورن جو اظهار، ڏکويل دانهن.

انگ انگ ۾ اٿيا اُڏما، لونءَ لونءَ ۾ وِرههَ وائي!

(لاٽ: 1، 49)

وصال: ميل جول، ملاقات، گڏجي ڪچهريون ڪرڻ.

آپ ئي هجرت، آپ وصال،

اپڻي ٿيو سي آپ مثال.

(لاٽ: 2، 19)

**وقلڻ:** ٻيو ٻيو ڳالهائڻ، هيڏي هوڏي جون اجايون سجايون ڳالهيون ڪرڻ، نشي جي صورت ۾ ٽِڙيل ٽڙيل ڳالهائڻ.

ملان! هاڻ ته وقلين وينو

ٿورو پئندو ڪر پوتارَ!

(لاٽ: 1، 23)

**ويرن:** ڇولين، بهادرن

شيدائي بنيون منزل جي وِيرَنِ کي ٿيون سڏن!

(لاٽ: 1،1)

**وِيُرانِ:** اُجڙيل، تباهه ٿيل، تهس نهس ٿيل

هي منزل نما ويران سائبانن جا کنڊر،

هرهڪ راهرو قافلي جو نشان!

(لاٽ: 1، 5)

**وينجهر:** ونڏِيندڙُ اهي جيڪي گهڻن موتين مان سچا موتي سچاڻي ۽ پڌرا ڪري ڏين، پارکُو

اهڙا وينجهر جيڪي ڏات جا ڏيئا ٻاري،

رات کي ڏينهن جو رُوپ ڏئي ويا!

(لاٽ: 2، 40)

**هانءُ ڦانڻ:** خوف جي انتها، ڊڄ جي شدت

هوا جو هانءُ تي ڦاٽو وڏا واڪا ڪري ڪيئي،
رڪي رڪي وري تي بجلين ڪي وحشت تي.

(لاٽ: 1، 1)

**هتيا:** هٿراڌو موت

سندر بن ۾ هيڏي هتيا، سندرتا سان هيڏو هاڃو،
اپ ۾ ڏرتيءَ جنم جنم کان ڪونہ ڏٺو هو.

(لاٽ: 2، 96)

**هجرت:** نقل مڪاني، لڏپلاڻ، ڏور هليو وڃڻ، دربدري.

فطرت جي منشا جي اشاري سان انسان ڏسي وتو آئيندي جو
خواب نئينءَ ڪنواريءَ ڏرتيءَ ڏانهن هجرت جو خواب.

(لاٽ: 2، 38)

**هچا:** اوٽ، ظلم، پاپ، روڳ

وقت جي درياه سان کهڙو غرور،
هر هچا سان تيڙ ڪائي ٿو شعور!

(لاٽ: 2، 102)

**هجر:** جدائي.

آپي هجر تي آپي وصال،
اپٽي ٿيو سپ آپ مثال.

(لاٽ: 2، 19)

**هرڪي:** موهت تي، لالچ ۾ اچي، متاثر تي.

عارضي سونهن تي هرڪي ڪيئي جوڏا ۾ جوان،
راهہ پلجي ۾ وساري ٿا چڏن منزل ڪي.

(لاٽ: 1، 20)

**هر سِمتِ خارَ:** جيڏانهن ڪيڏانهن يا چئوطرف ڪنڊا، سمورو ماحول تڪليف ۾

هوشيار، اي اهلِ گلشن! هوشيار،
صحنِ گلشن ۾ پيا آهن هر سمت خار.

(لاٽ: 1، 71)

**هرسُو:** چئو طرف، جا ڏهون ڪاڏهون

ڳلي جا طوق بدلجن پيا هرسو سدا،
توکي نہ آهي صدين جي حساب جي صورت!

(لاٽ: 2، 31)

**هر دوش:** هر هڪ عمل، هر هڪ رويو، هر هڪ ادا

هر دوش تي هارڙو آهي اجا خونِ جگر،
هر قدم تي آهہ پيدا ڪرڙو هڪ تاره سحر!

(لاٽ: 1، 76)

**هر لمحہ:** هر گهڙي بار بار، مسلسل

خوشيءَ جا خزانا، مسرت جا لمحہ تازا توانا،
توهان جي سخن ساز شيرين زبانن جو دستور آهن!

(لاٽ: 1، 6)

**هستي:** وجود، هئڻ جي تصديق، موجودگي

دم بدم تخليق جي ميدان ۾،
پيا پچائن شرط هستي ۽ عدم.

(لاٽ: 2، 34)

**هستيءَ جو داغ:** هئڻ جو ڏچو، موجودات جا عذاب.

اڄ وري لُٽِجي ويو فطرت جو باغ،
اڄ وري ڦاٽي پيو هستيءَ جو داغ.

(لاٽ: 1، 81)

**هسوار:** شاهي سوار

اڄ ڪٿ هسوارن جي گهوڙن جي ٽاپولين جا پڳ ۽ پيرا،
فتحَ منديءَ جا دڳ ۽ ديرا!

(لاٽ: 2، 90)

**هڪل سان پهچڻ:** ڏکئي وقت ۾ مددگار ٿيڻ، سَڏَ ۾ سَڏُ ڏيڻ.

هڪل سان نہ پهتا هئا يار پنهنجا
وري ويا وري آڳ ٽارڻ جو ڳالهيون.

(لاٽ: 1، 31)

**هڪ هٽي:** مطلق العناني، فقط هڪ جو حڪم هلي، هٺ ڌرمي

تو دانگيءَ سان وهنوار ڪيو
مون هڪ هٽي سا ٽوڙي آهي.

(لاٽ: 2، 112)

**هُليليون پوپريون:** ٽينگ ٽپا ڏيندڙ نديڙيون چلڪندڙ پوپريون مَڇيون.

جنهن جي لهرن ۾ جوانيءَ جون هُليليون پوپريون ٽڙڪنديون پڇنديون،
وتن، جنهن جي ڪنڌين تي رڱو چاهت جون چنبليون ٽيون ٽڙن!

(لاٽ: 2، 43)

**هم راز:** راز و نياز ۾ ڳُجهين ڳالهين ۾ ڀاڱيپائيوار

فطرت جي همراز انهيءَ انسان گهڙيون آسيسون ماٽي،
ڌرتيءَ تي ڏاهپ جي مثالي تهذيبن جا جهنڊا کوڙيا!

(لاٽ: 2، 36)

**هم ڪلام ٿيڻ:** خود سان يا هن سان خود پاڻ ڳالهائڻ

جي نہ ٿين برهمر تہ توسان ڪا گهڙي ٿيان هم ڪلام،
آروز هئي ڪيتري مدت کان دل ۾ صبح و شام!

(لاٽ: 1، 76)

**همنوا:** اي ساٿي، گڏ هلندڙ.

ذهنِ عالم کي اجا پتڪڻ نہ ڏي اي همنوا!
خود پشيمان پاڻ تي نادان ٿيندو غم نہ ڪر!

(لاٽ: 1، 90)

**همنشين:** ساڻ گڏ هئڻ وارا.

آهن پسند مون کي خزان جون نوازشون،
اي همنشين نہ مون سان بهارن جي ڳالهہ ڪر!

(لاٽ: 1، 61)

**هنوز:** اجا، اجاتائين

اپ ۾ ڏرتي جنهن جي دهشت سان دهلجن ٿا روز،
جنهن جي دهشت آڏو ڪوئي آيو ناهي هنوز.

(لاٽ: 2، 16)

**هنبوڇيون هڻڻ:** ٽينگ ٽپا ڏيڻ، ٻَغليون ٺوڪڻ.

چئوطرف آڙاهہ جي، ڪيئن سوين شيطان هنبوڇيون،
هڻن پيا، ڏڙ سپن جا ساڳيا ماڻهن جيها!

(لاٽ: 2، 54)

**هَڻُ ڪَڻُ:** نانگ جو قِسمُ.

اونداها گهرن غارن ۾ ڪيئي لنديون، ٽڪلا، ڳوراهون، هڻ ڪڻ، ۾ هزارين ازدهائون!

(لاٽ: 1، 9)

**هوا ۽ خوش سَيرُ:** وڻندڙ ۽ پرسڪون هوا.

هر طرف ڪان ٿي لڳي اهڙي هوا ۽ خوش سَيرُ،
ٿي ويس دنيا وما فيها ڪان بلڪل بي خبر!

(لاٽ: 1، 73)

**هوڪا ڏيڻ:** ڏاڍيان، وڏي آواز سان وضاحتي اعلان ڪندڙ.

هڻ ۽ ڪڻ هوڪا ڏسندي،
سيئي سڻايون سَمُجهِي آيا.

(لاٽ: 1، 52)

**هُوڪَرِن:** وڏين وڏين دانهن جي صورت ۾ سڏڻ.

بي رحم ٿهڪن ۽ وحشتناڪ واڪن هُوڪرن سان،
ساروئي ماحول ڪچڙي گاهہ جيان لرزي پَيو!

(لاٽ: 2، 52)

**يادِ عشرتِ ماضي:** گذري ويل دؤر جي مزيدارين جي سار

سازِ فرقت تي بقدرِ ضربِ غم ڳائي ٿي دل،
يعني يادِ عشرتِ ماضيءَ ڪي دهرائي ٿي دل!

(لاٽ: 1، 57)

**يَڪ تِڪ:** هڪ هنڌ بيهي وجڻ، جُوهہَ پائڻ.

هوءَ سُهڻي هئي، ڏاڍي سُهڻي، ايڏي سُهڻي،
جنهن ڪي ڏسندي اکيون يڪ تڪ ڄمي ويون ٿي.

(لاٽ: 2، 80)

**يَڪِسَرِ:** اڪيلي، هڪڙي ئي هڪڙي، موربڱوئي

اِي ڪِ توکي ٿا چون دنيا ۽ دولت جو خدا،
اي ڪِ تنهنجي ذات يڪسر پيڪرِ حرص و هوا!

(لاٽ: 1، 76)